ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 04 آڪٽوبر 2026ع 21 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (50)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 3rd October 2026

حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور ڪامياب، ڳالهيون جاري رکڻ تي اتفاق

پيپلز پارٽي ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ ٿيو، حڪومت جو اپوزيشن جي باني چيئرمين سان ملاقات جو بندوبست ڪرڻ تي اتفاق

گرفتار اڳواڻن ۽ ڪارڪنن توڙي باني چيئرمين جي ڀينرن جي آزاديءَ بابت معاهدو طئي، خيبر پختونخوا حڪومت دهشتگردي جي مسئلي کي سياسي رنگ نه ڏيڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو

باني چيئرمين بابت سپريم ڪورٽ جي حڪم تي به عمل ٿيڻ جو امڪان. اجلاس انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سمورين پارٽين اڄ به ساڳئي جذبي سان ڳالهيون جاري رکنديون: اياز صادق

حڪومت طرفان وفاقي وزيرن امير مقام، راڻا ثناءُالله، محسن رضا نقوي، طلال چوڌري ۽ طارق فضل چوڌري ۽ پيپلز پارٽي جي طرفان شيري رحمان، نويد قمر ۽ اعجاز حسين جکراڻي شرڪت ڪئي

اپوزيشن طرفان بئريسٽر گوهر خان، راجا ناصر عباس، علامه بوگي اسد قيصر، حليم عادل شيخ ۽ سلمان اڪرم راجا شرڪت ڪئي، جيڪڏهن اڳتي وڌڻو آهي ته اعتماد بحال ڪرڻو پوندو: ڏرين ۾ اتفاق

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور ڪامياب رهيو آهي جڏهن ته ٻنهي ڌرين پنهنجي مطالبن بابت ڳالهيون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو آهي. حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ ٿيو ڌرين جو چوڻ آهي ته حڪومت
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ڏکڻ ڪوريا وچ ۾ تيل جي منصوبي لاءِ 8.4 ارب ڊالر جو معاهدو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته ڏکڻ ڪوريا سان سنڌس ملڪ جي واپاري معاهدي ۾ تيل جي پيداوار بحال ڪرڻ جي هڪ منصوبي لاءِ 8.4 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو والاريل ڪشمير ۽ فلسطين جي حقِ خودارادي تي گڏيل قومن کان عملي قدمن جو مطالبو

عالمي قانون کي هڪ صورتحال ۾ ڀرپور طريقي سان لاڳو ۽ ٻي ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي: پاڪستاني نمائندو عثمان جدون

تقريبن گڏريل 8 ڏهاڪن کان ڪشميري عوام سلامتي ڪائونسل جي انهن ٺهرائن تي عملدرآمد جو منتظر آهي

غزه ۾ جنهن صورتحال مان گذري رهيو آهي، اهو عالمي برادري جي اجتماعي ضمير لاءِ هڪ اهم امتحان آهي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان غير ملڪي قبضن جي مذمت ڪندي گڏيل قومن تي زور ڀريو آهي ته ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام جي خودارادي واري حق جي ضمانت ڏيندڙ پنهنجي پراڻين ٺهرائن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي ڳوزير اسحاق ڊار سان نيٽلي بيڪر ملاقات ڪري رهي آهي

عورتن جي 800 ڪاروباري منصوبن جي معاونت لاءِ ڏيڍ ڪروڙ ڊالر جو گرين فنانس منصوبو تجويز

اسلام آباد (اي پي پي) عورتن جي قيادت ۾ هلندڙ 800 کان وڌيڪ ڪاروباري
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪينيا ۾ ڪيترن گاڏين جي ٽڪر ۾ 17 ڄڻا فوت

نيروبي (اي پي پي) ڪينيا جي نيروبي-ممباسا شاهراهه تي ڪيترن گاڏين جي ٽڪر
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ جو فيصلو ڪري چڪي هئي، پيپلز پارٽي مخالف ڪئي: بلاول ڀٽو زرداري

خيبرپختونخوا ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، لانگ مارچ ختم ڪري دهشتگردي جي خلتمي لاءِ وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ لکت ۾ معاهدو ٿيڻ گهرجي

سياسي بحران ۽ دهشتگردي معاملن کي گڏ نه ڪيو وڃي، سمورين سياسي ڌرين کي گڏجي قومي پلان تيار ڪري دهشتگردي خلاف گڏيل ۽ اثرائتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي وڌڻ جا اثر سنڌ تي به پوندا، تنهن ڪري دهشتگردي ۽ افغان سرحد پار حملن واري معاملي کي سنجيدگي سان ڏسڻ ضروري آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ تي جو ذهن ناهي ڇڏيو هو پر پيپلزپارٽي آئيني اختيار استعمال ڪرڻ کان اڳ سياسي حل ڳولڻ ۽ ڳالهين جو مطالبو ڪيو

ذهن ڏيڻهن کان گاڏي وارو شهر اسلام آباد بند پيل آهي، احتجاج جو مقصد هڪ حد تائين حاصل ٿي چڪو آهي، هاڻ سياسي ڌرين کي ڳالهين ذريعي معاملو حل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي

ڪي فور منصوبي تي وفاق ٻيهر پنهنجو واعدو پورو نه ڪيو، تنهنڪري، سنڌ حڪومت منصوبي کي پيپلزپارٽي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پي ٽي آءِ کي لانگ مارچ ختم ڪري وفاقي حڪومت سان دهشتگردي جي معاملي تي لکت ۾ معاهدو ڪرڻ گهرجي سياسي بحران ۽ دهشتگردي کي الڳ رکيو وڃي ۽ سمورين سياسي ڌرين گڏجي دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي پلان تيار ڪن ڪراچي ۾ گريٽر ڪراچي سيوريج
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري گندي پاڻي کي صفا ڪرڻ واري تصويبي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات، لاڳاپن تي ڳالهيون

برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ پرڏيهي وزارت ۾ نائب وزيراعظم سان ملاقات ڪئي

ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي اڳيان وڌڻ جو واحد عملي جوڳو طريقو آهن: نائب وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي اڳيان وڌڻ جو واحد عمل
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ٽيڪسٽائيل جي صنعت ملڪي معاشي سجائپ جو اهم ٿنڀ آهي: هارون اختر

حڪومت صنعتي برابري ۽ روانگي واپار کي هٿي وٺائڻ تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي

اهڙو سازگار ماحول جوڙڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون، جنهن سان سيڙپڪاري ۾ واڌ ٿئي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار بابت صلاحڪار هارون اختر خان چيو آهي ته پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل صنعت ملڪي معاشي سجائپ جو اهم ٿنڀ آهي حڪومت قومي صنعتي پاليسي تحت
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ڊيزل ٻارڻ جي روانگي واپار تي پابندي نه لڳائيندو: ڊونلڊ ٽرمپ

يورپ وٽ ڊيزل جا وڏا ذخيرا موجود آهن ۽ آئون عالمي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪندس

ڊيزل جي روانگي واپار تي پابندي جو معاملو ڪڏهن به غور هيٺ ناهي آيو: آمريڪي صدر

اسلام آباد (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا ڊيزل ٻارڻ جي روانگي واپار تي پابندي نه لڳائيندو چاڪاڻ ته ان معاملي تي پابندي جي تجويز ڪڏهن به سنجيدگي سان غور هيٺ ناهي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف جاري مهم ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير پاران بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ خارجي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ وارين ڪوشش کي مضبوط بڻائڻ ۾ عوامي حمايت هڪ اهم عنصر آهي: وفاقي گهرو وزير

عوام جي حمايت ۽ سيڪيورٽي فورسز جي لڳاتار ڪوششن سان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ خوارجي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي، آپريشن دوران
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ٽريٽمينٽ پلانٽ ون جو فعال ٿيڻ سيوريج نظام ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي: شرجيل ميمڻ

ٽي پي ون جي صلاحيت کي 51 ملين گيلن روزانو مان وڌائي 100 ملين گيلن روزانو ڪرڻ جو منصوبو آهي

لياري ۽ ملير جا 56 ڪلوميٽر ٽرنڪ سيور گندي پاڻي کي ٽريٽمينٽ پلانٽن تائين پهچائيندا

صاف ڪيل پاڻي صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ سان مٺي پاڻي جي وسيلن تي دٻاءُ گهٽائڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گريٽر ڪراچي سيوريج پلان ايس ٿري تحت ٽريٽمينٽ پلانٽ ون جو فعال ٿيڻ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مٺي: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر راجپوت بار جي عهديدارن کان حلف وٺي رهيو آهي

ڪراچي چڪور نالي ۾ سان ڪارپيٽنگ جو ڪم چئن ڏينهن ۾ مڪمل ٿيندو: مرتضيٰ وهاب

منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان گلستان جوهر ۽ ڀرپاسي جي شهرين لاءِ سفر ۾ سهولت ملندي

اسان ڪراچي جي عوام سان ڪيل واعدن کي عملي شڪل ڏئي رهيا آهيون: سٽي ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته چڪور نالي جي ڀرپاسي جاري ڪارپيٽنگ جو ڪم ايندڙ چئن ڏينهن اندر مڪمل ڪيو ويندو جنهن سان ڪانيءَ علائقي جي شهرين کي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ريلوي جي سمورن ورڪشاپز ۽ يارڊز ۾ جديد سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ جي هدايت

موجوده مالي سال جي ريوينيو هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: حنيف عباسي

ڪم جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ڪوتاهي ڪندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

ملت، عوام، ميانوالي ۽ قراقرم ايڪسپريس هلندڙ مهيني خانگي شعبي حوالي ڪيون وينديون: اجلاس ۾ اعليٰ عملدارن جي بريفنگ

لاهور (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سامان جي رسد ۾ دير ڪندڙ خانگي وينڊرز کي فوري طور تي بليڪ لسٽ ڪرڻ ۽ ريلوي جي سمورن ورڪشاپز ۽ يارڊز ۾ جديد سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ سان گڏوگڏ نجي سيڪيورٽي مقرري ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته موجوده مالي سال جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي جا رٽائرڊ ملازمن جي بک هڙتال، ٻن جي حالت خراب

پينشن جي ادائيگي سميت مطالبن لاءِ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال جاري

حسين بخش ڏيسر ۽ سونو خان عالماڻي بيهوش، ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل

ڊاڪٽر پاران وڏي عمر وارن لاءِ بک هڙتال صحت لاءِ خطرناڪ قرار

ٽنڊوڄام (ن ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي عدم ادائيگي ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ شروع ڪيل مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال کي 24 ڪلاڪ گذري ويا، جنهن دوران ٻن بک هڙتالين جي طبيعت خراب ٿيڻ بعد کين بيهوشي جا دورا پيا ۽
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ پورهيت مٽان جعلي مقابلن جو ڪيس مڙهڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ايس ايڇ او غلام حيدر چانڊيو جعلي مقابلي جا 2 ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن: معشوق هنگورو

پوليس مخالفن جي ونگار رهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري هيسائڻ جي ڪوشش ڪري پئي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ نوجوان پورهيت مٽان جعلي مقابلن جو ڪوڙو ڪيس مڙهڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو ڳوٺاڻن انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ عدالت جو دروازو کڙڪائڻ جو اعلان ڪيو آهي ان موقعي تي ڳوٺ ڏڙا هنگورا جي هنگورا برادري جي رهواسي ڳوٺاڻن امام الدين هنگورو معشوق
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻارڙن سميت 8 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪورنگي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر سان هڪ پاءُ فوت، ٻيو زخمي، بس ۽ ڊرائيور پوليس تحويل ۾

ريلوي ٽريڪ، ڇپائي مشين، ٽريلر ۽ ٻين حادثن ۾ وڌيڪ جاني نقصان، ڪيترن فوتين جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي

سپر هاءِ وي تي ڪير جي گاڏي ڪلٽي ٿيڻ سبب ٻه ڄڻا فوت، لاش قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن الڳ الڳ حادثن ۾ ٻارڙن سميت 8 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو ڪورنگي بلال ڪالوني واري
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ملير جي مختلف علائقن ۾ ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو جي حمايت ۾ ريليون

ٺٽو، گهارو، ساڪرو، ڳڀاڻ، ڪاٺوڙ، ملير ۽ ٻين علائقن مان مختلف برادرين جون ريليون احتجاج ۾ شامل

مظاهرين پاران بلوچستان جي اڳوڻي ايم پي اي علي حسن زهري خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ ايم اين اي سردار جام عبدالڪريم جوکيو خلاف بلوچستان جي اڳوڻي ايم پي اي علي حسن زهري پاران ڳيا لفظ ڳالهائڻ خلاف ٺٽي، گهارو ساڪرو گڏاپ، ڪاٺوڙ ملير
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ رتوديرو ۾ فائرنگ سبب جاني نقصان جو نوٽيس ورتو، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رتوديرو ۾ فائرنگ سبب جاني نقصان واري واقعي تي وزير داخلا سنڌ ضياءِ الحسن لنجار ۽ آءِ جي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو جي ڪردار ڪشي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نائيجيريا ۾ بوڪوحرام جي حملي کان پوءِ 15 لاش هٿ

ابوجا (اي پي پي) نائيجيريا جي اتر اوڀر واري رياست بورنو ۾ بوڪوحرام جي شڪي دهشتگردن جي حملي کان پوءِ
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص / مسوپرڳوٺ: ڪان غلام حيدر جويو شگر مل ويندڙ 28 ڪروڙن جو روڊ تباهيءَ جو شڪار

مسوپرڳوڙي ڪان غلام حيدر جويو شگر مل ويندڙ 28 ڪروڙن جو روڊ تباهيءَ جو شڪار

بنا ڪائڻن واري گوبل سان ٽريڪٽرن جي آمدرفت سبب روڊ کي نقصان پهچڻ جو سلسلو جاري

سرڪاري خزاني ۽ عوامي مفادن کي نقصان پهچي رهيو آهي، انتظاميا نوٽيس وٺي: پورهيت مزاحمت تحريڪ

مسوپرڳوڙي (ن ع) مسوپرڳوڙي ڪان غلام حيدر جويو وايا معياري شگر مل جو ڪروڙين رپين جو روڊ بنا ڪائڻن گوبل سان تباهه روڊ اڪيڊينٽ هڪ به ڊرائيور گرفتار نه ٿي سگهيو پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

وينزويلا جي ساموراني علائقي ويجهو 5 شدت جي زلزلي جا لوڏا

بيجنگ (اي پي پي) وينزويلا جي ساموراني علائقي ويجهو 5.0 شدت جو زلزلو آيو جرمن ريسرچ فار جيو سائنسز مطابق زلزلي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

رتوديرو ۾ پراڻي زميني تڪرار تان دڪان تي فائرنگ، پيءُ ۽ ٻن پٽن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

جيڪب آباد روڊ تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ رجب علي گهانگهرو ۽ سندس ٻن پٽن رياض ۽ قربان قتل ٿي ويا

گوليون لڳڻ بلاول گهانگهرو ۽ واٿهڙو عبدالله بروهي به مارجي ويا، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال منتقل

واقعو پراڻي زرعي زمين واري تڪرار جو نتيجو قرار، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ٽيمون روانيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) رتوديرو ۾ پراڻي زميني تڪرار تان هٿيارٻندن دڪان تي فائرنگ ڪري واٿهڙو سميت 5 ڄڻن کي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

مٺي ۾ ايم ڊي ڪيٽ پوزيشن هولڊر ٽري شاگردن جي مان ۾ تقريب

ٿر جي باصلاحيت شاگردن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ، اجرڪ ۽ ٿري شال جا تحفا ڏنا ويا

تعليم، صحت ۽ تحفظ هر شهري جو بنيادي آئيني حق آهي: محمد يوسف

مٺي (ڊ-ر) جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ نيو ڪراچي ٽائون جي چيئرمين محمد يوسف مٺي ۾ ايم ڊي ڪيٽ ۾ جي پوزيشن هولڊر ٿر جي شاگردن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

مٺي: جماعت اسلامي پاران ايم ڊي ڪيٽ ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگردن کي آجياڻو ڏنو پيو وڃي

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پرڏيهي آفيس جي مسجد جي واڌ ۽ رنگ روغن جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 58 لک 75 هزار رپيا ڦر ڪندڙ جوابدار مبينا پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شير شاهه واري علائقي ۾ پوليس چار ڏينهن اڳ شهري کان 58 لک 75 هزار رپيا ڦر ڪندڙ جوابدار
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڪستان ۾ پهرين گندو پاڻي صاف ڪري ٻيهر استعمال واري منصوبي جو افتتاح

وڏي وزير مراد علي شاهه هارون آباد ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ جو افتتاح ڪيو، صنعتن کي روزانو 35 ملين گيلن پاڻي ملندو

صاف ڪيل پاڻي صنعتن کي فراهم ڪرڻ سان برابر مقدار جو مٺو پاڻي گهريلو استعمال لاءِ دستياب هوندو

پاڻي جي کوٽ، وڌندڙ آبادي ۽ صنعتي گهرج کي منهن ڏيڻ لاءِ منصوبي کي اهم قدم قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هارون آباد ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ ون (TP-1) جي افتتاح جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هي منصوبو پاڻي جي سيڪيورٽي کي بهتر بڻائڻ پائيدار صنعتي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ پاڻي جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

غزه ۾ رهائشي عمارت تي اسرائيلي حملو 5 فلسطيني شهيد

گذريل آڪٽوبر بعد اسرائيلي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 1400 فلسطيني شهيد ٿي چڪا

رام الله (اي پي پي) غزه ۾ صحت کاتي جي عملدارن ۽ امدادي ڪارڪنن ٻڌايو آهي ته ڇنڇر ڏينهن صبح شهر ۾ هڪ رهائشي عمارت تي اسرائيلي فضائي حملي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 فلسطيني
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جناح اسپتال ۾ جديد ڪينسر علاج ۽ طبي تحقيق کي هٿي ڏيڻ جو ترجيح آهي: وڏو وزير

جي پي ايم سي کي صحت، طبي تعليم ۽ تحقيق جو نمايان مرڪز بڻائڻ لاءِ سيڙپڪاري جاري رکي ويندي

هي ادارو صحت جي سهولتن، طبي تعليم ۽ تحقيق ۾ پاڪستان جي اعليٰ ترين مرڪز طور اڀري آيو آهي

طبي ماهرن ۽ نوجوان ڊاڪٽرن کي مقامي تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي ۽ مريض مرڪوز علاج تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڇنڇر ڏينهن جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) ڪراچي ۾ سٽين سالياني نيورو-انڪالاجي سمپوزيم (ANOS 7) جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير ناصر شاهه پاران پارٽي سرحدي فورس جي فائرنگ ۾ ٻن پاڪستاني شهرين جي شهادت جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه قصور ويجهو پارٽي بي ايس ايف جي فائرنگ ۾ ٻن پاڪستاني شهرين جي شهادت تي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني شهرين جي شهادت تي دل انتهائي رنجيده آهي عظمت رسول ۽ محسن جٽ جي شهادت
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ريبيز جا وڌندڙ ڪيس حڪومت جي نااهلي ۽ ناڪامي جو ثبوت آهن: حليم عادل

ٻهراڙي ۽ شهري علائقن ۾ ريبيز کان بچاءُ واري ويڪسين نه هجڻ حڪومت جي سنگين غفلت آهي

سيمينارن ۽ ڪاغذي دعوائن بدران علائقائي سطح تي هنگامي بنيادن تي عملي قدم کنيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ ريبيز جا وڌندڙ ڪيس صوبائي حڪومت جي نااهلي ۽ ناڪامي جو چٽو ثبوت آهن پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته چيف سيڪريٽري سنڌ پاران ريبيز جي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پراپرٽي ڊيلر جي قتل ۾ پوليس اهلڪار ملوث نڪتو، گرفتار

ڊيلر معراج حسن عابدي جي قتل ۾ ملوث اهلڪار اسرار وٽان پستول هٿ ڪيو ويو

گرفتار اهلڪار پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ کان اڳ مقتول جو سيڪيورٽي گارڊ رهي چڪو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سائوٿ پوليس ڊيفنس سي ويو ويجهو ڪار مان مليل پراپرٽي ڊيلر معراج حسن عابدي جي لاش جو معمو 48 ڪلاڪن اندر حل ڪندي فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ جي الزام ۾
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ نينگر ڇڻا پچي رهيو آهي

سنڌ اي-اسپورٽس چيمپئن شپ 2026" سيمي فائنل داخل، دلچسپ مقابلا

سيڪريٽري منور مهيسر ۽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق ڪراچي لکي ون مال جو دورو ڪيو

اسلام آباد، گجرات، ڪوئيٽا، لاهور، گلگت ۽ ٻين شهرن جا رانديگر سيمي فائنل ۾ شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي وژن ۽ سنڌ جي رانديون واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي سنڌ حڪومت جي ميزبانيءَ ۾ "ٽيڪسورا سنڌ اي-
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ٻن شهرين جي قتل تي ڀارتي ناظم الامور پرڏيهي وزارت ۾ طلب، شديد احتجاج رڪارڊ

پاڪستان فوت ٿي ويل ماڻهن کي در انداز قرار ڏيڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي واضح طور تي رد ڪري ٿو

ڀارت عالمي قانون جو احترام يقيني بڻائي ۽ لاڳاپيل ٻه طرفن انتظامن ۽ سرحدي طريقيڪار تي پابندي ڪري

واقعو بنيادي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي ۽ عالمي قانون تحت شهري زندگي جي تحفظ بابت سنگين خدشا پيدا ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز طرفان پنهنجي ٻن شهرين جي قتل تي ڀارتي ناظم الامور کي طلب ڪري شديد احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي جڏهن ته واضح ڪيو ويو ته پاڪستان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: آٽوڀان روڊ تي ترقياتي ڪم ڪيو پيو وڃي

ڪپرو ويجهو رڪشو ڪلٽي ٿيڻ سبب نائين ڪلاس جو شاگرد فوت

لوڻ ڪاڻ روڊ وڏل اسٽاپ تي حادثي ۾ 15 ورهين جو ڪيلاش ڀيل فوت ٿي ويو

نوجوان جو لاش ڪلو مان ڪپري اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪپرو(ن ع) ڪپرو لوڻ ڪاڻ روڊ تي وڏل اسٽاپ وٽ رڪشو ڪلٽي ٿيڻ سبب هائي اسڪول لوڻ ڪاڻ ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندڙ 15 ورهين جو ڪيلاش ولد راڄجي ڀيل رڪشو ڪلٽي ٿيڻ سبب فوت ٿي ويو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر راجپوت سول ڪورٽ جي عمارت جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جو ڪنري جو دورو، نئين جوڊيشل ڪمپليڪس جو افتتاح

چيف جسٽس جي ڪنري آمد تي گلن جي ورکا سان استقبال، عدالتي احاطي ۾ ٻوٽو پڻ پوکيو

جوڊيشل ڪمپليڪس جي نئين عمارت جو افتتاح ڪري دعا گهري وئي، سيشن جج ۽ وڪيلن جي شرڪت

عمرڪوٽ/ پٿورو (نمائندن وٽان) سنڌ هائي ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪنري پهتو جتي ڪيس گلدستو ڏئي گلن جي ورکا ڪري سندس استقبال ڪيو ويو هن عدالتي احاطي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪپرو لڳ آبادگارن جي گڏجاڻي، فصلن جي اگهن ۽ شگر ملون نه ڪلڻ بابت غور ويچار

گڏجاڻي ۾ جاويد جوڻيجو، ايوب وساڻ، عبدالسلام هاليپوٽو ٻين آبادگارن شرڪت ڪئي

جيڪڏهن جائز مسئلا حل نه ڪيا ويا ته قانوني ۽ جمهوري طريقي سان آواز بلند ڪندا

ڪپرو(ن ع) فارمرز آرگنائيزيشن ڪائونسل سنڌ جي گڏجاڻي، آبادگارن پاران پاڻي، زرعي دوائن ۽ فصلن جي اگهن وقت سر شگر ملون نه ڪلڻ بابت خدشن جو اظهار ڪپرو ويجهو ڳوٺ محمد ايوب وساڻ وٽ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بدين جي سرڪاري اسڪولن ۾ تعليمي آگاهي مهم، 41 هزار شاگردن کي ليڪچر

مهم دوران تعليم جي اهميت، استادن جي عزت ۽ سلام ٽيچر ڊي بابت آگاهي ڏني وئي

بدين تلهار، ٽنڊو باگو گولاڙچي ۽ ماتلي جي مختلف اسڪولن ۾ موٽيويشنل ليڪچر منعقد

بدين (ڊ ر) نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ (NCHD)بدين ۽ ضلعي تعليم کاتي جي گڏيل سهڪار سان بدين، تلهار، ٽنڊو باگو، گولاڙچي ۽ ماتلي جي مختلف سرڪاري اسڪولن ۾ موٽيويشنل ۽ آگاهي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آبپاشي کاتي جي ايس ڊي او هاري کي مارڪٽ ڪئي: غلام مصطفيٰ ٻهراڻي

زخمي هاري ٽائي تان ليڊر وٺي تعلقي اسپتال پهتو، سندس طبي معائنو ۽ علاج ڪرايو ويو

ايس ڊي او آبپاشي مبينا 3 لک رپيا رشوت عيوض واٽر تي پاڻي ورڪر ڪري رهيو آهي

آبپاسي کاتي جو تشدد جو الزام بي بنياد قرار، هاري تي 3 انچ پائپ لڳائي پاڻي کڻڻ جو الزام

ڪوٽ غلام محمد(ٽ ر) پچاڻ موري ديهه 349 جي آبادگار غلام مصطفيٰ ٻهراڻي آبپاشي کاتي جي عملي تي سنڌس هاري ياسين کيري کي مبينا تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ هراسان ڪرڻ جا الزام لڳايا
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ مسافر بس حادثي جو شڪار 6 ڄڻا فوت، 10 زخمي

کٽمنڊو (اي پي پي) نيپال جي نوال پاراسي ايسٽ ضلعي ۾ مسافر بس حادثي جو شڪار ٿيڻ سبب 6 ڄڻا فوت ۽ 10 زخمي ٿي پيا پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته بس ۾ 18 مسافر سوار هئا ۽ اها اولهه
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

هٿين خالي پاڪستاني شهرين کي فائرنگ جو نشانو بڻائڻ انتهائي افسوسناڪ آهي: بلاول ڀٽو

پ پ چيئرمين پاران قصور ويجهو ڀارتي بي ايس ايف جي فائرنگ سبب ٻن پاڪستاني شهرين جي قتل جي شديد مذمت

عالمي سرحد تي هٿين خالي شهرين کي نشانو بڻائڻ انساني حياتين جي حرمت ۽ طئي ٿيل سرحدي ضابطن جي سنگين

معصوم پاڪستاني شهرين جي رت کي مودي سرڪار ۽ ڀارتي گودي ميڊيا ڪنهن هٺ ڌوڪي بيانيءَ ۾ ڪنهن پردي ۾ لڪائي نٿا سگهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قصور ويجهو ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز جي فائرنگ سبب ٻن پاڪستاني شهرين جي شهادت جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ملتان: روڊ ڪناري پنجاب پوليس موبائيل اسٽيشن بيٺل آهن

ملير ۾ سيڪيورٽي گارڊ جي قتل جو ڪيس داخل، صمد ڪاٺياواڙي گروهه نامزد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير سٽي ۾ زير تعمير عمارت ٻاهران فائرنگ ۾ سيڪيورٽي گارڊ جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب ڪيس سيڪيورٽي سپروائيزر جي فرياد تي ملير
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ 20 سال پراڻي هائوسنگ اسڪيم جي ڪمرشل پلاٽن تي تڪرار

ٻن ڪمرشل پلاٽن جا دستاويز هجڻ باوجود پيٽرن ۽ دڪان ڊاهي پٽ ڪيا ويا: آفتاب اقبال

عدالتي اسٽي باوجود هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ ايڇ ڊي اي جو ڪارناسو 20سال پراڻي هائوسنگ اسڪيم ۾ واقع ڪمرشل پلاٽ جو آڪشن ڪرائي حفاظتي پيٽرن ۽ دڪان ڊاهي پٽ،عدالتي اسٽي باوجود هراسان ڪرڻ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نيو چور ۾ ڊليوري بعد عورتن جي مقرر رقم ۾ مبينا بي ضابطگيون

علي اڪبر لغاري ۽ ڪانٽريڪٽ ڊرائيور مبينا خردبرد ۾ شامل: ذريعا

ٻي سي عمرڪوٽ ۽ اعليٰ اختيارين کان معاملي جي شفاف جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جو مطالبو

چور (رپورٽ لالجي سوڍو)پاپوليشن کاتي طرفان ڊليوري بعد عورتن لاءِ مقرر ڪيل اجرت جي رقم جي ورڇ واري نظام بابت عمرڪوٽ ضلعي ۾ سنگين سوال اٿڻ لڳا آهن جتي ذريعن موجب عمرڪوٽ توڙي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ گهر مان 10 لکن کان وڌيڪ سامان چوري، متاثرن جو احتجاج

ايوب ڪالوني ۾ رهواسي شرڪت علي سهتو مان سونا زيور، آئي فون سميت ٻيو سامان چوري ٿيو

متاثر شهري پاران ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي جوابدار گرفتار ڪري سامان واپس ڪرائڻ جي اپيل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر ۾ اڄجاتل چور رات جي يونٽين ٻهر ۾ شهري جي گهر جا تالا ٽوڙي سونا زيور موبائيل فونن بئٽري ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار پوليس ڪڪ پڇي بيٺو نه ڪيس
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي مان پشاور ويندڙ ٻه شاگرديائيون هٿ اچڻ بعد عدالت ۾ پيش، والدين حوالي

شاگرديائيون نور ارباب جوکيو ۽ ڪائنم آفريدي کي ڪراچي مان سيف هائوس ڄامشورو منتقل ڪيو ويو

ٻنهي نينگرين کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ ڪانپوءِ بيان ڪرڻ بعد والدين حوالي ڪيو ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) صوبائي وزير شاهينا شير علي جي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي ۾ گهٽ عمر وارين شاگرديائيون حفاظت سان تحويل ۾ ورتيون ويون. صوبائي وزير براءِ ترقي نسلوا سنڌ، محترمه شاهينا شير علي جي ذاتي دلچسپي بروقت حڪمت عملي ۽ فوري قدمن جي نتيجي ۾ ضلع
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

گمبٽ ويجهو ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ 2 پاٽر مارجي ويا، پيءُ سميت 3 زخمي

ڪچي واري علائقي ڳوٺ خانڻ ناريجو ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران فائرنگ ۾ پاٽر راشد علي ناريجو ۽ محڪم الدين ناريجو ٿڏي تي مارجي ويا

فائرنگ زخمي فوتين جو پيءُ عبدالرزاق ناريجو ۽ پاءُ قربان علي ناريجو سخت زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) تعلقي گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ ناريجا
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گمبٽ: جهيڙي ۾ قتل ٿي ويل پاٽر ۽ زخمي

ڊاڪٽر وسيم قاضي ايندڙ چئن سالن لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي وڏي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

[redacted]

پلان جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن وقت اسلام آباد ۾ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهي ۽ گذريل ڏهن ڏينهن کان گادي وارو شهر بند پيل آهي خيبرپختونخوا ۾ بيماري ٿيندي ته ڪراچي کي ڪنگهه ٿيندي، جيڪڏهن اتي دهشتگردي ٿيندي ته ان جا اثر سنڌ تي به پوندا. هن چيو ته خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جا واقعا سڀني جي سامهون آهن دهشتگردي تي ضابطو نه آندو ويو ته ان جا اثر ڪراچي سميت ٻين صوبن تائين به پهچندا. دهشتگردي پيپلزپارٽي جي ريڊ لائين آهي ان خلاف سڀني کي متحد ٿي مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ هن معاملي کي سياسي نظر سان نه ڏٺو وڃي. پيپلزپارٽي چيئرمين چيو ته گذريل هڪ ٻن هفتن کان وفاقي حڪومت، صدر مملڪت ۽ پيپلزپارٽي سان رابطي ۾ هئي، دهشتگردي جي واقعن سبب صورتحال سنگين ٿي هئي وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ فوري طور ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو ذهن ٺاهي چڪي هئي پر پيپلزپارٽي جو موقف هو ته آئيني اختيار استعمال ڪرڻ کان اڳ سياسي حل ڳوليو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان حڪومت کان پي ٽي آءِ سان ڳالهين جي اجازت گهري ۽ زور ڏنو ته معاملي جو سياسي حل ڪڍيو وڃي پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ ختم ڪرائي وفاقي حڪومت ۽ خيبرپختونخوا حڪومت وچ ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ لکت ۾ معاهدو ڪرايو وڃي هن چيو ته پي ٽي آءِ جو ڌيان احتجاج تي آهي جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي وڌي رهي آهي پي ٽي آءِ گذريل ڏهن ڏينهن کان اسلام آباد ۾ موجود ناهي پر اسلام آباد بند پيل آهي هڪ لحاظ کان احتجاج جو مقصد حاصل ٿي چڪو آهي. هاڻي سياسي معاملن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي هن چيو ته سياسي بحران ۽ سياسي مسئلا پنهنجي جاءِ تي آهن پر دهشتگردي کي قومي مفاد کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي سمورين سياسي ڌرين گڏجي دهشتگردي جو مقابلو ڪن اميد آهي ته اسلام آباد ۾ موجود سمورين سياسي جماعتون سياسي حل ڪڍنديون ۽ اهڙي صورتحال پيدا نه ٿيندي جو ايمرجنسي لاڳو ڪري دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻو پوي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلزپارٽي سمجهي ٿي ته دهشتگردي جو خاتمو سڀ کان اهم آهي سياسي استحڪام ايندو ته دهشتگردي جو مقابلو به بهتر نموني ڪري سگهنداسين ۽ عوامي مسئلن جو حل به ڪڍي سگهنداسين هن چيو ته خيبرپختونخوا ۾ صورتحال خراب ٿيڻ سان ان جا اثر سنڌ تي به پوندا. دهشتگردي ۽ افغان سرحد پار کان ٿيندڙ حملن جي معاملي کي سنجيدگي سان ڏسڻو پوندو ۽ سڀني جماعتن کي گڏجي ان خلاف حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. گريٽر ڪراچي سيوريج پلان بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ اهم منصوبن تي ڪم جاري آهي ڪي فور منصوبي بابت هن چيو ته وفاق هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو واعدو پورو نه ڪيو جنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت اهو منصوبو پيپلزپارٽي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ واري طريقيڪار تحت مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جيڪڏهن ڪٿي "شهباز اسپيڊ" جي ضرورت آهي ته اها ڪي فور منصوبي لاءِ آهي ۽ اسان اڃا تائين وفاق جي واعدي پوري ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا آهيون

[redacted]

جوڳو طريقو آهن. چنچر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب هن اها ڳالهه برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ سان ڳالهائيندي چئي جنهن پرڏيهي وزارت ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان برطانيه لاڳاپن تي ڳالهيون ڪيون ويون ۽ ٻنهي ڌرين ٻه طرفن لاڳاپن ۾ هاڪاري رفتار جي آجيان ڪئي ۽ ان تعاون کي اڳيان وڌائڻ لاءِ قدمن تي ڳالهيون ڪيون. هنن تبديل ٿيندڙ علائقائي صورتحال تي به ڳالهيون ڪيون. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي اڳيان وڌڻ جو واحد قابل عمل طريقو آهن

[redacted]

پيداوار، سيڙپڪاري، پيداواري صلاحيت، صنعتي برابري ۽ روانگي وپار کي هٿي وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي جڏهن ته پاڪستان کي ڪچي مال جي روانگي وپار سان اڳيان وڌندي تيار ۽ قدر ۾ اضافو ٿيل مصنوعات جي روانگي وپار طرف تيزي سان اڳيرائي ڪرڻي پوندي ته جيئن عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستاني شين جي قدر ۽ ملڪ جي روانگي وپار ۾ حصو وڌائي سگهجي. انهن خيالن جو اظهار هن چنچر تي آل پاڪستان ٽيڪسٽائيل پروسيسنگ ملز ايسوسيئيشن جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ايسوسيئيشن جا عهديدار ٽيڪسٽائيل صنعت سان لاڳاپيل ڪاروباري ماڻهو صنعتڪار ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جا نمائندا وڏي تعداد ۾ موجود هئا. وزيراعظم جي صلاحڪار چيو ته ميڊ ان پاڪستان دنيا ۾ پنهنجي جڳهه ٺاهي چڪو آهي هاڻي ان مقام کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ ۽ پاڪستاني شين کي عالمي مارڪيٽن ۾ وڌيڪ مضبوط سڃاڻپ ڏيارڻ جي ضرورت آهي پاڪستان کي وڌيڪ پيداوار بهتر معيار جي پيداوار ۽ دنيا کي وڌيڪ مصنوعات وڪرو ڪرڻ جي ضرورت آهي ان لاءِ ملڪي معاشي رخ پيداوار، روانگي وپار ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ پائيدار ترقي ڏانهن هٽڻ گهرجي. هارون اختر چيو ته قومي صنعتي پاليسي جو بنياد پيداوار سيڙپڪاري، پيداواري صلاحيت ۽ روانگي وپار تي رکي پئي وڃي حڪومت صنعتي شعبي لاءِ اهڙو سازگار ماحول جوڙڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي جنهن سان سيڙپڪاري ۾ واڌ، نئين صنعت جو قيام، موجوده صنعتي يونٽن جي واڌ، روزگار جي نون موقعن ۽ ملڪي پيداوار ۾ واڌ ممڪن ٿي سگهي هن چيو ته حڪومت جو ڪم ڪاروبار ڪرڻ نه پر اهڙو ماحول فراهم ڪرڻ آهي جنهن ۾ ڪاروباري ماڻهو پنهنجون صلاحيتون نئين سوچ ۽ تجربي کي ڪتب آڻيندي ڪامياب ڪاروبار ڪري سگهن ۽ ان کي وڌائي سگهن هن چيو ته حڪومت ريگيوليٽري رڪاوٽون ختم ڪرڻ ڪاروباري سرگرمين کي آسان بڻائڻ ۽ غير ضروري طريقيڪار جي خاتمي لاءِ قدم کڻي رهي آهي ته جيئن صنعتڪارن کي اجازت نامن، ڏکين قاعدن ۽ ضابطن ۽ غير ضروري انتظامي مرحلن ۾ وقت وڃائڻ بدران سيڙپڪاري، پيداوار، جدت، روانگي وپار ۽ روزگار جي هٿي ڏيڻ تي توجهه ڏيڻ جو موقعو ملي سگهي ٽيرف کي معقول بڻائڻ ۽ غير ضروري ضابطن جي خاتمي لاءِ قدم به جاري آهن جڏهن ته ريگيوليٽري گلوٽين ذريعي ڪاروباري شعبي لاءِ غير ضروري قانون ۽ ضابطن کي ختم ڪيو پيو وڃي هن چيو ته صنعتڪارن کي اهڙين پاليسين ۽ ڪاروباري ماحول جي ضرورت آهي جتي فيصلا وقت سر ٿين ۽ سيڙپڪاري جي عمل ۾ غير ضروري رڪاوٽون پيش نه اچن ڪاروباري ماڻهن کي اجازت نامن ۽ ڏکئي طريقيڪار بدران سيڙپڪاري، جدت، نين شين جي تياري، پيداواري صلاحيت وڌائڻ ۽ عالمي مارڪيٽ تائين رسائي تي توجهه ڪرڻ گهرجي هن چيو ته حڪومت صنعت ۽ ڪاروباري برادري جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ساڻن مسلسل رابطي ۾ آهي ته جيئن صنعتي ترقي جي راهه ۾ موجود رڪاوٽن کي ختم ڪري سگهجي. هارون اختر چيو ته پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل صنعت کي عالمي مارڪيٽ ۾ صرف گهٽ لاڳت جي بنياد تي مقابلو ڪرڻ بدران معيار، جديد ٽيڪنالاجي، ڊزائن، پائيداري، جدت ۽ وقت سر رسد کي پنهنجي چٽائي حڪمت عملي جو حصو بڻائڻو پوندو سڄي دنيا جي خريدارن جون ترجيحون تبديل ٿي رهيون آهن ۽ هاڻي صرف قيمت جو فيصلو اهميت نٿو رکي پر معيار، پائيداري، شين جي سڃاڻپ، جديد ڊزائن، ماحولياتي گهرجن ۽ رسد جي رفتار به عالمي وپار ۾ اهم سبب بڻجي چڪا آهن هن چيو ته پاڪستان وٽ مڪمل مربوط ٽيڪسٽائيل ماحولياتي نظام موجود آهي جنهن ۾ ڪپهه جي پيداوار کان وٺي ڌاڳي، ڪپڙي، پروسيسنگ، تيار ڪپڙن ۽ ٻين شين تائين مختلف شعبا شامل آهن جڏهن ته اصل چئلينج ان موجوده نظام سان وڌيڪ قدر پيدا ڪرڻ ۽ ان کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي

[redacted]

آئي پرڏيهي ميڊيا مطابق وائيٽ هائوس جي ڊڪ لائن ۾ ميڊيا جي سوالن جو جواب ڏيندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته يورپ وٽ ڊيزل جا وڏا ذخيرا موجود آهن ۽ هو عالمي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪندي اهڙي طرح آمريڪا ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو ان کي ڊيزل جي روانگي وپار تي پابندي نه لڳائيندو هن چيو ته ڊيزل جي روانگي وپار تي پابندي جو معاملو ڪڏهن به غور هيٺ ناهي آيو ان ڪري يورپي ملڪن طرفان ڊيزل جا ذخيرا جاري ڪرڻ جو فيصلو هڪ سٺو قدم آهي

[redacted]

شهيد ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق غزه جي صحت کاتي جي علمدارن مطابق گذريل آڪٽوبر جنگ بندي شروع ٿيڻ کانپوءِ اسرائيلي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 1400 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن

[redacted]

ڪوٽ جي وڌندڙ چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪراچي جي ڪوششن ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هارون آباد ۾ پاڪستان جي پهرين وڏي پيماني تي گندي پاڻي جي ٽريٽمينٽ ۽ ٻيهر استعمال جي منصوبي جو افتتاح ڪيو ان تقريب ۾ پي پي سنڌ جي صدر نثار کهڙو، صوبائي وزيرن، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، صنعت جي نمائندن، ترقياتي ڀائيوارن ٽيڪنيڪل ماهرن ۽ سينئر سرڪاري اختيارين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته هي منصوبو جديد انفراسٽرڪچر، ماحولياتي ذميواري ۽ پائيدار اقتصادي ترقي لاءِ پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نظريي جي عڪاسي ڪري ٿو هن ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۽ هن اقدام کي ترقي ڏيارڻ ۾ شامل سمورن اسٽيڪ هولڊرن جي ڪوشش کي پڻ ساراهيو. وڏي وزير چيو ته هي منصوبو پاڪستان ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون منصوبو آهي جيڪو گندي پاڻي کي صنعتي مقصدن لاءِ ٻيهر استعمال جوڳي وسيلي ۾ تبديل ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته ان اقدام تحت گندي پاڻي جي علاج واري سهولت ذريعي صنعتن کي روزانو 35 ملين گيلن صاف ٿيل پاڻي فراهم ڪيو ويندو. وڏي وزير چيو ته صنعتن کي صاف ڪيل گندو پاڻي فراهم ڪرڻ سان ان جي برابر مٺي پاڻي جي مقدار يعني 35 ايم جي ڊي ڪراچي جي شهرين جي گهريلو استعمال لاءِ دستياب ٿي ويندي هن وقت صنعتن کي ڏنو ويندڙ پاڻي هاڻي گهرن ڏانهن موڙي سگهجي ٿو جنهن سان شهر جي پاڻي جون وڌندڙ ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته صاف ڪيل پاڻي جي معيار کي آزمايو ويو آهي ۽ اهو صنعتي واهپي لاءِ موزون مليو آهي هن وڌيڪ چيو ته هي پلانٽ ايندڙ ڏينهن ۾ مڪمل پيماني تي پاڻي جي فراهمي شروع ڪري ڇڏيندو. وڏي وزير چيو ته هي منصوبو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت رڪارڊ وقت ۾ مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ پاڻي جي کوٽ، آبادي جي واڌ ۽ وڌندڙ صنعتي گهرج جي چيلينجن جو هڪ عملي حل پيش ڪري ٿو وڏي وزير چيو ته هي اقدام مالي طور تي پڻ پائيدار آهي. ڇاڪاڻ ته صنعتون صاف ڪيل پاڻي خريد ڪنديون جنهن سان منصوبي جي آمدني مان آپريشنل خرچن کي پورو ڪرڻ ممڪن ٿيندو هن چيو ته هڪ ڀيرو چالو ٿيڻ کانپوءِ هي منصوبو گهڻو ڪري پاڻمرادو پنهنجو پاڻ سنڀاليندو ۽ ان جي روزاني جي ڪمن لاءِ سنڌ حڪومت کان ڪنهن به اضافي مالي مدد جي ضرورت نه پوندي ميئر ڪراچي، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۽ منصوبي ۾ شامل سمورن اسٽيڪ هولڊرن کي مبارڪباد ڏيندي وڏي وزير چيو ته هن سهولت جي ڪامياب تڪميل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سرڪاري ادارن ۽ نجي شعبي جي گڏيل سهڪار سان ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو سنڌ ۾ ترقي جي رفتار بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته سڄي صوبي ۾ عوامي ڀلائي جا ڪيترائي منصوبا مڪمل ڪيا ويا. وڃن هن چيو ته اسان جا ڪيترائي منصوبا هلي رهيا آهن ۽ تڪميل تي پهچي رهيا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن افتتاحي تقريبن لاءِ به مس وقت بچندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت محض رسمي تقريبون منعقد ڪرڻ جي بجاءِ شهرين جي خدمتون ۽ واضح فائدا پهچائڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي. وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سرڪاري موڪلن جي ڏينهن تي به ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري رهندو آهي ڇاڪاڻ ته عوامي خدمت حڪومت جي پهرين ترجيح آهي هن صحت جي شعبي ۾ سنڌ جي ڪاميابين کي پڻ نمايان ڪيو ۽ چيو ته صوبي جي صحت جي ادارن قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي طبي ماهرن کان سڃاڻپ حاصل ڪئي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ موجود خاص سهولتون نه رڳو سڄي پاڪستان جي مريضن جي خدمت ڪري رهيون آهن پر معياري علاج جي ڳولا ۾ پرڏيهه مان ايندڙ ماڻهن کي پڻ راغب ڪري رهيون آهن وڏي وزير چيو ته ڪنهن به ترقياتي منصوبي جي حقيقي ڪاميابي ان جي افتتاح سان نه پر ان جي عوام کي ملندڙ فائدن مان ماپي ويندي آهي هن چيو ته جڏهن ماڻهن کي ڪنهن منصوبي جا فائدا ملڻ شروع ٿيندا آهن ته اهو ئي ان جو حقيقي افتتاح هوندو آهي عوامي ڀلائي لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجائيندي وڏي وزير چيو ته صوبائي انتظاميه بهتر انفراسٽرڪچر، بهتر خدمتن ۽ پائيدار ترقياتي قدمن ذريعي عوام جي اميدن تي پورو لهڻ لاءِ ڪم ڪندي رهندي هن وڌيڪ چيو ته گورننس يا سروس ڊليوري ۾ جتي به ڪا ڪمي بيشي سامهون ايندي تنهن کي فعال طريقي سان حل ڪيو ويندو هارون آباد گندي پاڻي جي ٽريٽمينٽ ۽ ري يوز منصوبي سان اها اميد آهي ته اهو ڪراچي جي مٺي پاڻي جي وسيلن تي دٻاءُ گهٽائڻ، ماحولياتي پائيداري کي بهتر بڻائڻ ۽ صنعتي واهپيدارن لاءِ پاڻي جو هڪ ڀروسي جوڳو متبادل وسيلو فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

[redacted]

افتتاحي سيمينار کي خطاب ڪندي، صوبائي حڪومت پاران مخصوص صحت جي سهولتن طبي تحقيق ۽ ڪينسر جي جديد علاج کي مضبوط ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن چيو ته سال 2011 ع ۾ سنڌ حڪومت جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ جي پي ايم سي ۾ ايندڙ نمايان تبديلين کي اجاگر ڪندي وڏي وزير چيو ته هي ادارو صحت جي سهولتن، طبي تعليم ۽ تحقيق ۾ پاڪستان جي هڪ نمايان ۽ اعليٰ ترين مرڪز طور اڀري آيو آهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جي پي ايم سي(JPMC)، اين آءِ سي وي ڊي (NICVD)، اين آءِ سي ايڇ (NICH) ۽ ٻين مخصوص ادارن ۾ حڪومت جي سيڙپڪاريءَ جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته معياري صحت جون سهولتون مالي وسيلن کان بالاتر ٿي سڀني شهرين کي آسانيءَ سان ميسر هجن پاڪستان سوسائٽي آف نيورو-آنڪالاجي (PASNO) ۽ پاڪستان اڪيڊمي آف نيورولوجيڪل سرجري (PANS) پاران جي پي ايم سي آغا خان يونيورسٽي(AKU) ، برين ٽيومر فائونڊيشن آف پاڪستان (BTFPAK) ۽ سوسائٽي آف ميڊيڪل آنڪالاجي پاڪستان (SMOP) جي تعاون سان تنظيم ڪيل هن سمپوزيم "حقيقي دنيا ۾ نيورو-آنڪالاجي: چيلينج، جدتون ۽ اثر" جي موضوع تحت نامور قومي ۽ بين الاقوامي ماهرن طبيبن محققن صحت جي شعبن سان وابسته پروفيشنل ماڻهن تربيت حاصل ڪندڙن ۽ مريضن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو هن تقريب ۾ ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، پاسنو (PASNO) ۽ پينز (PANS) جي صدر پروفيسر سيد اطهر انعام جي پي ايم سي جي اڳوڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر خالد شير پروفيسر ايمريٽس ڊاڪٽر طارق محمود، آرگنائيزنگ سائنسي چيئر ڊاڪٽر شمائل عروج، پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي بي ايم سي جي چيئرمين مشتاق چاپرا سينئر ڊاڪٽرن محققن ۽ طبي شاگردن شرڪت ڪئي معزز بين الاقوامي وفدن کي ڀليڪار چوندو وڏي وزير چيو ته طبي سائنس جي ترقي ۽ مريضن جي علاج جي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ عالمي تعاون انتهائي ضروري آهي هن نوٽ ڪيو ته هر مرض جي تشخيص جي پٺيان هڪ مريض ۽ هڪ خاندان اميد جي تلاش ۾ هوندو آهي ۽ هي صحت جي شعبي سان وابسته ماهرن ۽ ماڻهن محققن ۽ پاليسي سازن جي گڏيل ذميواري آهي ته اهي يقيني بڻائين ته سائنسي ترقي بهتر علاج ۽ زندگيءَ جي معيار ۾ بهتريءَ جو سبب بڻجي 2011ع ۾ جي پي ايم سي جي سنڌ حڪومت ڏانهن منتقلي کي ياد ڪندي وڏي وزير ٻڌايو ته جڏهن هن اداري لاءِ ڪا به وفاقي رقم موجود نه هئي تڏهن صوبائي حڪومت فوري مالي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ اڳتي آئي هئي هن چيو ته سنڌ حڪومت تڏهن کان وٺي عوامي صحت جي شعبي ۾ وڏي سيڙپڪاري جاري رکي آهي جنهن جي ڪري جي پي ايم سي کي پنهنجي سهولتن ۽ بنيادي ڍانچي ۾ نمايان توسيع ڪرڻ جي صلاحيت ملي آهي. وڏي وزير سخي ماڻهن عطيو ڏيندڙن ۽ صحت جي شعبي جي اڳواڻن، خاص طور تي مشتاق چاپرا ۽ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن پاران جي پي ايم سي جي جديديت لاءِ ڪيل خدمتن تي کين خراج تحسين پيش ڪيو هن حڪومت ۽ فلاحي تنظيمن جي وچ ۾ ڪامياب ڀائيواريءَ کي اجاگر ڪيو جنهن تحت صحت جي ترقيءَ کي تيز ڪرڻ لاءِ عوامي تعاون جي برابر حڪومتي امداد فراهم ڪئي وئي آهي صحت جي سهولتن بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته سنڌ جي ادارن قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪئي آهي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪولر ڊيزيز (NICVD) جو حوالو ڏيندي، هن چيو ته سڄي دنيا ۾ هڪ ئي ڇت هيٺ سڀ کان وڌيڪ پرائمري اينجيوپلاسٽي جا طريقا سرانجام ڏيڻ جي حوالي سان هن اداري کي وڏي پيماني تي تسليم ڪيو وڃي ٿو وڏي وزير نيورولوجيڪل ۽ ڪينسر جي علاج کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ جي جاري ڪوششن کي پڻ اجاگر ڪيو هن اعلان ڪيو ته حڪومت اعصابي بيمارين جي هڪ مخصوص اداري جي قيام لاءِ مدد ڪري رهي آهي ۽ هن منصوبي لاءِ بنا ڪنهن قيمت جي زمين جي فراهمي جي منظوري ڏيڻ تي صوبائي ڪابينا جو شڪريو ادا ڪيو هن اميد ظاهر ڪئي ته ايندڙ سالن ۾ هي تجويز ڪيل سهولت اعصابي علاج، تحقيق ۽ علمي تبادلي جو هڪ وڏو مرڪز بڻجي اڀرندي. جدت جي اهميت تي زور ڏيندي وڏي وزير چيو ته طب جي دنيا مصنوعي ذهانت، پريسيشن ميڊيسن، جديد اميجنگ ٽيڪنالاجيز ۽ روبوٽڪس جي ذريعي تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي هن حڪومت جي ان عزم کي ورجايو ته سنڌ جا صحت وارا ادارا عالمي ترقيءَ سان هم آهنگ رهن هن جي پي ايم سي ۾ سائبر نائف ۽ ٽومو ٿراپي جي سهولتن جي تنصيب کي ڪينسر جي علاج ۾ هڪ تاريخي ڪاميابي قرار ڏنو جنهن سان ڪينسر جي مريضن جو انتهائي درست ۽ بنا چيرڦاڙ جي علاج ممڪن ٿيو آهي هن چيو ته هي ٽيڪنالاجيون جي پي ايم سي کي صحت جي انهن چونڊيل ادارن جي گروپ ۾ شامل ڪن ٿيون جيڪي دنيا جون سڀ کان وڌيڪ جديد ريڊيئيشن آنڪالاجي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهن وڏي وزير زور ڏنو ته نيورو-آنڪالاجي طب جي پيچيده ترين شعبن مان هڪ آهي جنهن ۾ نيورو سرجن، نيورولاجسٽس، آنڪالاجسٽس، ريڊيالاجسٽس، پيٿالاجسٽس، ريڊيئيشن جي ماهرن، بحالي جي ماهرن ۽ نرسنگ جي پيشه ور ماڻهن جي وچ ۾ ويجهي رابطي جي ضرورت هوندي آهي هن چيو ته دماغ ۽ ڪرنگهي جي هڏي جي ٽيومر ۾ مبتلا مريضن کي اعليٰ ترين معيار جو علاج فراهم ڪرڻ لاءِ هي گهڻ-شعباتي تعاون انتهائي ضروري آهي هن مقامي سطح تي هلندڙ طبي تحقيق جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ۽ چيو ته پاڪستان جي صحت جي شعبي جي چيلينجز کي اهڙن حلن جي ضرورت آهي جيڪي مقامي شواهد ۽ علائقائي تجربي تي ٻڌل هجن هن يونيورسٽين، پوسٽ گريجوئيٽ اسپتالن ۽ تحقيقي ادارن تي زور ڏنو ته اهي ڪلينيڪل ريسرچ کي مضبوط ڪن ته بالاخر ڊيٽا تيار ڪن ۽ اهڙي جدت کي هٿي ڏين جيڪا سڌي طرح مريضن کي فائدو پهچائي سمپوزيم ۾ شريڪ نوجوان ڊاڪٽرن تربيت ڏيندڙن ۽ طبي شاگردن کي مخاطب ٿيندي وڏي وزير کين سکيا، تحقيق ۽ پيشه ورانه مهارت لاءِ پرعزم رهڻ جي ترغيب ڏني هن کين همدردي برقرار رکڻ ۽ هميشه هر طبي تشخيص جي پٺيان انساني پهلوءَ کي ياد رکڻ جو چيو تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب صحت جي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ڪوششن جي تعريف ڪئي ۽ معياري طبي سهولتن تائين پهچ کي وسيع ڪرڻ ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ پي پي پي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت کي تسليم ڪيو ان کان اڳ ANOS 7 جي آرگنائيزنگ ۽ سائنسي چيئر ڊاڪٽر شميلا عروج چيو ته نيورو-آنڪالاجي ۾ جدت جو آخري مقصد مريضن تائين پهچڻ، عملي ۽ مريض-مرڪوز علاج جي صورت ۾ سامهون اچڻ گهرجي پاسنو (PASNO) ۽ پينز (PANS) جي صدر پروفيسر سيد اثر انعام جي پي ايم سي ۾ هن سمپوزيم جي ميزباني کي هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو ۽ چيو ته هي علمي بحثن کي سڌي طرح عوامي شعبي جي صحت واري نظام ۾ کڻي آيو آهي، جتي ساليانو هزارين برين ٽيومر جا مريض علاج حاصل ڪندا آهن جي پي ايم سي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر خالد شير ۽ پروفيسر ايمريٽس ڊاڪٽر طارق محمود گذريل ڏهاڪي دوران اداري جي ترقيءَ کي اجاگر ڪندي، تعليمي فضيلت، تحقيق ۽ ڪينسر جي جديد علاج لاءِ جي پي ايم سي جي عزم کي ورجائي چيو هن ٻن ڏينهن واري سمپوزيم ۾ سرجيڪل نيورو-آنڪالاجي، نيوروريڊيالاجي ۽ اميجنگ تي ڪانفرنس کان اڳ واريون ورڪشاپون، ٽيومر بورڊ جا بحث، مريض ۽ سار سنڀال ڪندڙن جي شموليت، شاگردن جا مقابلا ۽ قومي توڙي بين الاقوامي ماهرن پاران جديد ليڪچرن جو هڪ سلسلو شامل آهي جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) پاران 10 ڪنٽينيوئنگ ميڊيڪل ايجوڪيشن (CME) پوائنٽس سان منظور ٿيل هيءَ ڪانفرنس پاڪستان ۾ نيورو-آنڪالاجي جي عمل تحقيق ۽ گهڻ-شعباتي تعاون جي اڳڀرائي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندي اها اميد آهي ته پنهنجي خطاب جي پڄاڻي ڪندي وڏي وزير باضابطه طور تي ستين سالياني نيورو-آنڪالاجي سمپوزيم جو افتتاح ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ڪانفرنس دوران ٿيندڙ بحث، تحقيقي تعاون ۽ علم جو تبادلو اعصابي ڪينسر کان متاثر مريضن ۽ خاندانن لاءِ بهتر علاج، بهتر سار سنڀال ۽ نئين اميد جو سبب بڻجندو

[redacted]

ڪيسن ۾ واڌ کي گهٽ ڄاڻ جو نتيجو قرار ڏيڻ حڪومتي ناڪامي کي پردو وجهڻ جي ڪوشش آهي حيدرآباد، دادو ۽ اندرون سنڌ مان ريبيز متاثر ٻارن کي ڪراچي آڻڻ جي ضرورت صحت جي نظام جي سنگين ناڪامي آهي جڏهن ته ٻهراڙي ۽ شهري علائقن ۾ ريبيز کان بچاءُ واري ويڪسين جي عدم دستيابي ڳڻتي جوڳي ۽ حڪومتي غفلت جو ثبوت آهي حليم عادل شيخ چيو ته دادو جي ڇهن سالن جي ٻار ۽ حيدرآباد جي ڇهن سالن جي ٻار جي ريبيز جو شڪار ٿيڻ سنڌ جي صحت کاتي لاءِ سواليا نشان آهي هن چيو ته 18 سالن کان سنڌ ۾ حڪمراني باوجود رولو ڪتن جي آبادي تي ضابطو نه آڻڻ حڪومتي ڪارڪردگي تي سوال آهي اربين روپين جي صحت بجيٽ باوجود تعلقي اسپتالن ۾ ريبيز کان بچاءُ واري ويڪسين جي فراهمي نه ٿيڻ افسوسناڪ آهي هن مطالبو ڪيو ته رولو ڪتن جي روڪٿام لاءِ هلندڙ مهمن جو شفاف فرانزڪ آڊٽ ڪرايو وڃي ۽ فنڊن ۾ خوردبرد ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي سنڌ جي سمورن بنيادي صحت مرڪزن ۽ تعلقي اسپتالن ۾ عالمي صحت واري اداري جي معيار موجب ريبيز کان بچاءُ واري ويڪسين مفت ۽ لڳاتار فراهم ڪرڻ يقيني بڻايو وڃي ۽ سيمينارن ۽ ڪاغذي دعوائن بدران ڳوٺن ۽ پاڙي جي سطح تي هنگامي بنيادن تي عملي قدم کنيا وڃن حليم عادل شيخ چيو ته قيمتي انساني جانين جي تحفظ لاءِ رولو ڪتن جي روڪٿام ۽ ويڪسين جي فراهمي کي ترجيح ڏني وڃي تحريڪ انصاف سنڌ عوام کي حڪومتي بدانتظامي جي رحم ڪرم تي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ ريبيز جي وڌندڙ ڪيسن ۽ حڪومتي غفلت خلاف هر فورم تي آواز اٿاريندي

[redacted]

پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪري ورتو. ضلعي سائوٿ پوليس جي ترجمان موجب گرفتار جوابدار پوليس ڪانسٽيبل اسرار آهي جيڪو فارن سيڪيورٽي سيل ۾ مقرر ۽ سول لائنز ۾ رهائش پذير آهي پوليس موجب واردات وقت جوابدار پوليس يونيفارم ۾ گاڏي اندر موجود هو فائرنگ کانپوءِ هلندڙ گاڏي مان ٽپو ڏئي فرار ٿي ويو جنهن بعد گاڏي ڪجهه فاصلي تي فٽ پاٿ سان ٽڪرائجي بيهي رهي جوابدار واقعي واري هنڌ تان پيدل ڪچي رستي ذريعي هڪ هنڌ پهتو جتان موٽرسائيڪل سوار کان لفٽ ورتي پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ کان اڳ جوابدار مقتول جو سيڪيورٽي گارڊ پڻ رهي چڪو آهي جڏهن ته جوابدار پوليس کي متضاد بيان ڏئي رهيو آهي پوليس جوابدار جي قبضي مان واردات ۾ استعمال ٿيل پسٽول پڻ هٿ ڪري ورتو آهي پوليس اختيارين موجب مقتول ۽ جوابدار وچ ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي جو تڪرار پڻ سامهون آيو آهي واقعي کانپوءِ پوليس مختلف هنڌن جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪري جوابدار اهلڪار جو سراغ لڳايو گرفتار جوابدار جو اڳوڻو تعلق ٻڌير سان آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

[redacted]

اسپورٽس چيمپئن شپ 2026" سيمي فائنل مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي جڏهن ته لکي ون مال ڪراچي ۾ مختلف راندين جا سيمي فائنل مقابلا جاري آهن سنڌ جي اسپورٽس واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق لکي ون مال جو دورو ڪيو ۽ اي-اسپورٽس چيمپئن شپ جا سيمي فائنل مقابلا ڏٺا. ان موقعي تي هنن FC ۽ PUBG, Tekken 8 جي سيمي فائنلز جو جائزو ورتو سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ منور علي مهيسر چيو ته لکي ون مال ۾ اي-اسپورٽس چيمپئن شپ جا سيمي فائنل مقابلا سومر تائين جاري رهندا. هن چيو ته آچر تي اسلام آباد، گجرات، ڪوئٽه، لاهور گلگت سميت مختلف شهرن سان تعلق رکندڙ رانديگر سيمي فائنل مقابلن ۾ ايڪشن ۾ هوندا. منور علي مهيسر چيو ته ٽيڪسرا سنڌ اي-اسپورٽس چيمپئن شپ ۾ ڪراچيءَ جي مختلف يونيورسٽين سان 1000 ٽيمون حصو ورتو جن سان 920 ٽيمون مقابلن مان ٻاهر ٿي چڪيون آهن جڏهن ته 80 ٽيمون سيمي فائنل مرحلي ۾ هڪ ٻئي سان مد مقابل آهن سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ چيو ته سڄي ملڪ مان نوجوان اي-اسپورٽس چيمپئن شپ جي سيمي فائنل مقابلن ۾ شريڪ آهن جيڪو عمل نوجوانن کي جديد ڊجيٽل سرگرمين ۽ پنهنجي صلاحيتن جي اظهار لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته لکي ون مال ۾ اي-اسپورٽس مقابلن جي ڪري نوجوان رانديگرن ۽ شائقين جو توجهه جو مرڪز بڻيل آهي منور علي مهيسر چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وژن ۽ سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي راندين جو کاتو نوجوانن کي جديد ڊجيٽل اي-اسپورٽس پليٽ فارم فراهم ڪري رهيو آهي ته جيئن نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار لاءِ وڌيڪ موقعا ميسر ٿي سگهن

[redacted]

ٿي پوري قوم ڏکويل آهي ۽ شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستاني شهرين کي نشانو بڻائڻ انسانيت جي بي حرمتي آهي. عالمي سرحد تي شهرين خلاف طاقت جو استعمال انساني حقن ۽ سرحدي ضابطن جي بنيادي اصولن جي ابتڙ آهي هن چيو ته مودي سرڪار جي انتهاپسند آر ايس ايس سوچ خطي جي امن جمهوري قدرن ۽ انساني حقن لاءِ مسلسل خطرو بڻجي رهي آهي ڀارتي حڪومت پنهنجن عوام کي ڏريش حقيقي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ نفرت ۽ خوف جو سهارو ٿي وٺي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان هڪ ذميوار ۽ امن پسند رياست آهي پر ملڪي خودمختياري، سلامتي ۽ عوام جي تحفظ تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو پاڪستاني قوم پنهنجي هٿيارٻند فوجن سان گڏ متحد آهي ۽ وطن جي دفاع لاءِ هر سطح تي يڪجهتي جو مظاهرو ڪندي هن چيو ته پاڪستاني عوام امن چاهي ٿي پر امن جي خواهش کي ڪمزوري سمجهڻ ڀارت جي سنگين غلطي هوندي ڀارت کي نفرت ۽ جنگي بيانين بدران خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ذميوارانو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

[redacted]

۾ ٻوڙو پوڪي جوڊيشنل ڪمپليڪس جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو ۽ دعا گهري سنڌس آمد وقت حفاظتي انتظام سخت هئا ۽ ٽائون ڪميٽي انتظاميه پڻ تحرڪ وٺي صفائي سٿرائي جو بهتر انتظام ڪري پراڻو گند ڪچرو ڪڍائي ڇڏيو هن موقعي تي سيشن جج عمرڪوٽ عنايت الله ڀٽي سول جج سجاد قمبراڻي،ايڊوڪيٽ سرائي رحيم خاصخيلي،ايڊوڪيٽ ريحان آرائين به موجود هئا. ٻئي طرف سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت جي آمد، سول ڪورٽ جي نئين عمارت جو افتتاح پٿورو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت پٿورو پهچي سول ڪورٽ جي نئين تعمير ٿيل عمارت جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عمرڪوٽ عنايت الله ڀٽي سول جج پٿورو شاهه رخ ميمڻ ٻين ججن ڪيلن ۽ عدالتي عملي پاران چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت جو استقبال ڪيو ويو چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت سول ڪورٽ پٿورو جي نئين عمارت جي مختلف حصن جو دورو ڪيو ۽ عمارت ۾ موجود عدالتي سهولتن، انتظامي معاملن ۽ ٻين انتظامن بابت سول جج ۽ عدالتي عملي کان معلومات حاصل ڪئي ان موقعي تي چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت ۽ ٻين ججز پاران سول ڪورٽ جي احاطي ۾ ٻوٽا پڻ لڳايا ويا دوري دوران چيف جسٽس عدالتي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ سائلين کي درپيش مسئلن جي حل ۽ عدالتن ۾ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪرڻ بابت لاڳاپيل عملدارن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي

[redacted]

وارثن موجب شاگرد کيرو کان رڪشو ڪاهي ڳوٺ ابراهيم شاهه اچي رهيو ته وڏي اسٽاپ وٽ رڪشو ڪنٽرول مان نڪري پاڻي جي کڏ ۾ ڪري پيو جنهن سبب ڪيلاش ڀريل کڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي ويو فوتي جو گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

[redacted]

فارمرز آرگنائيزيشن ڪائونسل سنڌ جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ميرپورخاص، سانگهڙ، ڪنڊياري، عمرڪوٽ، کپرو، ڪنڊياري، پيرومل، سنڌڙي، ڦلهڏيون ۽ گرهوڙ شريف، نئوڪوٽ، پٿورو،ڪنڊيار سميت مختلف علائقن جي آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس کي آبادگار اڳواڻن جاويد علي جونيجو، محمد ايوب وساڻ ، عبدالسلام هاليپوٽو ، نصير خان مري، فيصل وساڻ اسد شر، ڪليم هاليپوٽو اسامر دين مهر سائينداد مري انور درس عاشق مري ۽ ٻين خطاب ڪيو ان موقعي تي آبادگارن چيو ته زرعي شعبي کي سخت بحران جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پاڻي جي کوٽ سبب فصلن جي پوکي ۽ پيداوار متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي جي ورڇ بابت به آبادگارن کي سخت شڪايتون آهن آبادگارن جو چوڻ هو ته معاهدين وارن علائقن جي آبادگارن کي ڪنهن حد تائين پاڻي ملي ٿو پر پڇڙيءَ جي آبادگارن کي مسلسل پاڻي فراهم نٿو ڪيو وڃي آبادگارن الزام لڳايو ته زرعي دوائن جي معيار ۽ فراهمي بابت به مسئلا موجود آهن جڏهن ته ٻين شين ۾ سبسڊي ڏيڻ باوجود آبادگارن کي مناسب سبسڊي نٿي ملي هنن نقلي ٻج، غيرقانوني واٽر ڪورسز ۽ پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آبادگار اڳواڻن چيو ته آبپاشي ۽ زراعت سان لاڳاپيل ادارن کي شاخن جي پڪي ڪرائڻ ۽ مختلف ترقياتي اسڪيمن لاءِ ملندڙ بجيٽ جي شفاف استعمال کي يقيني بڻايو وڃي هنن چيو ته جيڪڏهن فنڊ جاري ڪيا وڃن ٿا ته انهن جي خرچن جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي ڇاڪاڻ ته ترقياتي ڪم نه ٿيڻ سبب زرعي شعبو تباهي طرف وڃي رهيو آهي. آبادگارن جو چوڻ هو ته ناري ۾ اڳ لڳ ڀڳ 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي رهندو هو جيڪو هاڻي گهٽجي لڳ ڀڳ 10 هزار ڪيوسڪ رهجي ويو آهي جي هنن نارا ڪينال ۽ ٻين واهن تي غيرقانوني طور لڳل لفٽ مشينن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندي چيو ته وڏي تعداد ۾ غيرقانوني لفٽ مشينن سبب پڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي جي کوٽ جي منهن ڏيڻو پوي ٿو شوگر ملن بابت آبادگارن چيو ته شگر ملون وقت سر ڪولين وڃن ۽ ڪمند جو مناسب اگهه مقرر ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته ڪمند جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 800 رپيا في من مقرر ڪيو وڃي ۽ سرهن جو اگهه 25000 هزار في ڪوئنٽل ۽ ٻي صورت ۾ هو عدالت جو در کڙڪائيندا ۽ لاڳاپيل ادارن خلاف قانوني رستو اختيار ڪندا آبادگارن وڌيڪ چيو ته زرعي بحران سبب هارين ۽ آبادگارن کي معاشي نقصان پهچي رهيو آهي ته تنهنڪري بينڪن ذريعي آبادگارن کي مناسب رليف ۽ قرضن ۾ سهولت ڏني وڃي هنن آبادگارن خلاف داخل ڪيس واپس وٺڻ ۽ کين قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو اجلاس ۾ آبادگارن ان عزم جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مسئلا حل نه ڪيا ويا ته هو قانوني ۽ جمهوري طريقي سان پنهنجو آواز بلند ڪندا

[redacted]

ليڪچرن جو سلسلو منعقد ڪيو ويو جنهن دوران تقريبن 41 هزار شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليم جي اهميت، استادن جي عزت، 5 آڪٽوبر سلام ٽيچر ڊي، آئوٽ آف اسڪول چلڊرن (OSC) ۽ EOTOبابت آگاهي ڏني وئي مهم جي اڳواڻي NCHD بدين جي ڊپٽي ڊائريڪٽر بهادر علي پرڳڻي ڪئي جڏهن ته اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مشتاق احمد جاکرو فيلڊ آفيسرن شفيع احمداڻي آصف شاهه امتياز زاور مسعود ڪلهوڙو احسان علي زاور ۽ شبير نوڪنڪائي سميت NCHDٽيم مختلف اسڪولن ۾ ليڪچر ڏنا. تعليم کاتي جي DOانور علي پارڀي، TEOs ۽ اسڪولن جي هيڊ ماسترن ۽ هيڊ مسترسز پڻ مهم ۾ سهڪار ڪيو ليڪچرن دوران شاگردن کي استادن جي عزت، تعليم جي فروغ ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي ٻيهر تعليم سان ڳنڍڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو NCHD ۽ تعليم کاتي پاران 5 آڪٽوبر تي سلام ٽيچر ڊي کي ڀرپور انداز ۾ ملهائڻ لاءِ پڻ تياريون جاري آهن

[redacted]

آهن پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي غلام مصطفيٰ ڀمڀرائي الزام هنيو ته واٽرڪورس جو موگهو صاف ڪرڻ دوران آبپاشي کاتي جي ايس ڊي او سنڌس هاري ياسين ڪيري سان مبينا طور مارڪٽ ڪئي ۽ کيس هراسان ڪيو هن ٻڌايو ته واقعي کانپوءِ زخمي هاري ٿاڻي تان ليٽر وٺي تعلقي اسپتال پهتو جتي سنڌس طبي معائنو ۽ علاج ڪرايو ويو آبادگار الزام هنيو ته ايس ڊي او ۽ آبپاشي عملو مبينا 3 لک رپيا رشوت عيوض واٽر تي پاڻي روڪرو ڪري رهيو آهي جڏهن ته نئين آبادگارن کي پاڻي کان محروم رکيو پيو وڃي، جيڪو سراسر ظلم آهي هن واقعي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ٻئي طرف آبپاشي کاتي جي عملي آبادگار جا الزام رد ڪندي چيو آهي ته چانچ دوران هاري واٽر ڪورس ۾ مبينا طور غيرقانوني ڇهه انچي پائپ لڳائي پاڻي ڪٽي رهيو هو جيڪو پائپ ڪڍي تحويل ۾ ورتو ويو عملي جو چوڻ آهي ته پائپ لڳل هجڻ جو ويڊيو پڻ رڪارڊ ڪئي وئي آهي آبپاشي عملي هاري تي تشدد واري الزام کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو

[redacted]

فوت ٿي ويل ماڻهن کي در انداز قرار ڏيڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي واضح طور تي رد ڪري ٿي ڀارت بنيادي انساني حقن ۽ عالمي قانون جو احترام يقيني بڻائي ۽ لاڳاپيل ٻه طرفي انتظامن ۽ سرحدي طريقيڪار جي سختي سان پابندي ڪري. چنچر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان طرفان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته پرڏيهي وزارت ۾ ڀارتي ناظم الامور کي طلب ڪيو ويو ته جيئن عالمي سرحد جي بيدين سيڪٽر ۾ 2 آڪٽوبر 2026 ع جي ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورس جي اهلڪارن طرفان ٻن پاڪستاني شهرين جي قتل تي پاڪستان جو شديد احتجاج رڪارڊ ڪرائي سگهجي بي ايس ايف اهلڪارن غير هٿيارٻند شهرين خلاف بنا جواز طاقت جو استعمال ڪيو ترجمان چيو ته طاقت جو اهو استعمال قطعي طور تي غير ضروري ۽ انتهائي غير مناسب هو جنهن جي نتيجي ۾ 2 قيمتي انساني زندگيون ضايع ٿيون ترجمان واضح ڪيو ته طاقت جو اهو استعمال قطعي طور تي غير ضروري ۽ انتهائي غير مناسب هو جنهن جي نتيجي ۾ 2 قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي ويون ترجمان واضح ڪيو ته پاڪستان فوت ٿي ويل ماڻهن کي در انداز قرار ڏيڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي واضح طور تي رد ڪري ٿو هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اهو واقعو بنيادي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي ۽ عالمي قانون تحت شهري زندگي جي تحفظ بابت سنگين خدشا پيدا ڪري ٿو ترجمان مطابق ڀارت کي چيو ويو آهي ته هو ان واقعي جي فوري، شفاف ۽ اعتماد جوڳي جاچ ڪري، ذميوارن خلاف مناسب قانوني ڪارروائي ڪري ترجمان مطابق ڀارت کي وڌيڪ چيو ويو آهي ته هو بنيادي انساني حقن ۽ عالمي قانون جو احترام يقيني بڻائي لاڳاپيل ٻه طرفي انتظامن ۽ سرحدي طريقيڪار جي سختي سان پابندي ڪري، اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ ۾ انتهائي ضبط کان ڪم وٺي ۽ اهڙن واقعن جي ٻيهر رونما ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي

[redacted]

نيپال جي ضلعي بانڪي کان گادي واري هنڌ کٽمنڊو وڃي رهي هئي ته حادثي جو شڪار ٿي پئي. ضلعي پوليس ترجمان ٻڌايو ته زخمين مان 9 کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته هڪ شديد زخمي کي وڌيڪ علاج لاءِ چتوان جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته شروعاتي جاچ مطابق حادثو امڪاني طور تي بريڪ فيل ٿيڻ سبب پيش آيو جنهن کانپوءِ بس روڊ جي حفاظتي پٽ سان ٽڪرائجي وئي

[redacted]

۽ هٿين خالي پاڪستاني شهرين کي فائرنگ جو نشانو بڻائڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي پي پي پي ميڊيا سيل پاران جاري بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد ٿيل شهرين عظمت رسول ۽ محسن جت جي خاندانن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان هن چيو ته عالمي سرحد تي هٿين خالي شهرين کي نشانو بڻائڻ انساني حياتين جي حرمت ۽ طئي ٿيل سرحدي ضابطن جي سنگين ڀڃڪڙين آهن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته معصوم پاڪستاني شهرين جي رت کي مودي سرڪار ۽ ڀارتي گودي ميڊيا ڪنهن به ڪوڙي بيانئي ۾ ڪنهن پردي ۾ لڪائي نٿا سگهن هن چيو ته پاڪستان امن جو خواهشمند آهي پر اسان جي امن پسندي کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي قوم پنهنجي خودمختياري ۽ سلامتي جي دفاع لاءِ متحد آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀارت کي حق جي ويڙهه ۾ پنهنجي شڪست مان سبق سکڻ گهرجي عالمي سرحد تي طئي ٿيل ضابطن ۽ انساني حياتين جي احترام کي يقيني بڻائڻو پوندو

[redacted]

سٽي ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو جنهن ۾ صمد ڪاڪياڻيءَ گينگ کي نامزد ڪيو ويو آهي تفصيل موجب ٻه ڏينهن اڳ ملير گانچي پاڙي ۾ زير تعمير عمارت ٻاهران موٽرسائيڪل سوار جوابدارن فائرنگ ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ سيڪيورٽي گارڊ علي رضا مارجي ويو هو ڪيس جي متن موجب جوابدارن پاران 5 ڪروڙ رپين ڀتي جو مطالبو پڻ ڪيو ويو هو جڏهن ته ان کان اڳ به گروپ پاران ڀتي جا مطالبا ڪيا ويا هئا پوليس ڪيس داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

[redacted]

جو سلسلو جاري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو حيدرآباد جي تعلقي قاسم آباد سحرش نگر ۾ واقع 20سال پراڻي اولڊ ميمڻ سٽي هائوسنگ اسڪيم ۾ واقع 200گز جا 2 ڪمرشل پلاٽ ايڇ ڊي اي پنهنجي ملڪيت قرار ڏئي حفاظتي ڀت ۽ دڪان ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ قاسم آباد جي فيز 2جي رهواسي آفتاب اقبال پٽ محمد اقبال ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سال 2007 ۾ اعلاميل اولڊ ميمڻ سٽي ۾ پلاٽ نمبر آر سي 11 ۽ 12 ايراضي ٽوٽل 400گز 2007 ۾ خريد ڪيا هئا جنهن جو بلدرايڇ ڊي اي کان لي آئوٽ نقشو منظور ڪرايو ۽ ريونيو کاتي پاران فارم 2 جاري ڪيو ويو هو هن چيو ته 11سيپٽمبر2026 تي هڪ پاڙيسري فون ڪري اطلاع ڏنو ته ايڇ ڊي اي انتظاميا توهان جي پلاٽ جي ٺهيل چار ديواري ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ان سلسلي ۾ ايڇ ڊي اي پاران مونکي ڪنهن به قسم جو نوٽيس جاري نه ڪيو ويو هو هن چيو ته ان سلسلي ۾ جڏهن ايڇ ڊي اي سان رابطو ڪيو ته مونکي ٻڌايو ويو ته ڄاڻايل پلاٽ ايڇ ڊي اي جي ملڪيت آهي جڏهن ته پلاٽ جو بند ڪمري ۾ ايڇ ڊي اي آڪشن پڻ ڪرائي ڇڏيو هن چيو ته ايڇ ڊي اي جي اهڙي غيرقانوني ڪارروائي خلاف مون عدالت سگهوري ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن جي عدالت اسٽي آرڊر جاري ڪيو آهي هن الزام هنيو ته عدالتي اسٽي باوجود ايڇ ڊي اي انتظاميا منهنجي پلاٽ تي اچي مونکي هراسان ڪري پئي جيڪو عمل عدالتي حڪمن جي پڻ توهين آهي هن چيو ته پلاٽ جا مالڪانا حق وارا سمورا ڪاغذ مون وٽ موجود آهن جڏهن ته پلاٽ جي ڪاغذن جي ريونيو کاتي جي 9 آڪٽوبر 2024 ۾ پڻ ويري فڪيشن ٿيل آهي هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته ڄاڻايل معاملي جو نوٽيس وٺي ايڇ ڊي اي جي ڪارروائين کان تحفظ ڏنو وڃي

[redacted]

نيو چور ۾ مبينا طور تي عورتن جي حقن جي رقم ۾ بي ضابطگين جو سلسلو جاري آهي ذريعن موجب نيو چور ۾ علي اڪبر لغاري ۽ ان جي ڪانٽريڪٽ تي ڊرائيور مبينا ملوث هجڻ سان ڊليوري وارين عورتن جي رقم ۾ مبينا طور تي خردبرد ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته عمرڪوٽ ۾ پاپوليشن آفيس آفيسر آڪوٽين آفيسر، موجوده اڪائونٽنٽ ۽ ٻين مبينا ڪردارن جي ملوث هجڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن هنن ڊي سي عمرڪوٽ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان هنن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

[redacted]

برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ۾ سڳا ڀائر قتل پيءُ سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿيا گمبٽ جي ڪچي واري علائقي لاڏيون ٿاڻي جي حد خانڻ ناريجو ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ٻه سڳا ڀائر راشد علي ناريجو ۽ محڪم الدين ناريجو موقعي تي قتل ٿي ويا جڏهن ته ٻن سڳن ڀائرن جي پيءُ عبدالرزاق ناريجو ۽ قربان علي ناريجو سخت زخمي ٿي پيا اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاشن ۽ زخمين کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته حد جي پوليس موجب جهيڙو معمولي ڳالهه تان ٿيو آهي وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي

[redacted]

وزير سنڌ مراد علي شاهه ڊاڪٽر وسيم قاضي کي ايندڙ چئن سالن لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪري ڇڏيو وڏي وزير سنڌ جي منظوري کانپوءِ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي سيڪريٽري عباس بلوچ ڊاڪٽر وسيم قاضي جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو ايڪٽ تحت ڊاڪٽر وسيم قاضي جي مقرري ايندڙ چئن سالن لاءِ ڪئي وئي آهي ڊاڪٽر وسيم قاضي گذريل ٻن سالن کان ڪراچي ميٽروپوليٽن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي جڏهن ته ان کان اڳ هو اقرا يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پڻ رهي چڪو آهي واضح رهي ته وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهه جمعي جي صبح ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي عهدي لاءِ نامزد ڪن اميدوارن ڊاڪٽر وسيم قاضي ڊاڪٽر معظم خان ۽ ڊاڪٽر شفيق الرحمان سان پاڻ ملاقات ڪئي هئي جنهن کانپوءِ ڊاڪٽر وسيم قاضي جي نالي جي منظوري ڏني وئي

[redacted]

متاثر شهري چورن کي گرفتار ڪري ڦرليت ڪيل سامان واپس ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي حيدري ٿاڻي جي حد ايوب ڪالوني واري علائقي ۾ گذريل رات دير سان اڻڄاتل چورن شهري شوڪت علي سهتو جي گهر جا تالا ٽوڙي گهر ۾ گهڙي سونا زيور موبائيل فونن بيٽري ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا، صبح جي وقت گهر جو سامان وکريل ڏسي متاثر شهري حد جي ٿاڻي جي پوليس کي اهڙو اطلاع ڏنو جنهن تي پوليس پهچي تفصيل وٺي روانو ٿي وئي ان موقعي تي متاثر شهري شوڪت علي سهتو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گذريل رات دير سان اڻڄاتل چورن گهر جا تالا ٽوڙي اندر گهڙي هڪ آئي فون سميت 3 قيمتي موبائيل فونن 2 سوليون منديون 2 بٽريون سميت 10 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان اپيل ڪئي ته ملوث چورن کي گرفتار ڪري گهر مان ڦرليت ڪيل سونا زيور موبائيل فونن بئٽري ۽ قيمتي سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

[redacted]

جامشورو ڪوٽڙي سرير گارڊن جون ۾ گهٽ عمر وارين شاگرديائين نور ارباب ۽ ڪلثوم آفريدي کي حفاظت سان تحويل ۾ ورتو ويو تفصيل موجب ٻنهي شاگرديائين گهريلو پابندين ۽ ذهني دٻاءُ سبب 28 سيپٽمبر سومر ڏينهن پنهنجي گهرن سان ناراض ٿي پشاور روانيون ٿي ويون هيون ٻنهي تقريباً 24 ڪلاڪن جو ڏکيو سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ پشاور پهچي ڪجهه ڪلاڪ اتي قيام ڪيو ۽ ساڳئي ڏينهن ڪراچي لاءِ واپس روانيون ٿي ويون اطلاع ملندي ئي صوبائي وزير شاهينا شير علي فوري ڪارروائي ڪندي ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق چانگا ۽ ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو سان رابطو ڪيو ۽ هم آهنگي قائم ڪئي صوبائي وزير پنهنجي ٽيم سان گڏجي ٻنهي ڇوڪرين کي ٽريس ڪيو ۽ ڪراچي پهچڻ تائين انهن کي حفاظت سان ريسڪيو ڪيو ويو بعد ۾ پوليس جي سهڪار سان ٻنهي ڇوڪرين کي سيف هائوس جامشورو جي انچارج سيده قرة العين شاهه جي نگراني هيٺ تحويل ۾ ڏنو ويو ۽ انهن جي ڪسٽڊي سنڌس حوالي ڪئي وئي ان دوران صوبائي وزير سيف هائوس جي انچارج سيده قرة العين شاهه کي خاص هدايتون جاري ڪيون ته ڇوڪرين جي هر ممڪن سار سنڀال تحفظ ۽ پيشه ورانه ڪائونسلنگ کي يقيني بڻايو وڃي ڪائونسلنگ دوران معلوم ٿيو ته شاگرديائي نور ارباب شديد اڪيلائپ ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار هئي سنڌس والده جو انتقال ان وقت ٿي ويو هو جڏهن هوءَ صرف ٻن مهينن جي هئي سنڌس حقيقي والد لياقت جوکيو آهي والده جي وفات کان پوءِ سنڌس ڪسٽڊي سنڌس چاچي الطاف حسين حوالي ڪئي وئي جڏهن ته دستاويزن ۾ والد جي جاءِ تي پڻ چاچي جو نالو درج آهي سمورا خرچ پڻ سنڌس چاچو ئي برداشت ڪري ٿو چاچي جي گهرواري ارشاد بي بي نينگري جي پرورش ڪئي تنهن هوندي به سال اڳ سنڌس پڻ انتقال ٿي ويو ان سانحي کان پوءِ نينگري پاڻ کي تمام گهڻو اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳي جي ان وقت سنڌس پرورش جي ذميواري سنڌس ڦپي بي بي بينظير وٽ آهي ۽ هوءَ انهن سان گڏ رهندي آهي اهڙي صورتحال ۾ ڪلثوم آفريدي ئي سنڌس واحد غمگسار ۽ گهري سهيلي بڻجي ٻنهي طرف انهن نينگرين کي معزز عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالتي ڪارروائي کان پوءِ ٻنهي نينگرين کي سنڌن والدين حوالي ڪيو ويو آهي رابطي ڪرڻ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير شاهينا شير علي چيو ته اسان جون نينگريون اسان جو مستقبل آهن جيڪڏهن ناداني ۾ انهن کان ڪا غلطي ٿي به وڃي ته رياست ۽ معاشري جي ذميواري آهي ته اسان انهن جي ڪردار ڪشي ڪرڻ بدران محبت، شفقت ۽ رهنمائي سان انهن جي اصلاح ۽ تربيت ڪريون "صوبائي وزير انهن سمورن عنصرن جي سخت مذمت" ۽ حوصلاشڪني ڪئي جن نينگرين جون تصويرون ۽ ذاتي معلومات سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري سنڌن ڪردار ڪشي ڪئي ۽ سنڌن زندگين کي وڌيڪ خطري ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي صوبائي وزير شاهينا شير علي هن ڪامياب ڪارروائي تي انچارج سيف هائوس سيده قرة العين شاهه ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق چانگا ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو سميت پوري ٽيم جي پيشه ورانه ڪارڪردگي ۽ بروقت سهڪار کي پڻ ساراهيو

[redacted]

اپوزيشن جي باني چيئرمين سان ملاقات جو بندوبست ڪرڻ تي اتفاق ڪري ورتو آهي ۽ اپوزيشن ان مقصد لاءِ اڳ ئي هڪ اڳواڻ جو نالو تجويز ڪري چڪي آهي ايم پي او تحت گرفتار اڳواڻن ڪارڪنن توڙي باني چيئرمين جي ڀينرن جي آزاديءَ بابت هڪ معاهدو طئي ٿي ويو آهي ان سان گڏ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته خيبر پختونخواه حڪومت دهشتگردي جي مسئلي کي سياسي رنگ نه ڏيندي ذريعن موجب باني چيئرمين بابت سپريم ڪورٽ جي حڪم تي به عمل ٿيڻ جو امڪان آهي ان کان اڳ اجلاس دوران ڳالهائيندي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته ڪالهوڪو اجلاس انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سمورين پارٽيون اڄ به ساڳئي جذبي سان ڳالهيون جاري رکنديون قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اپوزيشن ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيو حڪومت طرفان وفاقي وزيرن امير مقام راڻا ثناءُ الله محسن رضا نقوي، طلال چوڌري ۽ طارق فضل چوڌري ڳالهين ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان شيري رحمان نويد قمر ۽ اعجاز حسين جکراڻي شرڪت ڪئي اپوزيشن طرفان بئرسٽر گوهر خان راجا ناصر عباس، عامر ڊوگر، اسد قيصر حليم عادل شيخ ۽ سلمان اڪرم راجا شرڪت ڪئي حڪومتي ميمبر دليل ڏنو ته حڪومت جي سينئر اڳواڻن بابت توهين آميز ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي جنهن سان اپوزيشن وفد جي اختيارن جي حد بابت سوال پيدا ٿين ٿا ان دوران اپوزيشن ميمبرن خواجه آصف جي ٽوئيٽ جي خلاف جو اظهار ڪيو ۽ ان جي درستگي جي سوال اٿاريا، هنن زور ڏنو ته جيڪڏهن اڳتي وڌڻو آهي ته اعتماد بحال ڪرڻو پوندو

[redacted]

شامل آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪا صدر سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ تي لکيو ته جمهوريا ڪوريا سان معاهدو وڌيڪ بهتر ٿيندو پيو وڃي، تيل جي پيداوار بحال ڪرڻ جي هڪ منصوبي لاءِ 8.4 ارب ڊالر تيل ۽ گيس جي وڌيڪ پيداوار جو مطلب آمريڪا جي توانائي جي شعبي ۾ بالادستي ۽ دنيا جي مستقبل جي توانائي جي سلامتي آهي اهو اعلان اقتصادي ۽ سيڙپڪاري جي معاهدن جي سلسلي جي تازي ڪڙي آهي جن کي صدر ٽرمپ نومبر ۾ ٿيندڙ وچ مدي واري چونڊن کان اڳ نمايان ڪري رهيو آهي اها اڳيرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن ايران سان جنگ ۽ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتون آمريڪي ووٽرز جي اهم ڳڻتين ۾ شامل آهن

عبرت [redacted]

تي عملدرآمد يقيني بڻائي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي ڇهين ڪميٽي ۾ عام بحث کي خطاب ڪندي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نائب مستقل نمائندي عثمان جدون چيو آهي ته عالمي قانون کي هڪ صورتحال ۾ ٻيڻي طريقي سان لاڳو ۽ ٻي ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي گڏيل قومن جي رڪارڊ ۾ به عثمان جدون جا حق خودارادايت ۽ ڪشمير بابت معاملن تي بيان موجود آهن هن چيو ته تقريبن 8 ڏهاڪن کان ڪشميري عوام سلامتي ڪائونسل جي انهن ٺهراءَن تي عملدرآمد جو منتظر آهي جن ۾ رياست جمون ڪشمير جي مستقبل جو فيصلو گڏيل قومن جي نگراني ۾ آزاداڻي ۽ غير جانبداراڻي ريفرينڊم ذريعي ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي سفير عثمان جدون چيو ته 5 آگسٽ 2019 ع کان پوءِ والاريل جمون ڪشمير ۾ بنيادي آزادين تي پابندين ۽ دٻاءُ ۾ وڌيڪ واڌارو آيو آهي جڏهن ته علائقي جي آباديائي ۽ سياسي سڃاڻپ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش به جاري آهي هن چيو ته گرفتارين، جبري گمشدگين اظهار راءِ ۽ پرامن اجتماعن تي پابندين ۽ آباديائي تبديلي جي ڪوشش ڊگهي عرصي تائين جاري رهڻ سبب قابل قبول نه ٿيون ٿي سگهن ڀارتي نمائندي جواب جو حق استعمال ڪندي ڪشمير کي ڀارت جو ذاتي معاملو قرار ڏنو جنهن تي پاڪستاني نمائندي جواب ڏيندي چيو ته جمون ڪشمير عالمي طور تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ ان جي حتمي حيثيت ڪشميري عوام جي خواهشن موجب لاڳاپيل گڏيل قومن جي ٺهراءَن تحت طئي ڪرڻي آهي فلسطين جي حوالي سان سفير عثمان جدون چيو ته جنهن صورتحال عوام خاص ڪري غزه ۾ فلسطيني عوام مان گذري رهيو آهي اهو عالمي برادري جي اجتماعي ضمير لاءِ هڪ اهم امتحان آهي هن شهرين جي تحفظ بنا رڪاوٽ انساني امداد جي فراهمي عالمي قانونن جي پاسداري ۽ احتساب يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو هن چيو ته سڀ کان وڌيڪ فلسطيني عوام جي خودارادايت واري حق کي عملي صورت ڏيڻ گهرجي گڏيل قومن جون هاڻوڪن دستاويزن ۾ به فلسطين جي خودارادايت واري حق ۽ غزه ۽ اولهندي ڪناري جي سنگين انساني صورتحال تي مسلسل توجهه ڏني وئي آهي هن چيو ته اسرائيل ملڪن کي محدود مالي گنجائش، غير پائيدار قرضن موسمياتي بحرانن ۽ وڌندڙ فني نار جهڙا چئلينج سامهون آهن جڏهن ته موجوده عالمي مالياتي نظام ڪيترن ئي وقت ۾ ان اڻ برابري کي گهٽائڻ بدران وڌيڪ واڌارو ڏئي ٿو هن ترقي جي حق کي انساني حقن جي ايجنڊا ۾ ان جو جائز مقام ڏيارڻ تي زور ڀريو

[redacted]

منصوبن جي معاونت ۽ 3200 عورتن کي تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ 15 ملين ڊالر جو صنفي گهرجن سان هم آهنگ ڪلائميٽ فنانس اينڊ انٽر پرينيور شپ هب تجويز ڪيو ويو آهي اهو منصوبو پاڪستان لاءِ عالمي بئنڪ جي ڪنٽري پارٽنر شپ فريم ورڪ (مالي سال 2026 ع کان مالي سال 2035 ع) تحت عمل هيٺ آندو پيو وڃي ويلٽ پاڪستان جي دستياب دستاويزن مطابق ڄاڻايل قدمن جو عورت ڪاروبارن ۽ موسمياتي شعبي سان لاڳاپيل ڪاروبارن جي معاونت لاءِ صوبائي ويمنز گرين ايڪويٽي فنڊ، چار علائقائي گرين انڪيوبيشن مرڪز ۽ پنجاب گرين مارڪيٽ پليس جي قيام جو تصور پيش ڪيو ويو آهي منصوبي تحت 3200 کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪندڙ ۽ 12 هزار کان وڌيڪ گرين روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جو هدف رکيو ويو آهي جيڪو ان سان ساليانو ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ جي خرچن ۾ اٽڪل 150000 ٽن گهٽتائي جو ڪاٿو به لڳايو ويو آهي ڄاڻايل سرگرمين ۾ شروعاتي سيڊپ ۽ گرين گرانٽس جي فراهمي موسمياتي تبديلين جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ واري ڪاروباري ماڊلز جي تياري، پائيدار سپلائي چين سان لاڳاپيل تربيت ۽ ڪاربن مارڪيٽس تائين رسائي ۾ سهولت فراهم ڪرڻ شامل آهي

[redacted]

جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 17 ڄڻا فوت ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪينيا جي پوليس ٻڌايو ته حادثو چنچر ڏينهن سلامه جي علائقي ملم ۾ پيش آيو ممباسا ويندڙ هڪ ٽرڪ جي ڊرائيور گاڏين جي قطار کي اوور ٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش دوران سامهون ايندڙ هڪ ٻي ٽرڪ پٺيان ٽڪر هنيو ٽڪر سبب ٽرڪ جو ڊرائيور گاڏي تي ضابطو نه رکي سگهيو ۽ ٽرڪ نيروبي طرف ويندڙ 2 گاڏين کي ٽڪر هني ۽ جنهن جي نتيجي ۾ 12 مسافر موقعي تي فوت ٿي ويا. حادثي ۾ فوتين جو انگ 17 تائين پهچي ويو جن ۾ ٽرڪ جو ڊرائيور به شامل آهي پوليس ٻڌايو ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

[redacted]

گڏيل طور تي 11 دهشتگرد مارجي ويا. گهرو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير محسن نقوي دهشتگردن جي منصوبن کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي تعريف ڪئي ۽ آپريشن دوران فورسز جي پيشيورانين صلاحيتن جو اعتراف ڪيو هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز ڏکڻ وزيرستان ۾ ڳجهي ڄاڻ تي ڪيل آپريشن دوران پنجن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته بلوچستان جي ماشڪيل واري علائقي ۾ هڪ ڪارروائي دوران وڌيڪ 6 خوارجي دهشتگرد مارجي ويا. گهرو وزير چيو ته قوم کي سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن تي فخر آهي، جيڪي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فرض سر انجام ڏئي رهيا آهن محسن نقوي وڌيڪ چيو ته دهشتگردي خلاف جاري مهم ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ وارين ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ ۾ عوامي حمايت هڪ اهم عنصر آهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته دهشتگردي جي حمايت ۽ سيڪيورٽي فورسز جي لڳاتار ڪوششن سان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

[redacted]

سيوريج نظام ۾ هڪ اهم اڳيرائي آهي سنڌ حڪومت پاران ٽي پي ون جي صلاحيت کي 51 ملين گيلن روزانو مان وڌائي 100 ملين گيلن روزانو ڪرڻ جو منصوبو آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته پلانٽ کي فوري بنيادن تي فعال ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران ثانوي سطح جي ٽريٽمينٽ لاءِ 5 ارب رپيا پڻ مختص ڪيا ويا آهن منصوبي جو مقصد صرف سيوريج جي پاڻي کي ٽريٽ ڪرڻ نه پر ڪراچي جي ماحول ۽ شهري صحت جو تحفظ پڻ آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايس ٿري تحت لياري ۽ ملير جا ٽرنڪ سيور تقريباً 56 ڪلوميٽر ڊگهي نظام تي مشتمل آهن ٽرنڪ سيورن ذريعي سيوريج کي ٽريٽمينٽ پلانٽن تائين پهچايو ويندو پاڻي کي صنعتي استعمال ۽ آئندي سان مٺي پاڻي جي وسيلن تي دٻاءُ گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ملندي. سيوريج جي مسئلي جي مستقل حل لاءِ جديد ٽريٽمينٽ، اڻائي ٽرنڪ سيور نيٽ ورڪ ۽ ٽريٽ ڪيل پاڻي جي ٻيهر استعمال سان ممڪن آهي سنڌس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي شهرين کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم جاري رکندي

[redacted]

اڄ وچ ۾ وڌيڪ سهولت حاصل ٿيندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت پاران ڪراچي جي عوام سان ڪيل واعدن ۽ يقين ڏيارڻ کي عملي جامو پارايو پيو وڃي.اها ڳالهه هن چڪور نالي تي جاري ڪارپيٽنگ جي ڪم جو جائزو وٺندي ڪئي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چڪور نالي جي دوري دوران جاري ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو ۽ چيو ته هي منصوبو گلستان جوهر شاهراهه فيصل ڊالميا ۽ پهلوان ڳوٺ سميت ڀرپاسي وارن علائقن جي شهرين لاءِ انتهائي اهم آهي هن چيو ته چڪور نالي بابت جاري ڪم کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن هن چيو ته ڪراچي جي شهرين کي بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران ڪراچي جي عوام سان ڪيل واعدن موجب شهر ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي ميئر ڪراچي چيو ته اسان وٽ جيڪي به وسيلا صلاحيتون ۽ اختيار موجود آهن انهن کي ڪراچي جي عوام جي بهتري ۽ سهولت لاءِ استعمال ڪيو ويندو شهرين سان ڪيل واعدن کي رڳو اعلان تائين محدود نه رکيو ويندو پر عملي قدمن ذريعي انهن کي پورو ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته بلدياتي ادارا شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري ترقياتي ڪمن جي پاڻ نگراني ڪري رهيا آهن ۽ عوام کي بهتر شهري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ موجود آهن ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ منصوبا پڻ مڪمل ڪري شهرين آڏو پيش ڪيا ويندا

"روزاني عبرت" 3[redacted]

ريونيو هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ڪم جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ڪوتاهي ڪندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي انهن خيالن جو اظهار هن چنچر تي ريلوي هيڊ ڪوارٽرز ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ريلوي اسڪريپ ۽ اسپيئر پارٽس جي چوري جي روڪٿام لاءِ زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪرڻ جو فيصلو به ڪيو ويو

"روزاني عبرت" 3[redacted]

اسپتال منتقل ڪيو ويو بک هڙتالي حسين بخش ويسر ۽ سونو خان عالماڻي جي حالت خراب ٿيڻ تي رورل هيلٿ سينٽر ۽ 1122 ريسڪيو ايمبولينس ذريعي کين اسپتال منتقل ڪيو ويو بک هڙتالين الزام هنيو ته يونيورسٽي ڪالوني ۾ قائم سرڪاري اسپتال مان ايمبولينس نه موڪلي وئي ۽ ڊاڪٽر کي پڻ ڪيمپ تي اچڻ کان روڪيو ويو ان کان اڳ بک هڙتالي گلاب مگسي جي طبيعت خراب ٿيڻ تي کيس پڻ طبي امداد ڏني وئي هئي ٻن بک هڙتالين جي بيهوش ٿيڻ بعد بک هڙتالي ڪيمپ تي ماحول سوگوار ٿي ويو لنڊن ۾ رهندڙ زرعي يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش بک هڙتالين سان رابطو ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪندي سندن حمايت ڪئي

[redacted]

هنگورو بدر علي نجم، رحمان، عجيب، ارشاد، امير عظيم، نظير آصف، امتياز علي ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي ان موقعي تي معشوق علي هنگورو ٻڌايو ته ڪڪو ٿاڻي جو SHOغلام حيدر چانڊيو پاران منهنجي معان جعلي پوليس مقابلي جا 8 ڏينهن اندر الڳ الڳ 2 ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن جيڪي من گهڙت ۽ ڪوڙا الزام آهن

[redacted]

علائقي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ ٻه ڀائر چيپائجي ويا. پوليس موجب بس جي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڀاءُ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو ڀاءُ زخمي ٿي پيو جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

[redacted]

چوڪنڊي، درسانو چنو پيري، گلشن حديد، ڪيماڙي سميت ٻين علائقن مان مختلف برادرين جون حمايت ۾ ريلين ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير اڳيان هزارين ماڻهن جو احتجاج

[redacted]

سنڌ جاويد عالم اوڍو سخت نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کان فوري طور تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي وزير داخلا سنڌ هدايت ڪئي ته رتوديرو فائرنگ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن ضياءِ الحسن لنجار چيو ته علائقي ۾ امن امان هر صورت ۾ برقرار رکيو وڃي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم يقيني بڻايا وڃن هن هدايت ڪئي ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اثرائتي ناڪابندي ۽ سرچ آپريشن ڪيو وڃي جڏهن ته رتوديرو ۾ پوليس جي اثرائتي موجودگي پڻ يقيني بڻائي وڃي وزير داخلا سنڌ چيو ته ڪنهن به امڪاني ناخوشگوار صورتحال جي روڪٿام لاءِ سمورا ضروري حفاظتي انتظام يقيني بڻايا وڃن

[redacted]

گهٽ ۾ گهٽ 15 ماڻهن جا لاش هٿ ڪيا ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق مقامي پوليس ۽ ميڊيا ذريعن مطابق مقامي حڪومتي علائقي موسوني ۽ الا ويجهو فصلن ۾ حملي بعد لاش هٿ ڪيا ويا. بورنو پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته هٿ ڪيل لاش مقامي هارين جا آهن جڏهن ته ٻين متاثرن جو هن وقت تائين ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو مقامي ذريعن جي حوالي سان ميڊيا ٻڌايو ته متاثرن ۾ هاري ۽ ڪاٺيون ڪندڙ ماڻهو شامل آهن حملو ڪندڙن مبينا طور تي فصلن ويجهو انهن ماڻهن کي لکي نشانو بڻايو هڪ مقامي ماڻهو مطابق حملي واري ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ 18 ماڻهو فصلن ڏانهن ويا هئا.

[redacted]

جو مرڪز 10 ڪلوميٽر اونهائي ۾ 10.44 ڊگري اتر عرض البلد ۽ 62.42 ڊگري اوڀر طول البلد تي رڪارڊ ڪيو ويو زلزلي سبب فوري طور ڪنهن جاني يا مالي نقصان جا اطلاع ناهن مليا.

[redacted]

احتجاج نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب يوسي جيئندل ڪوٽ شاهپور ڊرو ٿاڻي جي حد ۾ 28 ڪروڙ رپين جي ماليت جو ڦهنڊڙ مسيرڳوڙي کان غلام حيدر جويو وايا شڪر مل روڊ تي مبينا طور باثر زميندارن جي ٽريڪٽر ٽرالين بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي گويل سان روڊ تان گذرڻ سبب روڊ کي نقصان پهچائڻ هاڻ روڊ جو معمول بڻجي ويو آهي پر هي ڪارنامو شاهپور ڊرو پوليس کي نظر نٿو اچي ان حوالي سان پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران احتجاج ڪيو ويو آهي ان موقعي تي پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻن ڪامريڊ نثار لغاري، ڪامريڊ گلزار لغاري ۽ ڪامريڊ دوست علي لغاري چيو ته ڏاڍو ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تيار ٿيندڙ روڊ تي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ گويل هلائڻ سان روڊ کي نقصان پهچڻ سان سرڪاري خزاني ۽ عوامي مفاد کي سخت نقصان پهتو آهي ۽ افسوس شاهپور ڊرو پوليس انتظاميا کي ڪو هڪ ٻه ٽريڪٽر قومي زيان ڪندي نظر نٿو اچي هنن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته روڊ کي نقصان پهچائڻ واري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

[redacted]

قتل ڪري فرار ٿي ويا رپورٽ موجب رتوديرو شهر جي حد رتوديرو جي جيڪب آباد روڊ واري علائقي ۾ پراڻي زميني تڪرار تان هٿيارٻندن دڪان تي فائرنگ ڪري واڄهو سميت 5 ڄڻن کي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. مقتولن ۾ رجب علي گهانگهرو سنڌس 2 پٽ رياض ۽ قربان جڏهن ته بلاول گهانگهرو ۽ واڄهو عبدالله بروهي شامل آهن اطلاع تي پوليس پهچي مقتولن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال رتوديرو منتقل ڪري ڇڏيو ان حوالي سان رتوديرو ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو زرعي زمين جي معاملي تان هلندڙ پراڻي دشمني جو نتيجو آهي تڪرار گهانگهرو برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ هو جنهن ۾ لعل شاهه بري جي ڏاهاڻي برادري جا ماڻهو پڻ شامل آهن مقتولن جو پوسٽ مارٽم ڪرائي سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج چيڪ ڪرڻ ۽ ٻيا شاهدين گڏ ڪرڻ سميت وڌيڪ قانوني ضابطي جون ڪارروائيون جاري آهن شهر ۾ ناڪابندي سميت جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ٽيمون روانو ڪيون ويون آهن جلد جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو

[redacted]

تقريب ۾ خصوصي شرڪت ڪري شاگردن ۾ تحفا ۽ انعام ورهايا

[redacted]

پرڏيهي آفيس جي مسجد جي واڌ ويجهه ۽ رنگ روغن جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب ان واڌ سان مسجد جي گنجائش ۾ واڌارو ٿيندو جڏهن ته وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي نماز جي ادائگي لاءِ ڪشاديون ۽ بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون

[redacted]

ڪي مبينا مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته جوابدار جي قبضي مان 13 لک رپيا روڪ رقم ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن پوليس جي ترجمان موجب چنچر ڏينهن صبح سوير پراڻا قبرستان پرسان شير شاهه پوليس جي موٽرسائيڪل سوار ٻن هٿيارٻندن سان مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پوليس هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 04 آڪٽوبر 2026ع

هرمز جي دٻاءَ ۾ آمريڪي چونڊون ۽ ٽرمپ جو سياسي امتحان

فريد احمد

وچ اوڀر جي جنگ جو سڀ کان وڏو سياسي دٻاءُ هاڻي واشنگٽن جي اندر محسوس ٿي رهيو آهي. آمريڪا ۾ 3 نومبر جي مڊٽرم چونڊن لاءِ مهم عملي طور تي تيز ٿي چڪي آهي ۽ صدر ڊونلڊ ٽرمپ به 32 ڏينهن جي مهم تي نڪري پيو آهي. پر مسئلو اهو آهي ته چونڊ مهم جنهن وقت تيز ٿي رهي آهي، ان ئي وقت ايران جي جنگ جو بار آمريڪي ووٽر جي کيسي تائين پهچي ويو آهي. رائٽرز موجب ٽرمپ پاڻ به پنهنجي معاشي ڪارڪردگيءَ جي تشهير بابت شڪايت ڪري چڪو آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي ريپبلڪن اميدوارن ايران جي جنگ ۽ وڌندڙ ٻارڻ جي اگهن تي صدر کان فاصلو رکڻ شروع ڪيو آهي.

وائٽ هائوس جي صورتحال ۾ به تضاد صاف نظر اچي ٿو. هڪ طرف ٽرمپ جنگ ختم ڪرڻ ۽ ڳالهين جي امڪانن جون ڳالهيون ڪري ٿو ته ٻئي طرف وچ اوڀر ڏانهن آمريڪي فوجي قوت وڌائي پئي وڃي. ٽن جهاز بردار جنگي گروپن ۽ هزارين وڌيڪ فوجين جي خطي ڏانهن منتقليءَ جون خبرون اهڙي وقت اچي رهيون آهن، جڏهن ايران سان سفارتڪاري جو رستو مڪمل طور بند به ناهي ٿيو.

ٽرمپ لاءِ اصل سياسي سوال اهو آهي ته جنگ کي ڪيئن ختم ڪجي. جيڪڏهن ايران سان ڪو معاهدو ٿئي ٿو ته ان کي آمريڪي مفادن جي ڪاميابي طور پيش ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن جنگ جاري رهي ٿي ته تيل، ڊيزل ۽ روزاني شين جي وڌندڙ قيمتن جو بار به وضاحت سان عوام آڏو رکڻو پوندو. ٽرمپ تازو گئس جي وڌندڙ قيمتن کي جنگ جي مقصدن جي مقابلي ۾ گهٽ قيمت قرار ڏنو، پر آمريڪي ووٽر لاءِ اهو سوال وڌيڪ سادو آهي: جنگ جي اسٽريٽجڪ قيمت ڀلي جيڪا به هجي، پر گهر جو خرچ ڪيترو وڌندو؟

هتي ڊيزل جو بحران خاص اهميت اختيار ڪري ويو آهي. گئسولين جي قيمت سڌي طرح هر گاڏي هلائيندڙ کي نظر اچي ٿي، پر ڊيزل جي قيمت جو اثر ٽرڪ، ٽريڪٽر، مال برداري، زراعت، تعمير ۽ آخرڪار مارڪيٽ ۾ اينڊڙ شين جي قيمتن تي پوي ٿو. واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ موجب رڪارڊ ڊيزل اگهن آمريڪا جي انهن ڳوٺاڻن ۽ ريپبلڪن ووٽرن کي به متاثر ڪيو آهي، جيڪي عام طور ٽرمپ جي مضبوط حمايت ڪندڙ سمجهيا وڃن ٿا. ڪجهه ريپبلڪن اميدوار هاڻي ايران جنگ جلد ختم ڪرڻ ۽ ڊيزل جي روانگي واپار تي عارضي پابنديءَ جا مطالبا ڪري رهيا آهن.

صورتحال ڪيتري سنگين آهي ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته 2 آڪٽوبر تي G7 (جي سيون) ملڪن 100 ملين بيرل خام تيل ۽ ڊيزل جا هنگامي ذخيرا مارڪيٽ ۾ آڻڻ تي اتفاق ڪيو، جنهن جي شروعات ڊيزل جي وڏي مقدار سان ڪرڻي آهي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڊيزل جون قيمتون سڀ کان مٿاهين سطح تي پهچڻ کان پوءِ اهو قدم کنيو ويو آهي.

يعني وچ اوڀر جي جنگ هاڻي واشنگٽن ۾ صرف پرڏيهي پاليسيءَ جو سوال نه رهي آهي. اها پيٽرول پمپ، ٽرڪ، فارم، ڪارخاني ۽ سپرمارڪيٽ جي بل جو سوال بڻجي وئي آهي. ۽ جيئن جيئن جنگ جو اثر ووٽر جي روزاني زندگيءَ ۾ داخل ٿيندو ويندو تيئن تيئن چونڊ مهم ۾ حڪمران جماعت لاءِ ڏکيائيون وڌنديون وينديون.

تازو AP_NORC سروي وائيٽ هائوس لاءِ وڌيڪ ڏکيو منظر پيش ڪيو آهي. سروي موجب رڳو 17 سيڪڙو آمريڪين ٽرمپ جي رهڻي ڪهڻي جي وڌندڙ خرچن بابت ڪارڪردگيءَ کي منظور ڪيو. جڏهن ته معيشت بابت سندس منظوري 26 سيڪڙو رهي. لڳ ڀڳ 65 سيڪڙو آمريڪين چيو ته اهي ٽرمپ جي پاليسين کي وڌندڙ قيمتن جو ذميوار سمجهن ٿا. ايران بابت سندس ڪارڪردگيءَ کي به 71 سيڪڙو ماڻهن رد ڪري ڇڏيو.

اهو انگ اکر آمريڪي عوام جي پريشانيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. عام آمريڪين لاءِ ايران جو ائٽمي پروگرام، هرمز جي سامونڊي گذرگاهه يا واشنگٽن ۽ تهران جي سفارتي سوديبازي تڏهن وڌيڪ اهم بڻجي ٿي، جڏهن انهن جو اثر گاڏيءَ جي ٽانڪي، کاڌي جي بل ۽ گهر جي خرچ تي پوي ٿو.

انهيءَ ڪري آمريڪي مين اسٽريم ميڊيا جي موجوده بحث جو هڪ اهم رخ به بدلجي رهيو آهي. سوال هاڻي رڳو اهو ناهي ته ٽرمپ ايران سان جنگ ۾ ڇا حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. سوال اهو به آهي ته اها جنگ آمريڪي معيشت ۽ اينڊڙ مڊٽرم چونڊن تائين ڪيترو سياسي ۽ معاشي بار کڻي سگهندي؟ رائٽرز موجب ڪيترن ئي ريپبلڪن اميدوارن لاءِ ڏکيو ٿي پيو آهي ته هو ٽرمپ سان گڏ بيهڻ ۽ پنهنجي حلقن جي ووٽرن جي وڌندڙ معاشي پريشانيءَ کي اهميت ڏيڻ مان هڪ فيصلو ڪن.

هتي وائٽ هائوس جو اصل امتحان آهي. ٽرمپ کي هڪ ئي وقت ٽن محاذن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: ايران تي دٻاءُ برقرار رکڻ، تيل ۽ ڊيزل جا اگهه ضابطي ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي اميدوارن کي اهڙي مهم ڏيڻ، جنهن ۾ جنگ بدران روزاني زندگيءَ جي مسئلن بابت پڇاڙو نه ٿئي.

پر جنگ بابت سڀ کان سخت سوال شايد تهران ۾ نه، آمريڪي ووٽر جي گهر ۾ پڇيو پيو وڃي: ايران خلاف جنگ مان آمريڪا کي ڇا مليو ۽ ان جي قيمت عام آمريڪي ڪيتري ادا ڪئي؟

جيڪڏهن هرمز ڊگهي عرصي تائين عالمي توانائيءَ کي دٻاءَ ۾ رکيو، ڊيزل جي کوٽ جاري رهي ۽ تيل جا اگهه چونڊ مهم تائين عوام جي روزاني خرچ کي متاثر ڪندا رهيا ته واشنگٽن لاءِ جنگ کي صرف فوجي ڪاميابيءَ جي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ ڪافي نه رهندو. ڇو ته ميزائلن جي جنگ جو حساب آخرڪار ڊالرن، بيرلن ۽ گهر جي خرچن ۾ ٿيندو.

آءِ ايم ايف جي اينڊڙ قسط ۽ قرض جو چار

مجيب ناريجو

آءِ ايم ايف جو مشن هن وقت اسلام آباد ۾ موجود آهي ۽ پاڪستان جي موجوده پروگرام جي چوٿين جائزي لاءِ ڳالهيون جاري آهن. جائزو ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ پاڪستان کي موجوده پروگرام تحت لڳ ڀڳ هڪ ارب ڊالر ۽ موسمياتي سهولت (RSF) تحت وڌيڪ 200 ملين ڊالر، يعني مجموعي طور لڳ ڀڳ 1.2 ارب ڊالر جي رقم ملڻ جي اميد آهي. پر هر نئين قسط سان گڏ هڪ پراڻو سوال به ٻيهر سامهون اچي ٿو: پاڪستان کي هر ڪجهه سالن کان پوءِ نئين قرض ۽ نئين مالي سهاري جي ضرورت ڇو پوي ٿي؟

جون 2026ع تائين پاڪستان جو مجموعي سرڪاري قرض 86.72 ٽريلين (867 کرب 20 ارب) رپين تائين پهچي ويو جيڪو گذريل سال کان 7.7 سيڪڙو وڌيڪ آهي. ان مان 59.44 ٽريلين رپيا ملڪي قرض ۽ باقي لڳ ڀڳ 27.28 ٽريلين رپين جي برابر پرڏيهي قرض هو. ڊالر ۾ پرڏيهي سرڪاري قرض 98.075 ارب ڊالر رهيو. قرض جو GDP، يعني مجموعي ملڪي پيداوار سان تناسب، تنهن هوندي به 70.6 سيڪڙو مان گهٽجي 68.3 سيڪڙو ٿيو. يعني قرض وڌيو آهي، پر مجموعي معيشت جي ڀيٽ ۾ قرض جو بار ڪجهه گهٽ ٿيو آهي.

پر قرض جي اصل اهميت رڳو ان جي مجموعي رقم مان ظاهر نٿي ٿئي. اهو به ڏسڻو پوندو آهي ته حڪومت جي آمدنيءَ مان ڪيترو حصو قرض جي وياج ۾ وڃي ٿو. مالي سال 2025-26ع ۾ وفاق جي خالص آمدني 10.52 ٽريلين رپيا رهي، جڏهن ته وياج جي ادائيگي 6.948 ٽريلين رپين تائين پهتي. يعني وفاق جي خالص آمدنيءَ جو لڳ ڀڳ ٻه ڀاڱي ٽي حصو رڳو قرض جي وياج ۾ هليو ويو. وياج جي ادائيگي گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 22 سيڪڙو گهٽجڻ باوجود اها رقم ايتري وڏي آهي، جو تعليم، صحت، ترقي ۽ روزگار لاءِ مالي گنجائش ڪيتري بچي ٿي، اهو سوال اهم بڻجي وڃي ٿو. مالي سال 2025-26ع ۾ وفاقي مالي خسارو 4.763 ٽريلين رپيا رهيو جيڪو گذريل سال جي 7.089 ٽريلين رپين کان گهٽ هو. وفاق بنيادي سرپلس به حاصل ڪيو، يعني وياج جي ادائيگي کان اڳ حڪومت جي آمدني ۽ غير وياجي خرچن ۾ 2.185 ٽريلين رپين جي بچت رهي. پر وياج جي وڏي بار سبب مجموعي طور وفاق کي وري به مالي خساري کي منهن ڏيڻو پيو.

هتي آءِ ايم ايف جي موجوده پروگرام کي سمجهڻ به ضروري آهي. پاڪستان هن وقت 7 ارب ڊالر جي 37 مهينن واري پروگرام ۾ آهي. مئي 2026ع ۾ ٽئين جائزي جي منظوريءَ کان پوءِ لڳ ڀڳ 1.1 ارب ڊالر جاري ٿيا، جڏهن ته موسمياتي سهولت تحت 220 ملين ڊالر به جاري ڪيا ويا. هاڻي چوٿين جائزي لاءِ ڳالهين جو مرحلو جاري آهي. يعني پاڪستان ڪنهن نئين آءِ ايم ايف پروگرام ۾ داخل ٿيڻ بدران موجوده پروگرام جا شرط پورا ڪري، اينڊڙ قسط حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

سوال وري ساڳيو آهي ته هڪ قسط اچي ٿي، پرڏيهي ادائيگين جو دٻاءُ ڪجهه وقت لاءِ گهٽجي ٿو پوءِ ڪجهه عرصي کان بعد وري ساڳي ضرورت ڇو پيدا ٿئي ٿي؟

قرض پاڻ مسئلو ناهي. جيڪڏهن قرض صنعت، زراعت، روانگي واپار، بنيادي ڍانچي ۽ روزگار وڌائڻ ۾ لڳي ۽ ان مان مستقبل جي آمدني پيدا ٿئي ته اهو معاشي اوزار بڻجي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن نئون قرض پراڻو قرض، وياج ۽ بجيٽ جو خسارو پورو ڪرڻ ۾ لڳندو رهندو ته ملڪ قرض لاهڻ بدران قرض جي ادائيگيءَ واري جاکوڙ ۾ ڦاسندو ويندو.

قرض جو بار رڳو وفاقي بجيٽ جي انگن ۾ نظر نٿو اچي. توانائيءَ جو شعبو به اهڙو ئي هڪ وڏو مسئلو آهي. جون 2026ع جي انگن موجب پاور سيڪٽر جو گردشي قرض 1.675 ٽريلين رپين تائين پهچي ويو.

گردشي قرض کي سادو ڪري ائين سمجهي سگهجي ٿو ته بجليءَ جي پيداوار، ورڇ ۽ ادائيگين جي نظام ۾ هڪ در جون بقايائون ٻي در ڏانهن منتقل ٿينديون رهن ۽ وقت سان گڏ اهو بار وڌندو وڃي. اهو انگ وفاقي سرڪاري قرض جي انگ ۾ سڌيءَ طرح شامل نه آهي، پر توانائيءَ جي شعبي ۾ پيدا ٿيندڙ هي مالي بار آخرڪار حڪومت، بجليءَ جي اگهن ۽ واهپيدارن جي خرچن تي اثر وجهي ٿو.

توانائيءَ جي مسئلي ۾ رڳو گردشي قرض ئي نه، پر ڪمپنين سان مهانگي بجلي خريد ڪرڻ جا معاهدا، درآمدي ٻارڻ، ڊالر سان ڳنڍيل ادائيگين، بجليءَ جي چوري، لائين لاسز ۽ گهٽ اوڳاڙين جهڙا مسئلا به شامل آهن. بجلي پيدا ٿئي يا نه، ڪجهه معاهدن تحت پاور پلانٽس کي سندن مقرر ڪيل گنجائش جي ادائيگي ڪرڻي پوي ٿي. بجلي پيدا ٿئي يا نه، جنهن کي عام طور تي 'ڪيپيسٽي پيمينٽ' چيو وڃي ٿو. نتيجو اهو نڪري ٿو ته بجليءَ جي شعبي جو مالي بار ختم نٿو ٿئي ۽ آخرڪار ان جو اثر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ صارف يا سرڪاري خزاني تي پوي ٿو.

اهڙي صورتحال ۾ بجليءَ جي سبسڊيءَ جو سوال به اهم ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن حڪومت بجليءَ جي بل ۾ عام رعايت ڏيڻ بدران گهٽ آمدني وارن خاندانن کي سڌي مالي مدد ڏيڻ جي پاليسي اختيار ڪري ٿي ته ان جو مقصد اهو هوندو ته رعايت انهن تائين پهچي، جن کي واقعي ضرورت آهي. پر هتي اصل سوال رعايت جي نالي کان وڌيڪ ان نظام جي پهچ جو آهي: ڇا ملڪ وٽ اهڙي سڃاڻپ ۽ ورڇ جو نظام موجود آهي، جيڪو هر مستحق خاندان تائين پهچي سگهي؟ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) تحت ڪفالت پروگرام ۾ مالي سال 2025-26ع جي پڇاڙي تائين خاندانن جو انگ 10.2 ملين تائين پهچائڻ جو هدف رکيو ويو هو. پر جيڪڏهن بجليءَ جي بل مان رعايت ڪڍي ان جي جاءِ تي نقد مدد ڏيڻ جو نظام وڌايو وڃي ٿو ته پوءِ اهو به ڏسڻو پوندو ته مستحق ماڻهو ان فهرست ۾ موجود آهن يا نه. غريب جي بل تان رعايت ڪڍي ڪيس ٻئي نظام ۾ وجهڻ کان اڳ اهو يقيني بڻائڻ ضروري آهي ته اهو نظام غريب کي سڃاڻي به ٿو ۽ ان تائين پهچي به ٿو. ٻي صورت ۾ پاليسي رڳو ڪاغذن جي حد تائين حقدار ماڻهن تائين پهچندي نظر ايندي، پر جنهن خاندان کي واقعي مدد جي ضرورت آهي، اهو ان کان ٻاهر رهجي سگهي ٿو.

ٻيو وڏو مسئلو مهانگائي آهي. پاڪستان ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران مهانگائي جي شرح 10.26 سيڪڙو رهي، يعني گذريل سال جي ساڳئي مهيني جي ڀيٽ ۾ شين ۽ خدمتن جي مجموعي قيمتن ۾ 10.26 سيڪڙو واڌ ٿي. ان جو مطلب اهو ناهي ته هر شيءِ جي قيمت 10 سيڪڙو وڌي وئي، پر مجموعي طور شين ۽ خدمتن جي قيمتن جي سطح گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ايتري وڌي آهي. جڏهن آمدنيءَ جي واڌ قيمتن جي واڌ سان گڏ نه هجي ته عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي سگهه متاثر ٿيندي آهي.

حڪومت لاءِ آمدني وڌائڻ جو هڪ وڏو ذريعو ٽيڪس آهي، پر هتي به سوال رڳو ٽيڪس اوڳاڙي وڌائڻ جو ناهي. تازي Tax Expenditure Report 2026 مطابق مالي سال 2024-25ع ۾ مختلف ٽيڪس ڇوٽن ۽ رعايتن جي مجموعي ماليت 2.3528 ٽريلين رپيا رهي. هر ٽيڪس ڇوٽ لازمي طور غلط ناهي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه رعايتن جو مقصد صنعت، سيڙپڪاري يا ڪنهن خاص شعبي کي سهارو ڏيڻ به ٿي سگهي ٿو. پر جڏهن وفاقي آمدنيءَ جو وڏو حصو قرض جي وياج ۾ هليو وڃي، تڏهن ٽيڪس ڇوٽن ۽ رعايتن جو ڪهڙو جواز رهي ٿو.

ساڳئي وقت ملڪ لاءِ روانگي واپار وڌائڻ به ضروري آهي. قرض وٺي پرڏيهي ادائيگين جو دٻاءُ ڪجهه وقت لاءِ گهٽائي سگهجي ٿو، پر ڊگهي مدي ۾ ملڪ کي پنهنجي ٻاهرين ادائيگين لاءِ پرڏيهي ناڻو ڪمائڻو پوندو.

ان لاءِ صنعت ۽ زراعت جي پيداوار وڌائڻ، توانائيءَ جي لاڳت گهٽائڻ، مالي خرچن تي ضابطو رکڻ، پاليسيءَ ۾ تسلسل آڻڻ ۽ اهڙيون شيون پيدا ڪرڻ ضروري آهن، جن جي عالمي مارڪيٽ ۾ طلب هجي. رڳو روانگي واپار جا هدف مقرر ڪرڻ سان پرڏيهي آمدني نٿي وڌي، ان لاءِ پيداوار ۽ مقابلي جي سگهه وڌائڻي پوندي.

بهرحال سوال آءِ ايم ايف جي اينڊڙ قسط جو ناهي، سوال ان قسط کان پوءِ اينڊڙ ضرورت جو آهي. جيڪڏهن 1.2 ارب ڊالر جي نئين رقم ڪجهه وقت لاءِ پرڏيهي ادائيگين جو دٻاءُ گهٽائي ٿي، پر ڪجهه عرصي کان پوءِ ملڪ کي وري ساڳئي مالي سهاري جي ضرورت پوي ٿي، ته پوءِ مسئلو قسط جي سائيز کان وڏو آهي. اصل مسئلو اها معاشي ساخت آهي، جنهن ۾ قرض، وياج، مالي خسارو، توانائيءَ جو بار، گهٽ روانگي واپار ۽ محدود سرڪاري آمدني هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

پاڪستان قرض وٺي وقت خريد ڪندو رهيو آهي، پر هاڻي ضرورت اهڙي معيشت ٺاهڻ جي آهي، جيڪا وقت گذرڻ سان قرض جي ضرورت گهٽ ڪري. ان لاءِ قرض جي رقمن کي پيداواري شعبن تي لڳائڻو پوندو، سرڪاري آمدني وڌائڻي پوندي، غير ضروري رعايتن ۽ خرچن جو جائزو وٺڻو پوندو، توانائيءَ جي نظام مان گردشي قرض جو چڪر ٽوڙڻو پوندو ۽ روانگي واپار وڌائڻو پوندو. آءِ ايم ايف جي اينڊڙ قسط بحران کي ڪجهه وقت لاءِ سنڀالي سگهي ٿي، پر اصل ڪاميابي ان وقت چئبي، جڏهن ملڪ کي اينڊڙ قسط لاءِ وري آءِ ايم ايف ڏانهن واجهائڻو نه پوي.

'اي آءِ' دماغ ۾ ٺڪل تصوير کي ڏسي ورتو

انسان جيڪو ڪجهه ڏسي ٿو، اهو رڳو اکين سان ڏسڻ جو عمل ناهي. تصوير اکين کان دماغ تائين پهچي ٿي ۽ پوءِ دماغ ان جو مطلب سمجهي ٿو. سالن کان سائنسدان اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن ته دماغ تصوير کي آخر ڪيئن سڃاڻي ٿو. هاڻي مصنوعي ذهانت ان تحقيق ۾ هڪ نئون دروازو کوليو آهي.

تجربن دوران اي آءِ دماغي سرگرمي مان تصوير جا ڪجهه حصا ٻيهر ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي. ڪٿي رنگ، ڪٿي شڪل ۽ ڪٿي تصوير ۾ موجود شين جو اندازو لڳايو ويو. تحقيق دوران دماغ جا 128 علائقا به سڃاتا ويا، جن مان ڪجهه بابت اڳ ايتري ڄاڻ موجود نه هئي. هتان هڪ دلچسپ سوال پيدا ٿئي ٿو: جيڪڏهن مشين دماغ ۾ ٺڪل تصوير جو اندازو لڳائي سگهي ٿي ته ڇا مستقبل ۾ خواب به اسڪرين تي آڻي سگهبا؟ في الحال اهڙو نتيجو ڪڍڻ وقت کان اڳ هوندو.

اسرائيل جي ويزمان انسٽيٽيوٽ آف سائنس جي سائنسدانن هڪ اهڙو اي آءِ نظام تيار ڪيو آهي، جيڪو دماغ جي اسڪين مان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته ماڻهوءَ جي سامهون ڪهڙي تصوير آهي. ماڻهوءَ کي هڪ تصوير ڏيکاري وڃي ٿي ۽ ان دوران دماغ ۾ ٿيندڙ سرگرمي کي fMRI مشين ذريعي رڪارڊ ڪيو وڃي ٿو. پوءِ اي آءِ انهن نشانين جو تجزيو ڪري تصوير ٻيهر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. دماغ اندر تصوير ڪنهن موبائل يا ڪمپيوٽر جي اسڪرين وانگر محفوظ نٿي ٿئي. تصوير ڏسڻ وقت دماغ جي مختلف حصن ۾ سرگرمي ۽ رت جي وهڪري ۾ تبديليون ٿين ٿيون. fMRI انهن تبديلين کي رڪارڊ ڪري ٿي ۽ اي آءِ انهن انگن اکرن مان اندازو لڳائي ٿي ته ماڻهو ڇا ڏسي رهيو هو.

سنڌي ڊيسڪ

اڃا موجوده ٽيڪنالاجي محدود آهي ۽ اها ڪنهن ماڻهوءَ جي هر سوچ، ياد يا خواب پڙهي نٿي سگهي. هن وقت تحقيق جو دائرو مخصوص حالتن ۾ دماغي سرگرمي ۽ ڏٺل تصوير وچ ۾ تعلق سمجهڻ تائين محدود آهي.

پر ان جا عملي فائدا ٿي سگهن ٿا. جيڪي ماڻهو ڳالهائي نٿا سگهن يا پنهنجي مرضيءَ جو اظهار نٿا ڪري سگهن، انهن لاءِ دماغ ۽ ڪمپيوٽر وچ ۾ سڌو رابطو پيدا ڪرڻ جا نوان رستا کلي سگهن ٿا. ساڳئي وقت رازداري جو سوال به اهم آهي. جيڪڏهن مستقبل ۾ دماغ مان وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ ممڪن ٿيو ته ان معلومات جي حفاظت ڪيئن ٿيندي؟ ڪنهن ماڻهوءَ جي اجازت کان سواءِ سندس دماغي سرگرمي جو تجزيو ڪرڻ جو حق ڪنهن کي هوندو؟

تنهنڪري هن تحقيق کي "اي آءِ ذهن پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو" چوڻ وڌاءُ ٿيندو. حقيقت اها آهي ته اي آءِ هن وقت محدود حالتن ۾ دماغي سرگرمي مان ڏٺل تصوير جو اندازو لڳائي رهي آهي. پر اهم ڳالهه اها آهي ته مصنوعي ذهانت سائنسدانن کي انساني دماغ جي ڪم کي سمجهڻ ۾ نوان رستا ڏئي رهي آهي. شايد هن تحقيق جو سڀ کان دلچسپ پاسو اهو ئي آهي ته اي آءِ انسان جو ذهن پڙهڻ کان اڳ انسان کي سندس پنهنجي دماغ جي نئين دنيا سان واقف ڪرائي.



ڪئنسر جي علاج ۾ ايران جي بيمثال ڪاميابي

بين الاقوامي سياسي ڇڪتاڻ، چئلينجن ۽ ڏهاڪن کان جاري سخت معاشي پابندين جي باوجود ايران طبي سائنس، خاص طور تي ڪئنسر جي تشخيص ۽ علاج جي ميدان ۾ اهڙيون غير معمولي ۽ نادر ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، جن سڄي عالمي طبي برادريءَ کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. ايٽمي ٽيڪنالاجيءَ جي پرامن استعمال ۽ نانو ٽيڪنالاجيءَ جي بيحد موثر استعمال سان ايراني ان سان گڏوگڏ، ايران ايٽمي طب جي سڀ کان اعليٰ ... ڇاتي ۽ بيضادانيءَ جي ڪئنسر جي مريضن جو علاج بيحد آسان ۽ گهٽ تڪليف ڏيندڙ بڻجي ويو آهي.

سائنسدانن ڪئنسر جي موذي مرض خلاف حقيقي موڙ تي اڳڀرائي ڪندي پاٿبريڪ جو اهم سنگ ميل پار ڪيو آهي. ايران جي ائٽمي توانائي تنظيم پنهنجي تحقيقاتي ريئيڪٽرز ذريعي اهڙا ايٽمي آئيسوٽوپس مقامي سطح تي تيار ڪري ورتا آهن، جيڪي ڪئنسر وارن گهرڙن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن کي پاڙ کان ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. ايران هن وقت 70 کان وڌيڪ ايٽمي ۽ ريڊيو فارماسيٽيڪل دوائون پاڻ وٽ تيار ڪري رهيو آهي، جيڪي خاص طور تي پروسٽيٽ، هڏين، ڇاتي ۽ جگر جي ڪئنسر جي ابتدائي تشخيص ۽ اثرائتي علاج لاءِ انتهائي ڪارگر ثابت ٿيون آهن.

ان کان پوءِ ڪئنسر جي روايتي علاج ڪيموٿراپي جنهنجا مريض جي جسماني صحت تي وڏا زهريلا ۽ ناڪاري اثر پوندا آهن، ان ڪيموٿراپيءَ جو وڏو توڙ ايراني سائنسدانن نينو ٽيڪنالاجيءَ ذريعي نئين دوائي مرڪبن سان ڳولي ورتو آهي. اهي نينو دوائون جسم جي باقي صحتمند گهرڙن کي ڪنهن به نقصان پهچائڻ کان سواءِ سڌو رڳو ڪئنسر جي متاثر گهرڙن تائين پهچي انهن کي ختم ڪن ٿيون. جنهن سبب

طريقيڪار يعني الفا-ٽارگيٽڊ ٿراپي سسٽم تي به ڪامياب تجربا ڪيا آهن. جنهن ذريعي ريڊيئيشن جون انتهائي تيز ۽ باريڪ لهرون رڳو ٽيومر تائين موڪلي ان کي اندروني طور مڪمل تباهه ڪيو وڃي ٿو. ٻئي طرف ايران جا سيلولر ۽ ماليڪيولر تحقيقاتي ادارا اميونائيزيشن ۽ بايو بيسڊ ويڪسينز تي به اڳڀرائي ڪري رهيا آهن، ته جيئن انسان جو پنهنجو اميون سسٽم ڪئنسر جي وڌندڙ گهرڙن جو ڀرپور مقابلو ڪري سگهي. هي سموريون اڳڀرايون ان حقيقت جو روشن ثبوت آهن ته ايران جو ايٽمي پروگرام رڳو دفاعي يا سياسي سياست تائين محدود ناهي، پر ان جو هڪ وڏو ۽ تحقيقي حصو انساني زندگيون بچائڻ جهڙي عظيم مقصد لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. بين الاقوامي پابندين واري ڏکئي ماحول ۾ ڪئنسر جهڙي موذي مرض بابت پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ نوان علاج دريافت ڪرڻ ايران جي ايٽمي سائنس جو هڪ انتهائي مثبت ۽ تاريخي پهلو آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 04 آڪٽوبر 2026ع

حيدرآباد ايئرپورٽ جي بحالي: سنڌ جي ترقيءَ لاءِ اهم قدم!

حيدرآباد ايئرپورٽ کي خراب موسم يا هنگامي صورتحال ۾ متبادل ايئرپورٽ طور استعمال ڪرڻ جو منصوبو سنڌ جي هوابازي، علائقائي رابطن ۽ مستقبل جي معاشي ضرورتن جي حوالي سان هڪ اهم تجويز آهي جيڪڏهن هن منصوبي کي سنجيدگي، فني گهرجن ۽ ڊگهي مدي واري رٿابنديءَ سان اڳتي وڌايو وڃي ته حيدرآباد ايئرپورٽ نه رڳو هنگامي حالتن ۾ ڪراچي ايئرپورٽ لاءِ هڪ قابلِ اعتماد متبادل بڻجي سگهي ٿو پر مستقبل ۾ علائقائي هوابازي جي سرگرمين جو اهم مرڪز پڻ بڻجي سگهي ٿو. ڇو ته حيدرآباد سنڌ جو هڪ اهم تاريخي، انتظامي ۽ معاشي شهر آهي. شهر جي جاگرافيائي حيثيت به اهڙي آهي جو سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن لاءِ اهو هڪ مرڪزي سفري نقطو بڻجي ٿو. ان ڪري حيدرآباد ۾ هڪ فعال ايئرپورٽ جي موجودگي رڳو حيدرآباد جي شهرين لاءِ نه پر پرياسي وارن ضلعن جي ماڻهن لاءِ به اهميت رکي ٿو. خاص طور تي اهڙين حالتن ۾ جڏهن خراب موسم، فني خرابي، هنگامي صورتحال يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري هوائي آپريشن متاثر ٿئي ٿو ته حيدرآباد ايئرپورٽ انهيءَ جو متبادل هوندو.

خبر موجب ته امڪاني اپ گريڊيشن تحت حيدرآباد ايئرپورٽ جي رن وي جي ڊيگهه 7 هزار فوٽن مان وڌائي 11 هزار 5 سئو فوٽ ڪرڻ تي غور ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو منصوبو عملي شڪل اختيار ڪري ٿو ته وڏي سائيز جي جهازن، جن ۾ بوئنگ 777 جهڙا جهاز پڻ شامل آهن، انهن جي لينڊنگ ممڪن بڻائڻ لاءِ گنجائش پيدا ٿي سگهي ٿي. پر رن وي جي ڊيگهه وڌائڻ سان گڏ اهو به ضروري آهي ته ايئرپورٽ جي سموري انفراسٽرڪچر کي جديد هوابازيءَ جي معيارن مطابق بڻايو وڃي، ڇاڪاڻ ته وڏي جهاز جي لينڊنگ لاءِ رڳو ڊگهو رن وي ڪافي ناهي. پر مسافرن لاءِ ٽرمينل جون سهولتون، سامان جي سنڀال، سيڪيورٽي، فائر فائٽنگ ۽ ريسڪيو سروس، ايمرجنسي ميڊيڪل سهولتون، نيويگيشنل سسٽم، گرائونڊ هينڊلنگ ۽ جهازن جي پارڪنگ سميت ڪيترن ئي شعبن کي هڪ ئي وقت بهتر بڻائڻو پوندو. جيڪڏهن ايئرپورٽ کي حقيقي معنائن ۾ متبادل ايئرپورٽ بڻائڻو آهي ته ان جي آپريشنل تياري هر وقت يقيني بڻائڻ به ضروري هوندي. ان کان علاوه اهڙي سهولت سان حيدرآباد توڙي پرياسي جي ماڻهن کي ڪراچيءَ تائين ڊگهو سفر ڪرڻ بعد ايئرپورٽ وسيلي ٻاهرين ملڪن وڃڻ جي ضرورت نه پوندي. خاص طور تي ڪاروباري ماڻهن، شاگردن، مريضن، سرڪاري ملازمن ۽ ٻين مسافرن لاءِ مقامي ايئرپورٽ سفري وقت ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهي ٿو ان سان گڏ حيدرآباد جي واپاري سرگرمين کي به نئين رفتار ملي سگهي ٿي.

حيدرآباد ايئرپورٽ جي بحاليءَ سان سنڌ جي هوابازي جي مجموعي ڍانچي ۾ به توازن پيدا ٿي سگهي ٿو هن وقت ڪراچي ايئرپورٽ تي هوائي آمدرفت جو وڏو بار آهي. جيڪڏهن حيدرآباد کي محدود پر باقاعده علائقائي آپريشنز لاءِ به استعمال ڪيو وڃي ٿو ته هوائي سفري نظام ۾ هڪ اضافي مرڪز پيدا ٿي سگهي ٿو اهڙي ورچ سان نه رڳو هنگامي حالتن ۾ متبادل موجود هوندو پر مستقبل ۾ مسافرن جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ ايئرلائنز، سول ايوي ايشن جي ماهرن، مقامي صنعتڪارن، واپارين، ٽرانسپورٽ جي ماهرن ۽ ضلعي انتظاميا سميت سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت اهم هوندي. حيدرآباد ايئرپورٽ جي بحالي کي سنڌ جي ترقي جي وسيع تناظر ۾ به ڏسڻ گهرجي. جديد دور ۾ ڪنهن به علائقي جي معاشي ترقيءَ لاءِ تيز، محفوظ ۽ قابلِ اعتماد سفري رابطا بنيادي اهميت رکن ٿا. روڊ ۽ ريل سان گڏ هوائي رابطا به ڪاروبار، سياحت، صنعت ۽ انساني وسيلن جي حرڪت کي تيز ڪن ٿا. حيدرآباد ۽ ان جي پرياسي ۾ موجود زرعي، صنعتي، واپاري ۽ تعليمي سرگرمين کي نظر ۾ رکندي مستقبل ۾ هوائي رابطن جي وڌندڙ ضرورت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. حيدرآباد ايئرپورٽ هڪ ڊگهي عرصي کان غيرفعال رهڻ کان پوءِ جيڪڏهن ٻيهر هوابازي جي نقشي تي اڀري ٿي ته اهو سنڌ توڙي ملڪ لاءِ هڪ اهم موقعو هوندو. پر ان موقعي کي مستقل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته فيصلا عارضي بنيادن بدران فني مطالعي، معاشي حقيقتن ۽ عوامي ضرورتن کي سامهون رکي ڪيا وڃن.

ٽرمپ ۽ گڏيل قومن جي زبون حالي

ايوب ملڪ

24 آڪٽوبر 2026ع تي گڏيل قومن (اقوام متحده) کي قائم ٿئي 81 سال مڪمل ٿي ويندا. جيئن ته گڏيل قومن جو ادارو 1945ع ۾ قائم ٿيو پر دنيا ۾ امن قائم رکڻ لاءِ هڪ عالمي اداري جي ضرورت 14هين صديءَ کان ئي محسوس ڪئي پئي وئي. ان سلسلي ۾ 1665ع ۾ هيگو گروٽيش پنهنجي مشهور ڪتاب ’جنگ ۽ امن جو قانون‘ لکي. ان کانپوءِ 1693ع ۾ وليم پين يورپ جي هڪ گڏيل پارليامينٽ جو تصور پيش ڪيو. فلسفي ڪانٽ دنيا ۾ مستقل امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪجهه تجويزون ڏنيون. جڏهن ته روسو يورپ جي وفاق جو هڪ نمونو پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جون اهي ڪوششون اڳتي وڌنديون رهيون. 1899ع ۽ 1907ع ۾ هيگ ڪانفرنسون ٿيون. پوءِ ليگ آف نيشنز قائم ٿي پر جڏهن اهو ادارو دنيا ۾ جنگون روڪڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو، تڏهن آخرڪار هڪ نئين عالمي اداري، يعني گڏيل قومن جو بنياد رکيو ويو. اڄ ٽرمپ گڏيل قومن جي اجلاس ۾ ويهي ايران کي ختم ڪرڻ ۽ ان کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جيڪي نسل ڪشي جي زمري ۾ اچن ٿيون. ان کان اڳ به ٽرمپ گڏيل قومن کي ’کوکلن لفظن سان ڀريل ادارو‘ قرار ڏئي چڪو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته گڏيل قومن جو ادارو ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام يا مفلوج نظر آيو آهي پر ساڳئي وقت هن اداري انساني حقن جو چارٽر به منظور ڪيو جنهن جي بنياد تي انساني حقن جي ڪائونسل قائم ٿي. اها ڪائونسل هر سال جنيوا ۾ اجلاس دوران مختلف ملڪن ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت رپورٽون پيش ڪري ٿي.

ان سان گڏ گڏيل قومن جا ڪيترائي اهلڪار ڏکڻ سوڊان ۾ خيمن اندر راتيون گذارين ٿا. ڪانگو ۾ گڏيل قومن جا اهلڪار پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ايبولا جي وبا خلاف مسلسل ڪم ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته يمن ۾ به هٿياربند ماڻهن جي سامهون ويهي ڪم ڪرڻ جي همت ڪن ٿا. يونيسيف ويڪسين ۽ دستن جي بهتر علاج ذريعي اڍائي ڪروڙ ماڻهن جون جانيون بچايون آهن ۽ اهو ڪم اڄ به جاري آهي. گذريل سال امدادي ڪم دوران گڏيل قومن جا 136 ملازم پنهنجيون جانيون وڃائي ويٺا. غزه ۾ به گڏيل قومن جا اهلڪار مسلسل ماڻهن تائين امداد پهچائي رهيا آهن. ان جي ابتڙ صدر ٽرمپ اسرائيل کي 2 هزار پائونڊ وزني بم فراهم ڪيا آهن. اهي رهائشي علائقن کي تباهه ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. ان باوجود گڏيل قومن جا اهلڪار اڄ به غزه ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ اسرائيلي چوڪين تان امداد اندر پهچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف، آمريڪي امدادي اداري يو ايس ايڊ جي امداد گهٽجڻ سبب، هڪ اندازي مطابق 7 لک 50 هزار ماڻهو پنهنجون جانيون وڃائي چڪا آهن. جيڪڏهن اڄ يونيسيف، ورلڊ فوڊ پروگرام، گڏيل قومن جو پناهگيرن وارو ادارو ۽ گڏيل قومن جو انساني امداد بابت رابطا آفيس (UNOCHA) موجود نه هجن ها، ته هر سال وڌيڪ لکين ڄار مري رهيا هجن ها. ياد رکڻ گهرجي ته ٻي عالمي جنگ کانپوءِ گڏيل قومن جي قيام ۾ آمريڪا اهم مدد ڪئي هئي. ان اداري جي قيام سان دنيا ۾ امن، سهڪار ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ملي. پر اڄ گڏيل قومن بابت آمريڪا جو رويو مايوس ڪندڙ بڻجي ويو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته 1945ع ۾ گڏيل قومن جي قيام کان ٿوري ئي عرصي کانپوءِ، آمريڪا ۽ يورپي ملڪن گڏجي 1947ع ۾ GATT جي معاهدي ذريعي عالمي واپار کي ضابطي ۾ آڻڻ شروع ڪيو. پر ان معاهدي ۾ ٽئين دنيا جي ملڪن سان واپار يا انهن جي صنعتي ترقي بابت خاص ڌيان نه ڏنو ويو. ان دوران دنيا جا اهي ملڪ، جن جي آزاديءَ وارين تحريڪن کي سوويت يونين جي مدد حاصل هئي، گڏيل قومن جا ميمبر بڻجڻ شروع ٿيا. اهڙيءَ طرح 1960ع تائين گڏيل قومن جي ميمبر ملڪن جو انگ 60 مان وڌي 99 ٿي ويو. ان سبب آمريڪا لاءِ گڏيل قومن جي ادارن تي اڳ وانگر پنهنجو اثر برقرار رکڻ ڏکيو ٿي ويو. ان کانپوءِ گڏيل قومن جي نگراني هيٺ عالمي واپار، بنيادي شين جي واپار ۽ اتر ۽ ڏکڻ جي ملڪن وچ ۾ نون معاشي لاڳاپن جو مطالبو زور وٺڻ لڳو. سوويت يونين جي مدد سان گڏيل قومن جي ڇانوَ هيٺ UNCTAD ۽ UNIDO جهڙا ادارا قائم ٿيا. انهن ادارن ذريعي ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ تحقيق، تربيت ۽ نئين ٽيڪنالاجي منتقل ڪرڻ جهڙا ڪم ڪيا ويا، جن سان GSP جهڙين واپاري سهولتن جي راهه هموار ٿي. ٽئين دنيا جي غريب ملڪن کي قرضن ۾ رليف ڏيڻ لاءِ پيرس ڪلب قائم ڪيو ويو. 1991ع تائين ٽئين دنيا جي 50 غريب ملڪن کي 6.5 ارب ڊالرن جي قرضن ۾ رليف ڏنو ويو. پر سوويت يونين جي خاتمي کانپوءِ ترقي يافته ملڪن گڏيل قومن جي نگراني هيٺ ڪم ڪندڙ انهن ادارن کي ختم يا ڪمزور ڪري ڇڏيو. جيڪي ٽئين دنيا جي ملڪن لاءِ پاليسيون ٺاهڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيا هئا ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. دنيا جا ڪيترائي مبصر ايندڙ وقت ۾ گڏيل قومن جي اداري جي وڌيڪ ڪمزوريءَ جو خدشو ظاهر ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته هن سال گڏيل قومن لاءِ نئون سيڪريٽري جنرل چونڊڻو آهي جنهن لاءِ هڪ اهڙي اڳواڻ جي ضرورت آهي، جيڪو بهادر، باشعور ۽ اهليت وارو هجي ۽ هن عالمي اداري کي استعمال ڪندي دنيا ۾ جنگين ۽ انساني بحرانن کي منهن ڏئي سگهي. پر ٽرمپ شايد اهڙي اميدوار تي راضي نه ٿيندو ۽ ڪنهن گهٽ مشهور شخص تي اتفاق ڪري سگهي ٿو. خدشو آهي ته اهڙي صورتحال ۾ گڏيل قومن جو ادارو وڌيڪ ڪمزور ٿيندو. ايبولا جهڙيون وبائون وڏي سگهه ٿيون، جنگين جو خطرو وڌي سگهي ٿو ۽ دنيا جي 8 ارب ماڻهن لاءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. اڄ دنيا ۾ تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي رهيون آهن. ايران خلاف ٽرمپ جي جنگ جو اثر يمن ۽ ڳاڙهي سمنڊ تائين به پهچي چڪو آهي. ان کان علاوه منشيات، وبائون، مصنوعي ذهانت، ڪمپيوٽر هيڪنگ، دهشتگردي، انساني اسمگلنگ، موسمياتي تبديلي ۽ غزه جي جنگ جهڙا تباهيون اهڙا مسئلا آهن، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ دنيا جي ملڪن وچ ۾ گڏيل سهڪار جي ضرورت آهي. انهن عالمي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن کان وڌيڪ مناسب عالمي فورم موجود ناهي. پر ٽرمپ انتظاميا ۽ ان جا ساٿي ملڪ گڏيل قومن کي مسلسل ڪمزور ڪري رهيا آهن، جنهن سبب هي ادارو تقريباً غير اثرائتو بڻجي ويو آهي. انهيءَ لاءِ ٽئين دنيا جي ملڪن کي گهرجي ته اهي متحد ٿين ۽ چين ۽ روس جي مدد سان گڏيل قومن جي حيثيت ۽ اهميت کي ٻيهر بحال ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن، جيئن آمريڪا جي عالمي بالادستي واري پاليسين جو مقابلو ڪري سگهجي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

اسان جي سنڌ ۾ هن وقت ٻن قسمن جا ڌاڙيل ۽ ڦورو پيدا ٿي ويا آهن. هڪڙا اهي جيڪي ڏوهن کان پوءِ هٿيار هڻن ۾ ڪٽي جهنگن ۾ رهن ٿا، جيڪي راتيون توڙي ڏينهن پنهنجي پيٽ گذر لاءِ روڊ رستا بلاڪ ڪري ماڻهن کي ڦرين ۽ لٽين ٿا. ان کان علاوه ٻئي قسم جا ڌاڙيل پڻ آهن جيڪي سرڪاري آفيسن ۾ ويٺل آهن. جيڪي علم ۽ قلم جي هٿيار سان سنڌ جي مسڪين ۽ ابوجهه ماڻهن کي ڦري رهيا. هو پنهنجي انهيءَ ڪرت کي پيشو بڻائي ويٺل آهن. جنهن کي جهنگ جي ڌاڙيلن جيان مسڪينن مٿان ڪوبه قياس ۽ ٿهل نٿو اچي سموري قصي جو مطلب اهو ٿو نڪري ته موجوده حڪومت، مسڪين ماڻهن مٿان ٻن قسمن جا ڌاڙيل مسلط ڪري ڇڏيا آهن. هڪڙا پنهنجي پيٽ لاءِ پتوڙين پيا ۽ ٻيا سرڪاري جي نلي تي پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ مال ميڙڻ ۾ مصروف آهن. سڄي سنڌ ۾ ڪنهن به شهر ڏانهن ٿوري نظر ڦيرائجي ته ڪيترن ئي علائقن مان ايندڙ خبرون ڪيترائي سوال سامهون آڻين ٿيون. ڇا سنڌ جي عام ماڻهوءَ لاءِ امن، تحفظ ۽ عزت سان جيئڻ به هاڻي هڪ خواب بڻجي ويو آهي؟ خاص ڪري ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيلن، اغواڪارن ۽ هٿياربند گروهن جو مسئلو سالن کان موجود آهي.

حڪومت طرفان آپريشن، گرفتاريون، پوليس مقابلا ۽ هٿيار قبضا ڪرائڻ جون دعوائون ٿينديون رهيون آهن. ٻئي طرف واڳ ڏنڻ موجب ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيو ويو آهي ۽ سوين ٽارگيٽڊ سرچ آپريشن ڪيا ويا آهن. حڪومت جو اهو به چوڻ آهي ته وڏي انگ ۾ ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا پر سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ايتريون ڪارروايون ٿي رهيون آهن ته پوءِ عام ماڻهوءَ جو خوف ڇو نٿو ختم ٿئي؟ جمهوريت جو مطلب صرف ووٽ وٺڻ نه پر عوام کي پنهنجي جان، مال، عزت ۽ خاندان جو تحفظ ڏيڻ آهي. جيڪڏهن ڪو مسافر روڊ تي نڪرندي ڊڄي، ڪو هاري پنهنجي زمين ڏانهن ويندي خوف محسوس ڪري، ڪو خاندان پنهنجي پيارن جي اغوا جي صورت ۾ راتيون جاڳي ٿو ته پوءِ امن مان بابت سوال ٿيڻ لازمي آهن. حڪومت پاڻ به تسليم ڪري ٿي ته ڪچي وارن علائقن جي مسئلي جو حل رڳو پوليس آپريشن تائين محدود ناهي. حڪومت ڪچي جي علائقن لاءِ روڊن، اسڪولن، اسپتالن، صحت ۽ روزگار جي سهولتن سان گڏ ڌاڙيلن جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ بحاليءَ جي پاليسي پڻ لاڳو ڪئي هئي.

پوليس آپريشنز سان گڏ اسڪول، اسپتال، روڊ، عدالت، روزگار ۽ مضبوط انتظامي نظام به لازمي آهن. پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته ڏوهارين لاءِ ڪو جواز پيدا ڪيو وڃي. اغوا، ڦرون، ڦُرمار، قتل ۽ هٿياربند ڀاڙن ڪنهن به وقت ڪنهن کي اغوا يا گم ڪرڻ هرگز صحيح عمل ناهي. غريب عوام کي يرغمال بڻائيندڙ ماڻهو قانون جي نظر ۾ ڏوهاري آهن ۽ انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت چوي ٿي ته امن امان بهتر ٿي رهيو آهي ته پوءِ ان جا انگ اکر عوام اڳيان رکيا وڃن. مثال طور جولاءِ 2026ع ۾ سنڌ حڪومت طرفان ٻڌايو ويو هو ته قرن ۽ ڌاڙن جي واقعن ۾ 18.9 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي ۽ مجموعي اسٽريٽ ڪرائم ۾ 11.77 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي. **(محمد اسماعيل لانگاهه)**

شڪارپور: ماضيءَ جي پئرس جا هاٺوڪا احوال

منظور ڪوسو

سنڌ جي اڪثر شهرن جي سونهن ۽ سوڀيا رڳو هڪ خواب بڻجي رهجي وئي آهي. هاڻي انهن جي سنڌرتا جا قصا، ڪهاڻيون ۽ تصويرون فقط ڪتابن ۾ ئي ڏسي سگهجن ٿيون. هن بربادي جو عمل ورهاڱي کانپوءِ شروع ٿيو. جيڪو اڄ تائين جاري آهي. هاڻي هيريٽيج جا اسان فقط آثار ئي ڏسي سگهون ٿا. ماضيءَ جي خوبصورتي تي لکي سگهون ٿا، پڙهي سگهون ٿا. اسان جو والد صاحب نوڪريءَ سانگي ڳوٺ ڇڏي شڪارپور شهر لڏي آيو هو. اُها سونهن ۽ سگهڙ سان ڀرپور شڪارپور، جنهن کي آغا سليم هنن لفظن سان پيش ڪئي آهي: ’شهرن جي شهزادي، رابيل جي ٻهڪار جو شهر، تهذيب ۽ تمدن، واپار، سياست، علم ۽ هنر، باغ، بنگلا، بوستان، محل ماڙيون، اسپتالون، اسڪول، ڪاليج، آشرم ۽ ڌرم شالائن جو شهر.‘

شروعات ۾ اسان ڪاري نهائيءَ نلي پاڙي ۾ هڪ دوائن جي واپاري پوڙهي ديوان سيٺ هنس راج جي جاءِ ۾ مسواڙ تي رهياسين. ڏاڍو ڀلي سڀاءُ وارو ماڻهو هو. طرزِ تعمير جي لحاظ کان تمام خوبصورت ٻه ماڙ گهر هو. هيٺ ٽي ڪمرا ۽ انهن ڪمرن مٿان گولائيءَ ۾ خوبصورت گئلري هئي. سنڌين جا اُن حويليءَ ۾ چند گهر هئا، جنهن مان هڪ ته اسان ۽ ٻه ڪن شايد ديوان هئا. باقي گهر اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن والاري وڙتا. ڪاري نهائين محلو شڪارپور جي شاهوڪار Heritage Architecture جي حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو. نهائين سنڌيءَ ۾ آوي يا ڀٺي کي چئبو آهي ٿي سگهي ٿو ته هتي ڪنهن دور ۾ آويون هجن. هي لفظ ڀٽائي صاحب به پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آندو آهي ’نهائينءَ کان نينهن سِڪ منهنجا سپرين‘ ۽ شيخ اياز پڻ چيو آهي:

جنهن مان رستو ٿي ويو، تهنجي گهر تائين،

ڪاري نهائين، وسري وسري ڪينڪيا

واقعي ڀلارائي وهيءَ جا هتي گذاريل سال اڄان تائين وساري ڪين سگهيا آهيون. حويلي جا هتي، چٽڪ هڪ خواب نگر هو. صاف سٿرا خوبصورت گهر ۽ انهن جا ڪمان تي نهيل دروازا ۽ دراز دريون، اڄ اهڙي ڪاريگري سڄي شهر ۾ نظر نه ٿي اچي. سائنيءَ جهڙيون شيون هيون. جيڪي برباد ٿي ويون. 1975ع واري دور ۾ به مون ڏٺو ته شڪارپور ۾ هندو ديوانن جا ڪافي عاليشان گهر بند هئا. جيڪي شايد هُو اُن آسري تي پاڙيوارن کي پارت ڏئي پارت لڏي ويا هئا ته فسادن کانپوءِ پنهنجي ديس موٽي ايندا. پر جيستائين مون کي ياد پوي ٿو ته وٽي کانپوءِ اسان ڪنهن کي موٽندي نه ڏٺوسين هتين خالي ويا ۽ اڄ پارت جي معيشت ۾ هنن جو اهم ڪردار آهي. راجستان، مهاراشٽر، گجرات، مڌيه پرديش ۽ ممبئي ۾ هنن تجارتي ادارا قائم ڪري لکين ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۾ هنن جا وڏا وڏا ڪاروبار آهن. حقيقت ۾ اِهي ئي سنڌ جا حقيقي سرمائيدار هئا. جيڪي سنڌ ڇڏي ويا. اسان جا وڏڙا اهڙا سپاجهڙا، امانتدار ۽ ايماندار جو هندوئن جي ڇڏيل گهرن ۽ حويلين کي هٿ به نه لاتائون. تان جو اُهي خوبصورت عمارتون پناهگيرن جي قبضي ۾ اچي ويون. پوءِ آهستي آهستي اُهي شاندار عمارتون جيڪي هندن جي ذوق، رت ۽ پگهر جو اعليٰ مثال هيون، ڊهڻ شروع ٿيون. نه فقط رهائشي عمارتون پر انهن ۾ مندر ۽ مڙهيون به شامل هيون. ساڳ جا شهتير، بلند دروازا جن ۾ ڪندا ڪڙا ۽ هٿيا به پتل جا لڳل هوندا هئا، خوبصورت دريون ۽ ڪٽهڙا ڪراچيءَ جي ڪباڙ مارڪيٽن ۾ وڪرو ٿيڻ لڳا. پر مون اهو به ڏٺو ته ڪراچيءَ جا واپاري هتي اچي عمارتن جو معائنو ڪري ڪاٺ جي قيمت طئي ڪندا هئا ۽ پوءِ شهر جي خوبصورتي مٽيءَ جي ڍيرن ۾ تبديل ٿيندي وئي. هاڻي فيض علي شاهه گهٽيءَ ڏانهن جتي نور محمد شاهه جو مقبرو آهي، اُتي به وڏو مٽيءَ جو ڍڙو هو. ڪنهن وقت ۾ اُتي گهر هئا. جن سان پوءِ اُها حالت ٿي. جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو جنهن حويليءَ ۾ اسان شروعات ۾ رهياسين اُتي نهايت خوبصورت گهر هئا جيڪي سڀ ڪاٺ جي واپارين جي نذر ٿي ويا. اهڙي ريت شاندار شهر اجڙي ويو. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ’ڏڻ ته ڏٺي نه وڪڻ ڪٽي‘ ڏڻ جو ڏٺي نه رهيو ۽ ڏڻ وڪرو ٿيندو رهيو. هن وقت به 1203 عمارتون هيريٽيج ۾ شامل آهن پر ثقافت کاتي کان سنڀالي نه ٿيون سنڀالجن خبر نه ٿي پئي فندس الائي ڪيڏانهن پيا وڃن؟ بجاج ٽاور/گهنٽا گهر (1935ع) کان چند قدمن جي فاصلي تي نيولايرا هاءِ اسڪول هاٺوڪو قاضي حبيب الله هائر سيڪنڊري اسڪول (1932ع) ڏانهن ويندڙ روڊ تي شاندار عمارت هيا آشرم واقع آهي. هيءَ 14 ڪمرن واري شاندار ٻه ماڙ عمارت چانڊيا خاندان 1936ع ۾ جوڙائي هئي هن تاريخي عمارت سان به تاريخي جٽ ڪئي وئي. در، دريون، لوهه ۽ ڪاٺ ويندي سِرن تائين چوريون ٿيڻ لڳيون. سول سوسائٽي جي احتجاجن ۽ اختيارين سان لک پڙهه کانپوءِ هن عمارت جي بحالي جو ڪم شروع ٿيو پر تازو ڏٺم ته ثقافت کاتي طرفان بينر لڳل آهي ته عمارت جو ڪم بند ڪيو ويو آهي جوڙاري خوبصورت باغن جي گهيري ۾ ورتل شڪارپور جي سونهن سوڀيا کي تباهه ڪرڻ ۾ وس ويندي ڪنهن به ڪين گهٽايو هيريٽيج ته پنهنجي جاءِ تي هاڻي انسانيت به تباهه پئي ٿئي منشيات، وياج خوري ۽ هر قسم جي بدامني شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪو وقت هو رات جو گهرن ۽ حويلين جا در کليل هوندا هئا ته ڪنهن نقصان جو ڪو خوف نه ٿيندو هو. هر طرف امن ۽ ڀائيچاري جي فضا هئي ۽ اڄ ماڻهو بند گهرن ۾ به محفوظ ڪونه آهن سياسي ڇڪتاڻ، محدود سياسي سوچ، ذاتين برادرين جو مضبوط ٿيندڙ تصور، قومي سوچ ۽ ايڪي ٻڏيءَ جو نه هئڻ انهن ڳالهين نه فقط سامي ۽ شيخ اياز جي شهر شڪارپور کي وڏو نقصان ڏنو آهي پر اِها سوچ سڄي سنڌ کي نقصان پئي رسائي.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جي اُٿيئِي سَڏ سُرڳَ جي، ته وَنءُ ڪلالن ڪاڻي؛
لاهي رک، لَطِيفُ چئي، مٿو وَٽِ ماٽي؛
تڪ ڏيئي پِڪَ پِئُ تون، منجهان گهوٽ! گهاٽي؛
جو وَرُنهَ وِهاٽي، سو سِر وَٽ سَرو سهانگو.
(سُر ڪلياڻ)

معيشت ڪيئن سنڀالجي؟

لقمان اسد

دنيا جي تاريخ ۾ قومن جي ترقيءَ جو راز صرف قدرتي وسيلن ۾ لڪل ناهي جاپان وٽ تيل نه هو، سنگاپور وٽ وسيع زمين نه هئي جڏهن ته ڏکڻ ڪوريا وٽ نه معدني دولت جي گهڻائي هئي ۽ نه ئي وسيع زرعي زمين انهن ملڪن علم، نظم، محنت، واپار، نئين فني جاڻ ۽ ڊگهي مدي واري معاشي پاليسيءَ کي پنهنجو رستو بڻايو ۽ ڪجهه ڏهاڪن اندر دنيا جي اهم معاشي مرڪزن ۾ شمار ٿيڻ لڳا. چين جڏهن ڪروڙين ماڻهن کي غربت مان ڪڍيو ته ان جي پويان ڊگهي مدي واري رٿابندي، صنعتي پيداوار، واپار ۽ بنيادي سهولتن ۾ لڳاتار سيڙپڪاري موجود هئي سوال اهو آهي ته پاڪستان پنهنجي صلاحيت موجب اڳتي ڇو نه وڌي سگهيو ۽ هاڻي اهو ڪهڙو رستو اختيار ڪري، جنهن سان ملڪ جي معيشت پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي؟ پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو وسيلن جي کوٽ نه پر انهن وسيلن جي مناسب استعمال ۾ ڪمزوري آهي اسان وٽ زرخيز زمين، دريائن جو نظام، معدني ذخيرا، سامونڊي ڪنارو، نوجوان آبادي، صنعت، زراعت ۽ وڏي اندروني منڊي موجود آهي باوجود ان جي اسان جي معيشت بار بار ٻاهرين قرضن، امداد ۽ مالي بحرانن جي چڪر ۾ ڦاسندي رهي ٿي ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته اسان پيداوار کان وڌيڪ خرچ ۽ واپارڻ کي اهميت ڏني ٻاهرين شين جي خريداريءَ کي وڌڻ ڏنو ۽ ڊگهي مدي واري معاشي رٿابندي بدران تڪڙي ضرورتن کي ترجيح ڏني دنيا جي ڪامياب معيشتن هڪ بنيادي اصول سمجهيو ته قوم جي حقيقي دولت اها هوندي آهي جيڪا اها پاڻ پيدا ڪري ٿي پاڪستان کي به اهو ئي اصول اختيار ڪرڻو پوندو اسان آخر ڪيستائين اهڙي معيشت هلائيندا رهنداسين، جنهن ۾ ٻاهرين شين جي گهرج وڌندي رهي پرڏيهي ناڻي جي ضرورت وڌندي رهي ۽ پوءِ پرڏيهي ناڻي جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ قرض وٺڻو پوي؟ معاشي طور تي ڀاڙيرو ٿيڻ جي شروعات ان وقت ٿيندي، جڏهن پاڪستان پنهنجي پيداوار وڌائيندو ۽ دنيا کي وڌ کان وڌ شيون ۽ خدمتون وڪڻندو ان سلسلي ۾ ٻاهرين واپار کي قومي ترجيح بڻائڻو پوندو اسان جي ڪپڙي جي صنعت اهم آهي پر پاڪستان کي رڳو ڪجهه روايتي شين تائين محدود نه رهڻ گهرجي ۽ فني خدمتن، ڪمپيوٽر پروگرامن، انجنيئرنگ، دوائن، رانديڪن جي سامان، جراحي اوزارن، معدنيات، حلال خوراڪ، گوشت، ميون، ڀاڄين ۽ وڌيڪ قدر واري زرعي شين ۾ وسيع موقعا موجود آهن اسان کي ڪچو مال وڪڻڻ بدران تيار شيون وڪڻڻيون پونديون دنيا ۾ اهو ملڪ وڌيڪ ڪمائي ٿو جيڪو پنهنجي محنت ۽ ڪچي مال کي وڌيڪ قدر وارين تيار شين ۾ تبديل ڪري ٿو هتي اسان جي هڪ وڏي ڪمزوري سامهون اچي ٿي پاڪستان ۾ صنعتڪار کي توانائي مهانگي ملي ٿي ڪاروباري قانون پيچيدا آهن ٽيڪس جو نظام غير يقيني آهي ۽ پاليسين جو تسلسل به هميشه برقرار نٿو رهي نتيجي ۾ پيداوار جي لاڳت وڌي وڃي ٿي ۽ اسان جون شيون عالمي منڊيءَ ۾ مقابلي جي قابل نٿيون رهن جيڪڏهن حڪومت واقعي ٻاهرين واپار وڌائڻ چاهي ٿي ته صنعت کي رڳو اعلان بدران سستي ۽ ڀروسي جوڳي توانائي، آسان ٽيڪس نظام، اجازتن جي تيز رفتار فراهمي، بهتر بنيادي سهولتون ۽ ڊگهي مدي واري پاليسي ڏيڻي پوندي توانائيءَ جو مسئلو اسان جي معيشت جي بنياد سان ڳنڍيل آهي بجلي مهانگي هوندي ته صنعت مهانگي پيداوار ڪندي، صنعت جي پيداوار مهانگي ٿيندي ته ٻاهرين واپار متاثر ٿيندو ۽ ٻاهرين واپار گهٽ ٿيندو ته ملڪ ۾ پرڏيهي ناڻو اچڻ گهٽ ٿيندو ۽ پوءِ ريٽي تي دٻاءُ وڌندو تنهن ڪري بجليءَ جا اگهه وڌائي هر ڀيري گردشي قرضن جو بار عوام تي منتقل ڪرڻ مستقل حل ناهي بجليءَ جي چوري، ورچ دوران نقصان، ناقص انتظام، غير اثرائتي بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين ۽ توانائيءَ جي شعبي جي مالي مسئلن کي بنيادي سطح تي حل ڪرڻو پوندو پاڪستان کي پنهنجي مقامي توانائيءَ جي وسيلن، سج جي توانائي، پاڻيءَ مان بجلي ۽ ٻين قابل عمل ذريعن مان سستي توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

زراعت اسان جي معيشت جو ٻيو وڏو امڪان آهي افسوس جو اسان اڃا تائين وڏي حد تائين روايتي طريقي سان پوک تي ڀاڙيون ٿا دنيا ۾ جديد زراعت پاڻي بچائڻ، بهتر ٻج، زرعي تحقيق، مشيني پوک، موسم جي جاڻ، برقي واپار ۽ خوراڪ جي تياريءَ ذريعي وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري رهي آهي پاڪستان کي به هارين کي رڳو فصل پوکڻ تائين محدود رکڻ بدران کيس پيداوار کان وٺي وڪري تائين سموري عمل جو حصو بڻائڻو پوندو جيڪڏهن اسان جا انب، ڪينو، کجور، ڀاڄيون، گوشت ۽ ٻيون زرعي شيون عالمي معيار موجب تيار، محفوظ ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليون وڃن ته زرعي شعبو ملڪي معيشت ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو زراعت سان پاڻيءَ جو مسئلو به ڳنڍيل آهي جيڪڏهن پاڻيءَ جو ضايع ٿيڻ اهڙيءَ ريت جاري رهيو ته ايندڙ سالن ۾ زراعت وڌيڪ دٻاءُ جو شڪار ٿيندي جديد آبپاشي، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت، برساتي علائقن لاءِ مناسب رٿابندي ۽ فصلن جي چونڊ ۾ سائنسي اصولن کي اختيار ڪرڻو پوندو دنيا جي معيشت هاڻي ذهانت، مشيني نظام، ڪمپيوٽر پروگرامن، برقي واپار ۽ جديد انجنيئرنگ ڏانهن وڃي رهي آهي جيڪڏهن اسان جا نوجوان انهن شعبن ۾ تربيت حاصل ڪن ته پاڪستان نه رڳو پنهنجي بيروزگاري گهٽائي سگهي ٿو پر دنيا جي مختلف ملڪن مان پرڏيهي ناڻو پڻ ڪمائي سگهي ٿو ڪمپيوٽر سان لاڳاپيل خدمتن ۽ گهرويٺي ڪم ڪرڻ جي شعبي اسان لاءِ اهو موقعو اڳ ئي پيدا ڪري ڇڏيو آهي ضرورت رڳو ان کي وڏي پيماني تي منظم ڪرڻ جي آهي هتي تعليم جو معيار فيصلائتو ڪردار ادا ڪري ٿو اسان کي اهڙي تعليم جي ضرورت آهي جيڪا رڳو نوڪري ڳوليندڙ ماڻهو پيدا نه ڪري پر ماهر، تحقيق ڪندڙ صنعتڪار ۽ نوان خيال پيدا ڪندڙ نوجوان تيار ڪري بهرحال ڪمزور معيشت اسان لاءِ هڪ اهڙو وڏو مسئلو آهي جنهن مان نڪرڻ لاءِ هر حال ۾ لڳاتار محنت ۽ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪرڻ ضروري آهي پاڪستان کي جيڪڏهن پنهنجي معيشت کي مضبوط ۽ پنهنجي پيرن تي بيهارڻو آهي ته وسيلن جو بهتر استعمال پيداوار ۾ واڌ، ٻاهرين واپار کي هٿي ڏيڻ، زراعت جي جديد بڻائڻ صنعت لاءِ سازگار ماحول ۽ نوجوانن کي جديد مهارتن سان ليس ڪرڻ تي مسلسل ڌيان ڏيڻو پوندو معاشي استحڪام ڪنهن هڪ ڏينهن يا هڪ فيصلي سان حاصل نٿو ٿي سگهي پر ان لاءِ مستقل مزاجي، صحيح پاليسين ۽ ڊگهي مدي واري رٿابنديءَ جي ضرورت آهي

اڄوڪو ڏينهن ..... 04 آڪٽوبر

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

اڄ سروري جماعت جي روحاني پيشوا، نامور شاعر، اديب ۽ سياستدان مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي ولادت جو ڏينهن آهي مخدوم صاحب جي ولادت باسعادت 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ ٿي ڪجهه ڪتابن ۾ سندن جنم جي تاريخ 16 سيپٽمبر 1919ع لکيل آهي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل پروفيسر محبوب علي چنه جي ڪتاب ’مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ‘ (ڇاپو 1999ع) ۾ ساڳئي ئي صفحي تي هڪ هنڌ مخدوم صاحب جي جنم جي تاريخ 16 سيپٽمبر ته ٻئي هنڌ 4 آڪٽوبر لکيل آهي مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر ۾ مخدوم صاحب جي ولادت جي تاريخ 6 آڪٽوبر ڄاڻائي وئي آهي ان وقت جي دستور مطابق پاڻ قرآن شريف، سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف عالمن ۽ استادن وٽ حاصل ڪيائون پنهنجي والد مخدوم غلام محمد ۽ چاچي مخدوم غلام حيدر جي وفات کان پوءِ سروري جماعت جا سجاده نشين ٿيا. پاڻ 1940ع واري ڏهاڪي ۾ سياست ۾ پير پاتائون 1940ع واري ڏهاڪي کان 1960ع تائين چار ڀيرا ميونسپل ڪميٽيءَ جا چيئرمين ۽ 1960ع ۾ بلديه هالا جا پهريان چيئرمين منتخب ٿيا. قومي سياست جي شروعات 1953ع ۾ ڪيائون ۽ ان ئي سال سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا ويو 1962ع ۽ 1965ع ۾ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا ويو 1967ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي ’پاڪستان پيپلز پارٽيءَ‘ (PPP) جو بنياد رکيو ته مخدوم صاحب جو بنگلو پيپلز پارٽيءَ جو اولين مرڪز بڻجي ويو پاڻ سڄي عمر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سينئر وائيس چيئرمين رهيو ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سندن اهم ڪردار رهيو مخدوم صاحب پنهنجي دور جو هڪ وڏو شاعر ۽ اديب هو موسيقيءَ ۽ راڳ جي به ڪين سٺي ڄاڻ حاصل هئي شاعريءَ ۾ شروع ۾ بيوس پوءِ فراقي ۽ زمان شاهه ۽ 1949ع کان طالب المولیٰ تخلص استعمال ڪيائون پاڻ ڪيترن ئي ادبي تنظيمن جو بنياد رکيائون. جن ۾ انجمن علم و ادب، جميعت الشعراءِ ۽ بزم طالب المولیٰ شامل آهن سندس ڪافيون ۽ ڪلام اڄ به سموري سنڌ ۾ مشهور آهن روبا ليليٰ، حسين بخش خادم، مصري فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي راڳين کي مخدوم صاحب جون ڪافيون ۽ ڪلام ڳائڻ سبب شهرت ملي مخدوم صاحب 25 کان وڌيڪ ڪتاب تصنيف ڪيا. پاڻ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر نامزد ٿيا، ان بعد به پيرا انهيءَ بورڊ جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنائون 1962ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس حيدرآباد ۾ هئي انهيءَ عرصي دوران مخدوم صاحب ڀيرين پنهنجو گلشن ڪاتي وارو ذاتي گهر ’امين منزل‘ ۽ بعد ۾ سول لائنس وارو بنگلو ٻنا مسواڙ جي سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو سنڌ جو هيءُ عظيم انسان 11 جنوري 1993ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو

مرزا قليچ بيگ



هن دنيا ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون جنم وٺنديون آهن. جيڪي پنهنجي خداداد صلاحيتن، قابليت ۽ محنت سبب هميشه هميشه لاءِ پنهنجو نالو تاريخ جي صفحن تي محفوظ ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ڪين موت ڪڏهن به ماري نه سگهندو آهي اهڙين ئي شخصيتن مان سنڌي ادب جو سرتاج مرزا قليچ بيگ به هڪ هو جنهن پنهنجي سموري جمار پوليءَ ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي اڄ سندس جنم جو ڏينهن آهي هن اعليٰ انسان ۽ بزرگ اديب جو جنم 4 آڪٽوبر 1853ع تي ٽنڊي ٽوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ سندن پيدائش جي تاريخ 4 بجاءِ 7 آڪٽوبر لکيل آهي ابتدائي تعليم آخوند شفيع محمد جي مڪتب مان حاصل ڪيائين 1872ع ۾ حيدرآباد مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ داخلا ورتائين حيدرآباد واپس اچڻ کان پوءِ جوڊيشنل امتحان پاس ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنائين اڳتي هلي ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو ۽ انهيءَ عهدي تي 1909ع تائين فائز رهيو مرزا صاحب، سنڌي، عربي، فارسي، ترڪي ۽ انگريزي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. تمام اورچ ۽ محنتي ماڻهو هو هو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو ڪيس سنڌي نثر جو ابو چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو هو سنڌي ادب جي باني ڊراما نگارن، افسانا نگارن ۽ مضمون نگارن مان هڪ هو نثر سان گڏ شاعريءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس لکيل ڪتابن جو تعداد 4 سئو 80 کان به وڌيڪ آهي مرزا صاحب جي علمي قابليت ۽ لاٽول ادبي خدمتن جي ڪري سرڪار ڪيس ’قيصر هند‘، ’خانبهادر‘ ۽ ’شمس العلماءِ‘ جي خطابن سان نوازيو ويو سنڌ جي هن عظيم انسان 3 جولاءِ 1929ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو

غلام سرور ’سرور‘

هن مشهور شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1883ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ گنجو ۾ ٿيو سندس والد جو نالو منشي رسول بخش راهي هو جيڪو قلات جي بروهي خاندان جو چشم ۽ چراغ هو غلام سرور ان وقت جي دستور مطابق فارسي سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي تعليم حاصل ڪئي هن 1919ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ سندس شمار سنڌ جي بهترين غزل گو شاعرن ۾ ٿيندو هو سندس دوست ڪيس ’غالب سنڌ‘ ڪوٺيندا هئا هن 2 فيبروري 1957ع ۾ هي جهان ڇڏيو

آرنلڊ البرٽ مستو



سکر بئراج سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ سنئونئون جو پاڻي پهچائڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي ۽ هن بئراج جي اڏاوت انجنيئرنگ جي دنيا جو وڏو ڪارنامو آهي هيءُ بئراج ۽ انهيءَ مان نڪرندڙ واهن کي ارنلڊ البرٽ مستو (Arnold Albert Musto) ڊزائين ڪيو هو هيءُ انگريز انجنيئر 4 آڪٽوبر 1883ع تي لنڊن ۾ ڄائو هو هن کي 1918ع ڌاري سکر بئراج واري پراجيڪٽ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ 1923ع ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر مقرر ڪيو ويو سکر بئراج جا 66 دروازا ۽ انهيءَ بئراج مان نڪرندڙ واهه سندس ڏاهپ ۽ اعليٰ ٽيڪنيڪل صلاحيتن جو جيئرو جاڳندو مثال آهن سندس ڊزائين ڪيل سکر بئراج سنڌ جي زراعت ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو لاڀ اسان اڄا تائين حاصل ڪري رهيا آهيون ياد رهي ته هن پراجيڪٽ جو چيف انجنيئر سر چارلس هيريسن هو هيءُ بئراج 1932ع ۾ جڙي راس ٿيو آرنلڊ البرٽ مستو 29 مئي 1977ع ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو

حاجي الهجڙايو وفا گلشني ميمڻ

حاجي الهجڙايو پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر ۽ پنهنجي علائقي جو سماجي اڳواڻ هو هن جو جنم 4 آڪٽوبر 1911ع تي هالا ۾ ٿيو سندس وڏا هالا ويجهو ڳوٺ گجڻ جا رهواسي هئا هن کي سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي چڱو عبور حاصل هو ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هئس شاعريءَ ۾ سندس تخلص وفا هو پاڻ 1943ع کان هالا ميونسپلٽيءَ جو ميمبر رهيو 1944ع ۾ مسلم ليگ هالا جي جنرل سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيائين هن 16 جنوري 1980ع تي وفات ڪئي

جاويد اقبال جوڻيجو

مختيار انڙ

اڄ نامور سرڪاري عملدار ۽ حيدرآباد جيمخاني جي اڳوڻي صدر مرحوم جاويد اقبال جوڻيجي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 4 آڪٽوبر 1950ع تي سنڌ جي مشهور شهر ٽنڊو محمد خان ۾ ڄائو ۽ اتي ئي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين هن ڪيترن ئي اهم سرڪاري عهدن تي رهي ڊميداريون سنڀاليون. جن ۾ حيدرآباد ڊوليپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل، ايڊي او ريونيو ايڊي او فنانس ۽ چيف آفيسر حيدرآباد جهڙا اهم عهدا شامل آهن هو

پنهنجي سماجي خدمتن جي حوالي سان ڪافي مشهور هو خاص طور تي حيدرآباد جيمخاني جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ ۾ سندس خاص هٿ رهيو پاڻ 30 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين حيدرآباد جيمخاني سان واڳيل رهيو ۽ مختلف وقتن تي انهيءَ جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن 18 ڊسمبر 2018ع تي وفات ڪئي

اياز جاني



اڄ مشهور شاعر اياز جانيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن پلوڙ شاعر 4 آڪٽوبر 1967ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ خيرمحمد آريجا ۾ اکيون کوليون سندس اصل نالو اياز حسين ولد قربان علي ميمڻ هو هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ٽريبيولر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٿئون ديرو ۽ ڊگري ڪاليج رتي ديري مان پاس ڪيا. ايم اي جي سند شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات ٽيليفون آپريٽر طور ڪئي پر پوءِ تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو هن لکڻ جي شروعات 1980ع ڌاري ڪئي هو سنڌي ادبي سنگت سان واڳيل رهيو هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي پر غزل ۽ وائي ۾ خاص ملڪو حاصل هئس سندس شاعريءَ جو مجموعو ’پن ڇڻ جا پل پهر‘ ڇپجي چڪو آهي هو ماهوار ’سارس‘، ’لهرون‘ ۽ ’همرچو‘ جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن 6 جون 2016ع تي وفات ڪئي اياز جاني يادگار ڪاميٽيءَ پاران سندس ياد ۾ ’ڪراوڙ دل جي موڪلائي‘ نالي ڪتاب ڇپرايو ويو آهي

تعمير حسين

اڄ مشهور راڳيءَ تعمير حسين جي جنم جو ڏينهن آهي هو 4 آڪٽوبر 1966ع تي موسيقار غلام عليءَ جي گهر حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو هن پهريون ڀيرو 1983ع ۾ ٽيليويزن جي مشهور پروگرام پرڪ ۾ سُر وکيري مقبوليت ماڻي ان کان پوءِ هن پاڪستان ٽيليويزن ۽ ريڊيو پاڪستان لاءِ سوين گيت رڪارڊ ڪرايا آهن هن سنڌي فلمن سورمي سنڌ جي دشمن ۽ ممتاز جي لاءِ به گانا ڳايا هن سنڌيءَ کان گڏ سرائڪي مارواڙي، بلوچي اردو ۽ پنجابيءَ ۾ به ڳايو آهي پاڪستان سان گڏ هندستان، هانگ ڪانگ ۽ دبئيءَ ۾ به پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي چڪو آهي سندس وڌيو گيت به تمام گهڻو پسند ڪيا ويا آهن

سَر غلام حسين هدايت الله

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان سَر غلام حسين هدايت الله جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن کي سنڌ جي

پهرئين وزيراعليٰ ۽ پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ جي پهرئين گورنر بڻجڻ جو اعزاز مليو هن جو جنم 1878ع يا 1879ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو شروعاتي تعليم شڪارپور مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين هن بي جي سنڌ ڪاليج مان بي اي جي سند حاصل ڪئي ۽ گورنمينٽ لا ڪاليج ممبئيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات حيدرآباد ۾ وڪالت سان ڪيائين 1904ع ۾ حيدرآباد جي ميونسپل ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو اڳتي هلي انهيءَ ميونسپلٽيءَ جو نائب صدر چونڊيو ويو 1928ع کان 1935ع تائين بمبئي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر طور ذميداريون سنڀاليائين سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ کانپوءِ 28 اپريل 1937ع تي هن کي سنڌ جو پهريون وزيراعليٰ چونڊيو ويو پاڻ انهيءَ عهدي تي 23 مارچ 1938ع تائين فائز رهيو اڳتي هلي 14 آڪٽوبر 1942ع کان 14 آگسٽ 1947ع تائين ٻيهر وزيراعليٰ سنڌ طور ذميداريون سنڀاليائين پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 15 آگسٽ 1947ع کان وفات تائين سنڌ جي گورنر طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن 4 آڪٽوبر 1948ع تي هن جهان مان موڪلايو

مسعود رانا

مسعود رانا پاڪستاني فلمن جو مشهور گلوڪار هو هو 6 آگسٽ 1941ع تي سنڌ جي شهر ميرپورخاص ۾ ڄائو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 9 جون 1938ع پڻ لکي وئي آهي هن کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو تمام گهڻو شوق هو مشهور مزاحيه اداڪار ملڪ انوکو ۽ مشهور ڳائڻو غلام قادر لنجوائي هن جا گهرا دوست هئا ۽ هيءُ ٽئي گڏجي ميرپورخاص ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ منعقد ٿيندڙ ميلن ملاڪڙن ۽ شادين مرادين ۾ ڳائيندا هئا 1955ع ۾ هن ريڊيو تي سنڌي ۽ اردو گانا ڳائڻ شروع ڪيا 1960ع ڌاري پاڪستاني فلمن جي مشهور اداڪار نديم ۽ گلوڪار اخلاق احمد سان ملي هن هڪ ميوزيڪل بينڊ ناهيو اڳتي هلي لاهور منتقل ٿي ويو جتي فلمن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين هن سڀ کان پهريائين انقلاب فلم لاءِ گانو رڪارڊ ڪرايو اها فلم 1962ع ۾ جاري ٿي هئي ان بعد هن اردو ۽ پنجابي فلمن لاءِ يادگار گانا ڳايا ڪيس پاڪستان جو محمد رفيع ڪوٺيو ويندو هو هن 4 آڪٽوبر 1995ع تي وفات ڪئي

غلام سرور جتوئي

اڄ سنڌ جي مشهور ملهه پهلوان مرحوم غلام سرور جتوئيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 1952ع ڌاري ڳوٺ فريد خان جتوئي تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو سندس والد جو نالو قلب علي خان جتوئي هو هن شڪارپور جي تعليمي ادارن مان علم جي اڃ اجهائي مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئٽ جا امتحان پاس ڪيا ۽ ان بعد بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران اسٽوڊنٽس يونين جو صدر پڻ رهيو هن ملهه وڙهڻ جو ڏانءُ پنهنجي والد کان سکيو ۽ 1971ع ۾ باقاعدي ملهه وڙهڻ شروع ڪيائين پاڪستان کان علاوه افغانستان، روس ۽ ٻين ملڪن ۾ منعقد ٿيندڙ ملهه جي مقابلن ۾ پڻ شرڪت ڪيائين ملهه جي راند ۾ اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکارڻ سبب ڪيس ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو. جن ۾ لطيف ايوارڊ، قلندر ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي اعزاز ۽ سونا ٻلا شامل آهن افسوس جو 4 آڪٽوبر 1911ع تي نيڙهي ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 09 سال 2026 فيملي سوٽ 33 سال 2025

(1) مسمات نائلا ڌيء غلام رسول ذات ملڪ رهاڪو مهاجر محلا هالا اولڊ ضلعو مٽياري (2) بيبي ميرب ڌيء عاطف..پلينٽف..بخلاف.. عاطف ولد عبدالشڪور ذات ملڪ رهاڪو گهر نمبر 005480 ميوال پاڙو نزد اهل حديث مسجد ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج IX حيدرآباد
Defamation Suit No. 147 / 2026

گلبهار ڪوسو ولد احمد خان ڪوسو رهاڪو ڳوٺ جهنبو ڪوسو ٽنڊو حيدر ضلعو حيدرآباد.پلينٽف..بخلاف.. مسمات نصرت بيواهه عابد علي رهاڪو ڳوٺ جهنبو ڪوسو ٽنڊو حيدر ضلعو حيدرآباد 03120381502 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار Defamation and Recovery of Damages of 10,00,00,00,00,000/- لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 407 سال 2026

مسمات ثانيه ڌيء صادق علي زرداري رهاڪو ڳوٺ راڻو خان زرداري ديهه 26 اي نصرت تعلقودڙ.پلينٽف..بخلاف.. جنيد علي ولد غلام مصطفيٰ زرداري رهاڪو حقاني ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عرضدار نالي مسمات عابده بيواهه غلام مصطفيٰ برهماڻي رهاڪو جماڻي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته ان جو مڙس غلام مصطفيٰ برهماڻي ولد محمد جمن رهاڪو جماڻي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد جيڪو سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبل هو جيڪو تاريخ 03-09-2026 تي وفات ڪري ويو آهي ان پويان هيٺ ڄاڻايل جائز وارث ڇڏيا آهن (1) مسمات عابده (بيواهه) (2) عبدالستار (پٽ) (3) عبدالجبار (پٽ) (4) اسد علي (پٽ) (5) سڪندر علي (پٽ) (6) علي رضا (پٽ) (7) عائشه (ڌي) فوتي اسلام مذهب سان تعلق رکندو هو اگر انهن وارثن کان علاوه ڪو بيو فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا وارثي سرٽفڪيٽ ته ڪو اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دوستاويزي ثبوتن سان هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع پراڻو بلال پيلس يونٽ نمبر 07 لطيف آباد حيدرآباد وٽ روبرو يا وڪيل معرفت اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو لطيف آباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مير عبدالواحد ٽالپر ولد عبدالماجد رهاڪو ڳوٺ پائي خان ٽالپر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ناني عبدالماجد ولد عبدالواحد تاريخ 24-05-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين

ميرپور بٺورو لڳ ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، ڊرائيور فرار

محمود واهه اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽريڪٽر جي ٽڪر لڳڻ سبب عبدالقادر کهرائي زخمي ٿيو

زخمي کي تعلقه اسپتال بٺورو منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

ٽريڪٽر ڊرائيور فرار ٿي ويو آهي جنهن کي جلدي ٽريڪٽر سميت گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

ميرپور بٺورو(ن ع) ميرپور بٺورو سجاول روڊ تي محمود واهه اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽريڪٽر جي ٽڪر لڳڻ سبب سجاول واسي نوجوان عبدالقادر کهرائي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقه اسپتال ميرپور بٺورو منتقل ڪيو ويو جتي طبي امداد ڏني پئي وڃي ته ان دوران نوجوان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي سجاول جو رهواسي هو جڏهن ته ٽريڪٽر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سڪر: حادثي جو شڪار ٿيل ٽريڪٽر ۽ ڪار

ڪوٽڙي ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايم ايس پاران ايس ٽي پي اڳواڻ خلاف ڏنل درخواست جي جاچ اين سي سي آءِ حوالي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي ڄامشورو جي اڳواڻ يونس آوٽي ۽ ٻين خلاف ايم ايس ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڊاڪٽر برڪت لغاري پاران ڏنل درخواست وارو معاملو؛ ڪوٽڙيءَ جي عدالت معاملو اين سي سي آءِ جي حوالي ڪري ڇڏيو فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ڄامشورو تصور علي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري : ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي تهذيب رکي ٿي سنڌ اسان جو جياپو آهي: قادر مگسي

هاڻي حڪومت نئي هلي ته چئو ٿا ته اڇو زمين ورهايون ۽ انهن دهشتگردن جي حوالي ڪريون

قادر مگسي جي گلاب لغاري ويجهو مرحوم بشيراحمد سريوال جي نئين تي پهچي عذرخواهي بعد ميڊيا سان ڳالهين

گلاب لغاري (ن ع) سنڌ اسان جو مادر وطن آهي جيڪا هزارين سالن کان پنهنجي تهذيب رکي ٿي سنڌ اسان جو جياپو آهي هاڻي حڪومت نئي هلي ته چئو ٿا ته اڇو زمين ورهايون ۽ انهن دهشتگردن جي حوالي ڪريون جن سنڌ ۾ هميشه دهشتگردي ڪئي آهي جنهن لاءِ پهريون اهو ٻڌايو وڃي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

غوثپور پرسان پاڻي جي تلاءَ مان 35 ورهين جي پورهيت جو لاش هٿ

راشد اوڳاهي فجر جي نماز لاءِ گهران نڪتو واپس نه اچڻ تي وارثن پاران ڳولا جاري هئي

ڳوٺاڻن لاش تلاءَ مان ڪڍي سول اسپتال ڪنڌڪوٽ منتقل ڪيو پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) غوثپور ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ علي بخش اوڳاهي ڪاڪرو واري علائقي جو رهواسي پنجٽيهن ورهين جي پورهيت راشد اوڳاهي جو ڪچي واري علائقي ڳوٺ سردار خان سندراڻي پرسان پاڻي جي تلاءَ مان لاش هٿ. مقامي ڳوٺاڻن لاش کي ڊسي پاڻي جي تلاءَ مان ڪڍي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ باهه واقعي جي متاثر پورهيتن پاران معاوضي لاءِ احتجاج، جاچ جو مطالبو

جسقم اڳواڻ ديدار شام پاران باهه جي سببن ۽ ذميوارن کي جاچ ذريعي سامهون آڻڻ جي گهر

باهه سبب بي روزگار غريبن ۽ پورهيتن کي معاوضو ڏنو وڃي، نه ته احتجاج ڪيو ويندو: ڄاڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي پريس ترجمان ۽ جسقم اڳواڻ ديدار شام ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد چوڪ وٽ ڪچي مارڪيٽ ڪي لڳل باهه جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته واقعي پويان سببن ۽ ڪارڻ کي منظر عام تي آندو وڃي ڇو ته واقعي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: مزمل مسڻ قتل ڪيس ۾ سولنگي پاڻڻ پاران جوابدارن کي پناهه ڏيڻ واري الزام جي ترديد

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ غلام محمد سولنگي جي رهواسي پاڻڻ وسلام سولنگي ۽ معظم سولنگي نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته تقريبن چار مهينا اڳ نصيرآباد ۾ مسڻ برادري جي نوجوان مزمل مسڻ جو قتل ٿيو هو جنهن جو ڪيس نصيرآباد ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي ۽ ايف آءِ آر ۾ سولنگي برادري سان تعلق رکندڙ علي شير سولنگي، عبدالحڪيم سولنگي، حبيب سولنگي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ لاڏائو ڪٽنب پنهنجي عارضي اجهي ۾ ويٺل آهي

نوري آباد لڳ نانگ ڪکڻ سبب نوجوان فوت، علاج نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

ڳوٺ ڪڪو خان پالاري ۾ نوجوان مهربان کي نانگ جي ڏنگڻ بعد علاج لاءِ اسپتال آندو ويو

مبينا طور طبي سهولتون نه ملڻ سبب نوجوان فوت، وارثن جو 30 بيڊ اسپتال انتظاميا خلاف احتجاج

نوري اباد(ن ع) نوري اباد پرسان لوياچ جي ڳوٺ ڪڪو خان پالاري ۾ زهريلي نانگ جي ڪکڻ سبب نوجوان مهربان ولد سالار الدين پالاري فوت ٿي ويو وارثن ۽ علائقي واسين آزاد پالاري سرور پالاري موجب نوجوان کي زهريلي بلا جي ڪکڻ ڪاڻيو؛ علاج لاءِ نوري آباد جي گورنمينٽ 30 بيڊ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ مقتول نوجوان جي وارثن وٽ ميڙ پهتو، مک جوابدار پوليس حوالي ڪرڻ جو مطالبو

خير محمد آريجا ۾ ڪجهه مهينا اڳ معمولي ڳالهه تان ٿيل نوجوان رياض حسين آريجو قتل ٿيو هو

جوابدار ڌر معززن سان گڏ پاڪ ڪتاب کڻي مقتول جي وارثن وٽ پهتي، ٽن ڏينهن جي مهلت طلب

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ خير محمد آريجا ۾ معمولي ڳالهه ٻينچ تي ويهڻ تان ٿيل جهيڙي دوران قتل ٿيل نوجوان رياض حسين آريجو وارو ماسرو جوابدار ڌر پاران قرآن پاڪ کڻي سيد چڳا مڙس معزز ماڻهو ساڻ ڪري مقتول جي وارثن وٽ ميڙ منٿ ڪافلو پهتو مقتول جي ڌر پاران واقعي ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مزدوري جي پئسن تان پورهيت جي قتل ڪيس ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار

وڏي مڇي مارڪيٽ واري علائقي ۾ پورهيت جو تيز ڌار اوزار سان ڳلو ڪپي قتل ڪيو ويو هو

ملوث جوابدارن مشتاق شيخ، عبدالقادر ڪوري ۽ شهزور ڪهاڙ کي گرفتار ڪيو ويو، جاچ جاري

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس اٽڪل مهينو اڳ مزدوري جي پئسن جي ڏيتي ليتي واري معاملي تان تيز ڌار اوزار سان ڳلو ڪپي قتل ڪيل پورهيت علي حسن ميراڻي جي قتل ڪيس ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: عوامي تحريڪ پاران ريلي ڪيي پئي وڃي

بدين لڳ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ٽڪر، فوجي اهلڪار فوت، گهر ۾ ڪهرام

نيو باءِ پاس گرين سٽي لڳ ٽرڪول روڊ تي ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ علي گوهر انڙ سخت زخمي، انڊس اسپتال ۾ علاج دوران فوت

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، پوليس رپورٽ داخل ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي

بدين/ ٽنڊوباگو (نمائندن وٽان) بدين شهر جي نيو باءِ پاس گرين سٽي لڳ ٽرڪول روڊ تي ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ ملڪاڻي شريف لڳ ڳوٺ فضل واڍو جو رهواسي فوجي اهلڪار علي گوهر انڙ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ انڊس اسپتال بدين منتقل ڪري داخل ڪيو ويو. حادثي ۾ علي گوهر انڙ جي بنهي ٽنگن ۽ مٿي ۾ شديد ڌڪ لڳا هئا، جتي هو علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو.

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سکر: هڪ نلڪي تان شهري پاڻي ڀري رهيا آهن

ٽنڊوڄام ۾ شاگردن جو احتجاج، شبير سنڌي ۽ سچل سنڌي جي آزادي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي جي شاگردن پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي جي قومپرست شاگرد اڳواڻن شبير سنڌي ۽ سچل سنڌي جي آزادي لاءِ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. انهي موقعي تي عثمان سنڌي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شبير سنڌي ۽ سچل سنڌي ملڪ دشمن نه پر سنڌ دوست آهن هنن کي سنڌ سان عشق ڪرڻ ۽ شاگردن جي حقيقي مسئلن لاءِ آواز اٿارڻ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

مورو پرسان بااثر وڏيري جو پورهيت تي تشدد، انصاف لاءِ ڳوٺاڻن جو مظاهرو

ڳوٺ منگو خان ڏهر واسين صدام، طارق ڏهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثر جوابدارن چنل کي زخمي ڪيو آهي، پوليس دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، انصاف ڪيو وڃي

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ منگو خان ڏهر جي رهواسي پورهيت محمد چنل ڏهر مٿان زمين تي سٽل هاري مٿان لٺين جو وسڪارو ڪري ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي رپورٽ بااثر وڏيري مرتضيٰ ڏهر، صداقت علي وقار ڏهر مٿان فريد ديرو ٿاڻي تي داخل پوليس جوابدارن کي گرفتار

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

جمال شاهه چوڪ وٽ حادثي ۾ 15 ورهين جو شاهد ولد سانول سومرو زخمي ٿي پيو

زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد باءِ پاس جمال شاهه چوڪ وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ سوار موٽرسائيڪل سوار 15 سالا نوجوان شاهد ولد سانول سومرو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ قاضي احمد اسپتال بعد ڳڻتي جوڳي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور پرسان ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي همراهه زخمي، گاڏي ۽ روڪ رقم ڦر

ڪڙيوگهنور(ن ع) هٿياربندن هٿان موٽرسائيڪل سميت روڪ رقم جي ڦر مزاحمت تي ڪڙيوگهنور واسي ڏوهارين هٿان زخمي ايمرجنسي حالت ۾ تعلقه اسپتال گولاڙچي ريفر. ڳوٺ واحد ڏنو خيبر وٽ ٽن نامعلوم هٿياربند ڦورن ڳوٺ ڪاٽ ٻانهڻ واسي ساٿي وڪيو مهيري جي رستا روڪ ڪري هٿيارن جي زور تي وڪاس روڪ رقم سميت سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2024 ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي موٽرسائيڪل سوار طرفان مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن ڪيس مٿي ۽ پٺن ۾ پسٽل جا

گهوٽڪي پرسان هٿياربندن جي پيٽرول پمپ تي چڙهائي، لکين رپين جي ڦرلٽ

چيزل آباد اسٽاپ تي سپنا پمپ جي ملازمن کي هٿياربندن يرغمال بڻايو

هٿياربند 2 لک ستر هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: مينيجر

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي پرسان چيزل آباد اسٽاپ وٽ اڄ ڄاتل هٿياربند سپنا پيٽرول پمپ جي ملازمن کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري لکين رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا هوڏانهن پيٽرول پمپ جي مينيجر وسيم سولنگي ٻڌايو ته اڄ ڄاتل ٻٽ ٻڌل هٿياربند اسان کي آفيس ۾ يرغمال ڪري 2 لک

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران جوابدارن کي منشيات ۽ چوري جي موٽرسائيڪلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بي سيڪشن، سوراهه، فيض گنج، ٽنڊومستي، اڪنامڪ زون ۽ ٻين هنڌن تي ڪارروايون ڪيون: ايس ايس پي

ڇاپن دوران بابر عرف بلو منگنهار، دلشاد شاهه، جان محمد عرف امام ڏنو ملاح، نوروز ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو

گرفتار جوابدارن وٽان چوري ٿيل 3 موٽرسائيڪلون ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور پوليس جو منشيات فروشن ۽ ٻين جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، 12 جوابدار گرفتار، چوري ٿيل 3 موٽرسائيڪلون ۽ منشيات هٿ تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن، گٽڪا وڪرو ڪندڙن ۽ ٻين ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي وڏيڪ 12

حيدرآباد: پورهيت اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص ۾ ٻن نياڻين جي مبينا اغوا جو الزام، پيءُ پاران بازيابي ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي جي اپيل

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) واسي نياز علي لاڪو ٻن معصوم نياڻين جي اغوا خلاف دانهندي چيو آهي ته منهنجي ٻن ڌيئرن کي سنڌن ويڳو ياءُ صفدر لاڪي اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي جن کي بازياب ڪرائي جوابدار خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، حيدرآباد ۾ ميڊيا اڳيان دانهندي ريلوي جي رٽائرڊ ملازم نياز علي لاڪو چيو ته سندس ڌيءَ 13 ورهين جي پارس نياز

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ قتل ٿيل عجيب آريجو جو ڪيس ٽن جوابدارن خلاف داخل

مقتول جي امڙ الهڏني خاتون جي فرياد تي طاهر آريجو ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪرايو

جوابدار نوڪري ڏيڻ بهاني 15 لک رپيا ورتا گهرڻ تان پٽ کي قتل ڪيو آهي: موقف

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي علائقي ٻهارو ٿاڻي جي حد ٻهارو شهر ۾ ٻه ڏينهن اڳ مبينا پئسن ڏيتي ليتي تان قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جو قتل ڪيس ٻهارو ٿاڻي تي سندس امڙ الهڏني خاتون جي فرياد تي ٽن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ نامزد جوابدار طاهر آريجو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي عوام کي قبائلي جهيڙن ۾ الجهايو ويو آهي: مشتاق سرڪي

اڄ نه، مستقبل جي معمارن لاءِ تعليم سان گڏ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪريون

نوجوانن کي جوڙيندس نه گاڏي واري شهر ڪراچي اچو ۽ اسين اوهان کي روزگار ڏيارينداسون

سڱيون (ن ع) سڱيون پرسان ڳوٺ سليمان پاڳٽ ۾ سينيئر صحافي اينڪر پرسن مشتاق احمد سرڪي جي مان ۾ آجياڻو تقريب منعقد ان سلسلي ۾ سڱيون جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ محمد سليمان پاڳٽ، ڳوٺ محمد لائق مشوري ۽ ڪرم قريشي ۾ مشتاق احمد سرڪي، مير ضمير حسين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو پيرسن ڍنڍ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ وريام جتوئي واسي 60 ورهين جو سائين داد ڍنڍ ۾ ٻڏي ويو

اطلاع تي ڳوٺاڻن پهچي لاش ڪڍي گهر پهچايو ته ڪهرام مچي ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ ڍنڍ ۾ ٻڏي 60 ورهين جو مال جو واپاري فوت ٿي ويو ذريعن موجب ته سانگي ۾ ڳوٺ وريام جتوئي جو رهواسي مال جو واپاري سائين داد جتوئي پاڻي جي ڍنڍ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو ڳولا بعد لاش هٿ ڪيو ويو آهي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، واقعي واري هنڌ سوين ڳوٺاڻا گڏ ٿي ويا

مقتول رياض حسين آريجو جا وارث ڏانهن ايل منٽ ميڙ قافلو

سوڀوديرو لڳ ذهني مريض پيءُ ڄنگهن کان معذور ڌيءُ کي واٽر ۾ گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ علي بخش چانڊيو واسي جمن چانڊيو 12 ورهين جي ڌيءُ رابيل خاتون کي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

پوسٽ مارٽم (رپورٽ ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ واقعي جا وڌيڪ حقيقتون سامهون اچي سگهنديون: پوليس

گمبٽ/ سوڀوديرو (نمائندن وٽان) ڳوٺ علي بخش چانڊيو ۾ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي 12 ورهين جي ٻنهي ڄنگهن کان معذور نينگري کي سندس والد پاران مبينا طور پاڻي جي واٽر ۾ گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ جو واقعو پيش آهي جڏهن ته قتل ڪندڙ سندس والد گرفتار ذريعن جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ گرفتار ڪيل نينگري مسمات رابيل جو والد جمن چانڊيو مبينا طور ذهني بيماري ۾ مبتلا ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته ان حوالي سان پوليس پاران وڌيڪ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران هفتي ۾ 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

لکي غلام شاهه(ن ع) شڪارپور جي ٿاڻي نيو فوجداري ۽ اسٽوٽ گنج پوليس پاران منشيات خلاف جاري مهم دوران هڪ هفتي جي مجموعي ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي جنهن تحت پوليس ڪارروايون ڪندي 10 منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير ۽ ايس ايس پي شڪارپور

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: بيهوش ٿيل احتجاج ڪندڙ ملازم کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ٽنڊوآدم لڳ رولو ڪتن جو آزار، هڪ ڏينهن اندر 3 ٻارڙن کي ڏاڙهي زخمي ڪيو، ويڪسين اڻلڀ

مختلف علائقن ۾ نينگري پروين، بابر پٽ وزير خاصخيلي ۽ نصير پٽ گل محمد سولنگي کي ڪتن زخمي ڪيو

زخمين کي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي ويڪسين نه هجڻ سبب شهدادپور جي سمس اسپتال ريفر ڪيو ويو

گذريل 2 مهينن دوران 14 ڄڻن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي جن مان 4 ڄڻا حياتيون وڃائي ويٺا

ٽنڊوآدم (رپورٽ شيراز سمون) ٽنڊوآدم لڳ رولو ڪتن جو آزار هڪ ڏينهن اندر نينگري سميت 3 ٻارڙن کي ڏاڙهي وڌو ويڪسين اڻلڀ 2 مهينن دوران 14 ڄڻن کي ڏاڙهي وڌو 4 ڄڻا حياتيون وڃائي ويٺا علائقي ۾ خوف جي لهر ڇانيل رپورٽ موجب ٽنڊوآدم لڳ يوسي ڪنب ڏاڙهون ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ڪتن جي چڪڻ جا واقعا 63 سيڪڙو وڌي ويا، انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي

سول اسپتال حيدرآباد سميت 9 صحت مرڪزن تي اينٽي ريبيز ويڪسين 24 ڪلاڪ موجود آهي، ڊپٽي ڪمشنر

ڪتي جي چڪڻ جي صورت ۾ زخم کي صابڻ ۽ پاڻي سان 15 منٽن تائين ڌوئي فوري طبي مرڪز پهچڻ جي هدايت

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ ڪتن جي چڪڻ جي وڌندڙ واقعن بابت اجلاس، گڏيل قدمن ۽ مؤثر نگراني تي زور ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر ڪمپليڪس ۾ ضلعي اندر ڪتن جي چڪڻ جي وڌندڙ واقعن ريبيز کان بچاءَ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دڙو بيلو روڊ فائرنگ ڪيس: 15 ورهين جي مُرڪ ميمڻ جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، اجلاس طلب

آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جو اڄ هنگامي اجلاس طلب، شٽربند هڙتال سميت اهم فيصلا ڪيا ويندا

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي پاران مقتولا جي وارثن سان تعزيت، اصل جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جي خاطري

مُرڪ ميمڻ قتل ڪيس ۾ اڳيرائي ٿي آهي، سهولتڪارن ۽ سائين کي به بخشيو نه ڪيو ويندو: صوبائي وزير

دڙو (ن ع) دڙو بيلو روڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل مُرڪ ميمڻ جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي طرفان آچر تي هنگامي اجلاس طلب، دڙي ويجهو بيلو روڊ تي 8 ڏينهن اڳ هٿياربندن پاران هاءِ روف ڪيري تي فائرنگ ڪري 15 ورهين جي نينگري مُرڪ ميمڻ کي قتل ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جوابدارن جي گرفتاري ۾ دير خلاف آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي طرفان آچر ڏينهن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

امن امان کي بهتري لاءِ سنڌ حڪومت ڪم ڪري پئي: ڄام اڪرام الله ڌاريجو

صحافي عظيم سيال جي وارثن سان رابطي ۾ هئس پوليس 24 ڪلاڪن ۾ ڪيس بازياب ڪرايو

تڪ جي مختلف 8 روڊن جو افتتاح ڪيو آهي، رهيل ڪم پڻ جلد مڪمل ڪيا ويندا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ صوبائي وزير ڄام اڪرام ڌاريجو نڪراڻو ۽ ان جي اس پاس واري علائقن 8 روڊن جو افتتاح ڪري ڇڏيو جلد مڪمل ڪرڻ جو فيصلو صوبائي وزير ڄام اڪرام الله ڌاريجو ميڊيا ان ڳالهائيندي چيو ته اسان روڊن جو چار رڇايو آهي ٻن سالن ۾ 90فيصد روڊ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پريس ڪلب جي ميمبرن کي طبي ڪيمپ ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

نوشهروفيروز جيل جي بجلي بند ڪرڻ تان ٻن سيپڪو ملازمن تي تشدد، احتجاجي ڌرڻو

بجلي جي فٽنگ مان ڪنڊڻ تان جيل اهلڪارن عرفان راجپوت ۽ فياض ملڪ کي گرفتار ڪري ورتو

واقعي خلاف سيپڪو ملازمن سڄي شهر جي بجلي بند ڪري ٿاڻي آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو

8 ڪلاڪ ڌرڻي بعد 6 اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ٿيڻ ۽ ايس ايس پي جي جيل جي معافي بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) نوشهروفيروز ۾ سيپڪو عملي پاران غير قانوني طور بجلي جي فٽنگ سان ڪنڊڻ تان ڊسٽرڪٽ جيل پوليس ۽ سيپڪو ملازمن عرفان راجپوت ۽ فياض ملڪ کي گرفتار ڪري ورتو جنهن بعد سيپڪو ملازم يونين اڳواڻن پاران سڄي شهر جي بجلي بند ڪري ايس ڊي او سيپڪو جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي فاروق ڪلهوڙو، ساجد هڪڙو،لياقت مشوري،ڪبير وسطڙو،اياز ملڪ ۽ ٻيا ڪري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: پوليس احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪري رهي آهي

اسلام ڪوٽ ۾ سنت نيٽورام چيريٽيبل اسپتال جي مفت طبي ڪيمپ، 800 کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس

اسلام ڪوٽ (ن ع) سنت نيٽورام چيريٽيبل اسپتال جي مفت طبي ڪيمپ، 800 کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس،

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد : فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڏگهڙي ۾ ايس ٽي پي جو جلسو، قادر مگسي پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف پرامن سياسي جدوجهد جو اعلان

سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ سنڌو درياهه بابت فيصلا سنڌ جي عوام جو حق آهن: ڊاڪٽر قادر مگسي

ڪرپشن ۽ فنڊن ۾ مبينا بي ضابطگين جي احتساب جو مطالبو 15 نومبر تي ڪراچي ۾ جلسي جو اعلان

ڏگهڙي(رپورٽ/نصيراحمد قريشي) ڏگهڙي سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته "سنڌ منهنجي ماءُ" رڳو نعرو ناهي، پر لکين ماڻهن جو پنهنجي ڌرتيءَ سان تاريخي ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي انتظامي ورهاست جي ڪنهن به قدم کي قبول نه ڪيو ويندو: اياز حسين ٿيبو

عوامي حقن جي تحفظ لاءِ وڪيل برادري پنهنجو آئيني ۽ قانوني ڪردار ادا ڪندي رهندي: عامر وڙائچ

وڪيل برادري پاران 17 آڪٽوبر تي خيرپور ۾ آل سنڌ لائرز ڪنوينشن ڀيهر سڏايو ويندو: ڪي بي لغاري

سنڌ جي مختلف بار ايسوسيئيشنز جي نمائندن ۽ وڪيل اڳواڻن کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌجي سمورن وڪيل پاران سنڌجي اسڪائي ورهاست کي رد ڪندي اعلان ڪيو آهي ته سنڌجيجل ماءُ آهي ان جي مڪمل طور حفاظت ڪنداسين سنڌ هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ آهي اها سنڌ مڪمل رهندي سنڌجي اسڪائي ورهاڱي واري معاملي کي رد ڪريون ٿا جيڪڏهن زبردستي سنڌ ۾ يونٽ ڏاهڻ جي ڪوشش

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن ۾ واپاري برادري جو پوليس اهلڪار خلاف احتجاج

اهلڪار اختر علي پلي کي ٿاڻي تي ڪئي ويل مبينا رشوت نه ڏيڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويو

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن:مظاهرين

دولتپور صفن(ن ع) پوليس اهلڪار خلاف ڪاروباري شهرين ۾ ٺاءِ، مبينا زيادتين خلاف انصاف جي گهر دولتپور صفن ۾ پوليس اهلڪار عزيز الله ڪورائي خلاف شهرين ۽ ڪاروباري برادري ۾ بيچيني پکڙجي لڳي آهي شهرين جو الزام آهي ته ڇاڻايل اهلڪار پاران عام شهرين ۽

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: پيءُ هٿان قتل ٿيل ناري جو لاش ۽ جوابدار

سنڌ حڪومت سهولتون فراهم ڪري فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي کي هٿي وٺرائي رهي آهي:محمد علي ملڪاڻي

سنڌ حڪومت مالوند ماڻهن ۽ ماهيگيرن جي بهتري لاءِ مختلف رليف فراهم ڪري پئي، جنهن سان روزگار ۾ اضافو ۽ خوشحالي ايندي

پ پ جڏهن به حڪومت ۾ آئي آهي ته بنا فرق جي پڙهيل لکيل ۽ اهل نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا آهن

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي غلام حسين ڪٽي جي گهرواري جي وفات تي تعزيت بعد صحافين سان ڳالهيون

جاتي (رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) سنڌ جي صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي چيو آهي ته سنڌ حڪومت مالوند ماڻهن ۽ ماهيگيرن جي بهتري لاءِ مختلف رليف ۽ سهولتون فراهم ڪري فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ جي شعبي کي هٿي وٺرائي رهي آهي. جنهن سان ماهيگيرن ۽ مالوند ماڻهن جي روزگار ۾ اضافو ۽ خوشحالي ايندي هن اهڙن خيالن جو اظهار جاتي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ غلام حسين ڪٽي جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: سرڪاري دوائون کي ڏنل باهه جو ڏيک

نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي تجويزن کي رد ڪريون ٿا: رياض چانڊيو

سنڌ جي درياهن، گئس ۽ ٻين قدرتي وسيلن تي سنڌ واسين جو حق تسليم ڪرڻ جو مطالبو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪلب ۾ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌ وطن آهي سنڌ کي ٽوڙڻ جي پنجابين جي سازش ڪڏهن به ڪامياب نه

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم مان هٿياربند مال جي واپاري کان لکين رپيا ڦري ويا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ڪنڊو روڊ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

بدين: زخمي ٿيل شخص اسپتال ۾ داخل آهي

سکر ۾ ميڊيڪل اسٽور مالڪن پاران شٽربند ڪري ايف بي آر پاليسي خلاف احتجاج

مظاهرين پي ايم اي هائوس کان ريلي ڪڍي ايف بي آر جي پاليسي خلاف نعريبازي ڪئي

جائز مطالبن جي مڃتا ۽ خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (PMA) سکر پاران اڄ وفاقي بورڊ آف روينيو (FBR) طرفان لاڳو ڪيل پوائنٽ آف سيل (POS) پاليسي خلاف مڪمل شٽر ڊائون احتجاج ڪيو ويو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

متياري ۾ سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻي ٿي گذري

محمد بچل ميمڻ جو نوجوانن جي ادب سان گهٽ دلچسپيءَ تي مقالو

گڏجاڻي ۾ واڻي، شاهه جا شعر، آڪاڻي ۽ غزل پيش، مختلف ادبي موضوعن تي تخليقون ٻڌايون ويون

متياري (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ متياريءَ جي دستوري گڏجاڻي زير صدارت ڦقن احمد سومرو جي اڳواڻي ۾ ٿي گذري جنهن ۾ هيلين دوستن شرڪت ڪئي سهراب ٻاکي واڻي ۽ شاهه جا شعر محمد بچل ميمڻ مقالو ادب جي آبياريءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪردار ۽ نوجوانن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: هڪ پورهيت هٿ گاڏي تي سامان کڻي وڃي رهيو آهي

هالا مخدوم امين فهيم ڪالوني ۾ بجلي چوري واري معاملي تي ٽرين ۾ ناهه

صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي نوٽيس تي ٻنهي ڌرين جا اختلاف ختم

مخدوم امين فهيم ڪالوني جي ٽرانسفارمر مان بجلي چوري نه ڪرڻ جي پابندي

هالا (ت ر) هالا ۾ بجلي چوري واري معاملي تي ڌرين ۾ ڪاهه خراب ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ جو مطالبو هالا پريس ڪلب

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ورهائڻ ۽ نون ڪئنالن ٺاهڻ خلاف ٽنڊوڄام ۾ عوامي تحريڪ جي جاڳرتا ريلي

چينل موري کان شروع ٿيل ريلي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان ٿيندي

ٽنڊوڄام (ت ر) عوامي تحريڪ ضلعي حيدرآباد پاران سنڌ کي ورهائڻ، زمين ۽ معدني وسيلن تي مبينا قبضن، جلاليپور سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعميرن 28هين آئيني ترميم ۽ مهانگائي خلاف چينل موري کان عوامي جاڳرتا ريلي ڪيي وئي جيڪا عثمان شاهه راهوڪي ۽ ٽنڊو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ مهانگائي عروج تي، واپاري مالي مشڪلاتن جو شڪار

کاڌ خوراڪ، گئس ۽ پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ سان عوام جي قوت خريد گهٽجي وئي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ مهانگائي عروج تي ڪاروباري سرگرمين متاثر واپاري طبقومالي مشڪلاتن جو شڪار پنڊ وارن جو انگ وڌڻ لڳو ڏگهڙي شهر ۾ وڌندڙ مهانگائي بيروزگاري ۽ عوام جي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو پرسان مال جو واپاري 5 ڏينهن کان پراسرار طور گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو پرسان ڳوٺ عليم ڪلهوڙو واسي چوپائي مال جو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش وارثن پرسان پيل آهي

خيرپور بار جي سڏ تي سنڌ جي ورهاڱي خلاف وڪيلن جي احتجاجي ريلي

خيرپور(ڊ ر) سنڌ بار ڪائونسل پاران سنڌ جي ورهاڱي جي مخالفت ۾ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ احتجاجي ريليون ڪڍڻ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ريلوي جي پراپرٽي غيرقانوني قبضن خلاف ڪارروائي، غيرقانوني قبضا ختم ڪرايا ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ريلوي جي پراپرٽي ۽ زمينن تي ٿيل غيرقانوني قبضن خلاف ريلوي انتظاميا پاران وڏي ڪارروائي ڪئي وئي ڊي ايس جي حڪم تي ريلوي جي زمينن تان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن ڪيو ويو ڪارروائي دوران ريلوي جي ملڪيت تي قائم پراڻن غيرقانوني قبضن کي ختم ڪرايو ويو آهن ريلوي اختيارين موجب ريلوي جي ملڪيت

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه لڳ مڊل اسڪول بند هجڻ ڪري 3 سئو کان ٻارڙا تعليم کان محروم

ڳوٺ لوهرا واسي ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ شاگردياڻين اسڪول جي بندش خلاف احتجاج ڪيو

حڪومت عمارت تعمير ته ڪرائي آهي پر استاد مقرر نه ٿيڻ ڪري ٻار تعليم کان محروم آهن

لکي غلام شاهه(ن ع) اسڪول جي شاندار عمارت تعمير ٿيل آهي جنهن ۾ 7 ڪلاس روم ۽ وڏو ورانڊو پڻ موجود آهي پر عمارت تيار ٿيڻ باوجود اسڪول ۾ تعليمي سرگرميون شروع نه ڪرايون ويون آهن اسڪول بند هجڻ سبب عمارت ويران بڻجي وئي آهي جڏهن ته مقامي ماڻهن جو چوڻ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٻيراڻي لڳ قتل ٿيل فراز مري جي تدفين، پوليس شڪي جوابدارن کي گرفتار ڪيو

آخري رسمن ۾ رئيس اڪبر مري سميت علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي دلشير خاصخيلي ۽ ٻين کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

ڄام نواز علي(ن ع) ٻيراڻي ٿاڻي جي حد، ڳوٺ راجا خان مري جي رهواسي 20 ورهين جي نوجوان فراز مري ولد گل حسن مري جو رات دير سان سوين اکين سان مٽي ماءُ حوالي سندس جنازي نماز ۾ پ پ جي رئيس اڪبر مري حاجي حاڪم مري سميت علائقي جي معززين سياسي سماجي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي غير قانوني وڪري خلاف ڪارروايون

مختلف هنڌن تان جوابدار سارنگ، امجد مهر ۽ عابد علي سڏايو کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان 540 ليٽر ڊيزل هٿ ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پيٽرول ۽ ڊيزل جي غير قانوني خريد، وڪري، ذخيره اندوزي ۽ ڪليل وڪري خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رکي رهي آهي پوليس درهيا ويجهو ڪارروائي دوران ڊيزل جي غير قانوني خريد، وڪري ۽ ذخيره اندوزي ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ۽ انهن جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ديرو ۾ ڳوٺاڻن جو اڳڙا پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، ڦرلٽ هڪ ڄڻي ڪنهڻ جا الزام

مظاهرين ڪامريڊ وسيم راجا ڪوري، سيف الرحمان، آفتاب، غلام سرور ڪوري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گهر تي ڌاڙيلن جيان هلان ڪري پوليس عورتن ٻارن تي تشدد ۽ ڦرلٽ بعد ديدار کي کڻي وئي آهي: مظاهرين

گوهر ڪوري جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو جيڪو ڪيس ۾ گهربل آهي، ڪابه ڦرلٽ ناهي ڪئي: پوليس

راڌڻ ديرو(رپورٽ: قربان علي گلال) راڌڻ ديرو شهر ۾ اڳڙا پوليس جي ال صبح جو مرحوم شهمير ڪوريءَ جي گهر تي ڌاڙيلن جيان هلان ڪري چڙهائي ڪئي گهر اندر دهشتگردن جيان داخل معصوم ٻارڙن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽالهي پوليس جمعدار جي صحافي سان بدتميزي ۽ ڌمڪين خلاف قلم ڏائون جو احتجاج

صحافي غلام مرتضيٰ آرائين بدسلوڪي خلاف صحافي برادري جو مظاهرو نعريبازي

ڊي ايس پي ڪنري حنين قريشي پاران معاملي جي جاچ ۽ جمعدار کي طلب ڪرڻ جي خاطري

ٽالهي (ن ع) ٽالهي ٿاڻي تي مقرر پوليس جمعدار الهرکيو هوت پاران پريس ڪلب ٽالهي جي جنرل سيڪريٽري صحافي غلام مرتضيٰ آرائين سان بدسلوڪي بدتميزي ڪرڻ خلاف ٽالهي نبي سر روڊ ڪنري

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنري تعلقي اسپتال ۾ سرڪاري دوائن ۽ انجڪشن ساڙڻ جو انڪشاف

دوائون ڪچري ۾ اڇلائي ساڙڻ سبب بدبودار دونهون پکڙجڻ تي ٻاڙي وارن جو احتجاج

شهرين جي مسڪين غريب مريضن کي دوائن ڏيڻ بدران ملي خارج جي بهاني دوائن ساڙڻ جو نوٽس وٺڻ جي اپيل

عمرڪوٽ(رپورٽ قاضي يوسف) تعلقه اسپتال ڪنري جي انتظاميا ٽالهلي ۽ هٿ ڌرمي جي حد ڪندي وڏي تعداد ۾ سرڪاري دوائون، گوريون، انجڪشن وغيره ڪچري ۾ اڇلائي باهه ساڙي ڇڏيون ڏيڪ سبب علائقي ۾ بدبودار دونهون پکڙجڻ دوران ٻاڙي وارا تنگ ٿي اسپتال جي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.